


# جوڳيئڙا جهان ۾

(سفرنامو)

فيض کوسو

اڳوڻو سفير

# جوڳيئڙا جهان ۾

(سفرنامو)

## فيض کوسو

اڳوڻو سفير

**كتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**


- ڪتاب جو نالو: جوڳيئڙا جهان ۾
- موضوع: سفرنامو
- ليکڪ: فيض کوسو (اڳوڻو سفير)
- ڇاپو: پهريون
- سال اشاعت: 2020ع
- تعداد: 500
- ڇپيندڙ: پارس پرنٽنگ ايجنسي حيدرآباد
- قيمت: 250 روپيه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.


Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ٻه اکر

# ”فيض ـ ليکڪ جي روپ ۾.“

فيض محمد ڪوسو منهنجو سڳو ماروٽ آهي پر اسانکي (يعني منهنجي ڀاءُ هدايت بلوچ، فيض ۽ مونکي) دوست ٿي ڀائر سمجهندا آهن. حقيقت ۾ اها آهي. اسان جون هڪ ٻئي سان قربتون، محبتون ۽ حُجتون مثالي ڀائرن واريون رهيون آهن.

مونکي بيحد خوشي ٿي آهي ته فيض چين جو سفر نامو لکي ورتو آهي جتي هو ستر جي پوئين ڏهاڪي ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري جي عهدي تي فائز هو. هئڻ ته ايئن کپندو هو ته اهو سفر نامو 1980 جي ڏهاڪي اندر ڇپجي وڃي ها پر شايد هوندا ڪي اهڙا سبب جن جي ڪري سندس ڪتاب وقت تي شايع ٿي نه سگهيو. پر فارسي چواڻي ته ”دير آيد، درست آيد“ (دير ٿي پر پوءِ به بهتر ٿيو) سفر نامو ڇپجي مارڪيٽ ۾ پهچي ويو، اها ڳالهه وري به غنيمت آهي.

مونکي ته سچ پچ سفرنامو پڙهندي ڏاڍو مزو آيو. فيض جي ٻولي ادبي نه پر هر روز ڳالهائجندڙ ٻولي (COLLOQUIAL LANGUAGE) آهي، ائين جيئن ”تون - مان“ هڪ ٻئي سان وينا ڳالهايون. ان ٻوليءَ جو به پنهنجو انداز ۽ لطف آهي. فيض ڳالهه مان ڳالهه ڪڍندو، چين جو احوال دلچسپ نموني ۾ ٻڌائيندو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي پنهنجي بيان ۾ ربط قائم نه ڪري سگهيو آهي پر شايد اهو به فقط ڳالهائجندڙ ٻوليءَ جي استعمال سبب.

مصنف پنهنجي سفر نامي جي شروعاتي صفحن ۾ دنيا جي عظيم ليڊر ذوالفقار علي ڀٽي جي قاسيءَ جو ذڪر به ڪيو آهي. ڀٽي صاحب کي جڏهن شهيد ڪيو ويو ته فيض

نڌهن چين ۾ موجود هو. هو لکي ٿو تہ ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ تي چين ۾ پاڪستان جي سفارتخاني تـوڙي ٻـين ماڻهن ۾ سخت غم ۽ غصي جي لهر ڇانئجي وئي هئي. فـيض، سـندس دوسـتن ۽ ڀٽـي صـاحب جـي بيشـمار پرسـتارن جـي گـڏيل ڪوشـشـن سان پيڪنگ ۾ ڀٽـي صاحب (شـهيد) جي جنـازي نماز ادا ڪئي وئي. ڪجهہ جيالن ۽ جوشيلن طرفان ضيا مرده باد ۽ ڀٽو زنده باد جا فلڪ شگاف نعرا پڻ بلند ڪيا ويا.

هتـي پاڪسـتان ۽ خاص طـرح سان سـنڌ ۾ تـہ صـفا ماتمي ماحول پيدا ٿي ويو هو. مون بہ تڏهن ڀٽي صاحب جي شهادت تي ڪافي شعر ۽ قطعا لکيا هيا. عقيدت جو نذرانو حاضر آهي:

حق جي خـاطر جان گنوائي، ڏونگـر جيـڏي ڏات ڏئـي ويـو.
ڪـوڙ جي مُنهن ۾ ڌوڙ وجهي ۽ سچ سندي سوغات ڏئـي ويـو.
سو سرويچ ۽ سورهيہ سنڌي، مـوت کـي ماري مات ڏئـي ويـو.
”جيئي ڀٽو، جيئي ڀٽو“ هر جا وائي وات ڏئي ويو.

شهيد ڀٽي جو ذڪر نـڪري ۽ ان جي عظـيم نيـاڻي شـهيد بينظير ڀٽـو (DAUGHTER OF THE EAST) جيڪـا عـوام جي خدمت ڪندي ۽ پنهنجي پيءُ جي تقليد ڪندي پاڻ بـہ عظـيم شهادت جو رتبو ماڻيو، جو ذڪر نـہ ڪجي تـہ ناانصافي ٿيندي. سندس خدمت ۾ پڻ عقيدت جو نذرانو پيش ڪريان ٿو:

ڏيهہ جي رڻ رُڃ ۾، حيرت سندي هُبڪار هئـي.
هن سڄي سنسار لئہ، جڳ پاڻ هيـرن هـار هئـي.
هڪ اڪيلي راڄ راڻي، سنڌ جو سينگار هئـي.
هونئن نماڻي نار هئي، پر ڏاڍ لئہ ڏهڪار هئي.

چين جي عظيم ليڊرن مائوزي تنگ ۽ چُو اين لاءِ جو ذڪـر بہ ليکڪ تفصيل سان ڪيـو آهي. مائوزي تنـگ جي مشـهور ثقـافتي انقـلاب (CULTURAL REVOLUTION) بابـت بـہ وضـاحت

سان ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ڪيئن نہ ثقافتي انقلاب چين جي ترقيءَ جي رفتار کي روڪي ڇڏيو ۽ چين ترقيءَ ڏانهن گامزن ٿيڻ جي بجاءِ تباهيءَ طرف هليو ويو. فيض اهو بہ لکيو آهي تہ Cultural Revolution سبب چين جا ماڻهو مائو جي خلاف ٿي ويا، پر ڇو اين لاءِ جيڪو مائوزي تنگ جو سچو ساٿي هو، ان مائو خلاف ڪڏهن بہ نہ ڳالهايو.

مائو جي ذڪر سان گڏ "GANG OF FOUR" جو ذڪر بہ وضاحت سان ڪيو ويو آهي تہ هن گئنگ ڪيترن ئي بيگناهہ ماڻهن سان گهڻيون ئي زيادتيون ۽ ظلم ڪيا.

سفر نامي ۾ چين جي ديوار (GREAT WALL OF CHINA) جو ذڪر بہ تفصيل سان ڪيل آهي، ياد رهي تہ اهڙي ڏگهي ۽ تاريخي ديوار سڄي دنيا ۾ ٻيو ڪٿي بہ ڪانهي، جيڪي بہ سياح چين گهمڻ وڃن ٿا تہ اُنهن لاءِ چين جي ديوار ڏسڻ ائين لازم ۽ ملزوم آهي جيئن سنڌ جي سير ڪرڻ واري سياح لاءِ، موهن جو دڙو، سنڌوندي ۽ شاهہ لطيف جي مزار ڏسڻ لازم آهي.

سفرنامي ۾ اسپتال جو واقعو بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي جنهن ۾ فيض ۽ هڪ ٻي شخص جي گهر ۾ اسپتال جي ساڳئي ڪمري ۾ ڌيءُ جو جنم ٿيو هو. ٻنهي ڌرين جو پهريون ٻار ڌيءُ هئي ۽ عجيب اتفاق تہ ٻنهي پنهنجي پنهنجي ڌيءُ جو نالو "انيتا" رکيو هو. اهڙا حسين اتفاق زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿيندا آهن.

هانگ ڪانگ جي سفر دوران فيض کي CHIN نالي هڪ ڇوڪري ٽيڪسيءَ ۾ وٺڻ لاءِ آئي هئي ڇوتہ اهڙو انتظام فيض جي چيني استادن اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏيو هو، جڏهن ڇوڪريءَ فيض جي هوٽل جي ڪمري جو دروازو کڙڪايو تہ جيئن هوءَ اڳواٽ طئي ٿيل پروگرام موجب ڪيس (Wuhan)وو هان شهر جو سير ڪرائي پر فيض تيستائين تيار نہ هو ۽

ڪيس ان وقت شاور وني تازو توانو ٿيٺو هو. خوبصورت ڇوڪريءَ کي ڏسي شايد فيض جي عشق سندس اندر ۾ پڙڪو ڪاڏو جو ڇوڪريءَ کي چيائين تہ تون منهنجي ڪمري ۾ اچي ويهہ تہ مان تڙ ڪري ونان، پر ڇوڪري ڪمري ۾ ويهڻ کان انڪار ڪندي هيٺ هلي وئي ۽ لابي (LOBBY) ۾ ويهي سندس انتظار ڪيائين. بهرحال بعد ۾ شايد ٻئي هڪ ٻئي جي ويجها اچي ويا، ٻي ڀيري ڇوڪري سندس ڪمري ۾ بہ آئي ۽ ويهي پاڻ ۾ قرب جون ڪچهريون بہ ڪيائون ۽ جڏهن فيض ٻي شهر لاءِ روانو ٿيو تہ CHIN ۽ فيض هڪ ٻئي کان روئي موڪلايو. لطيف تڏهن ئي تہ فرمايو هو.

"عشق نانگ اپر، خبر ڪاڏن کي پوي."

"چين ۾ اسلام" سفرنامي جو اهو باب بہ پڙهڻ وٽان آهي جنهن ۾ فيض انهن شهرن ۽ هنڌن جو ذڪر ڪيو آهي جتي مسلمانن جي گهڻائي آهي. هڪ اصحابي سڳوري جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي، پر مصنف ان جو نالو نہ ڄاڻايو آهي. تي سگهي ٿو هن نالو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي هجي يا وري ان اصحابيءَ جو نالو چين جي مسلمانن کي بہ معلوم نہ هجي.

فيض جي هڪ دوست رام (RAM) جو ذڪر بہ گهڻو دلچسپ آهي. رام، فيض کي هانگ ڪانگ گهمائڻ لاءِ منٿون ٿو ڪري، پر جيئن تہ فيض اڳ ۾ ئي بہ ڀيرا هانگ ڪانگ گهمي ڦري آيو هو، انڪري هو ٽارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، پر رام ڪيس ٻاڏائيندي چوي ٿو: "يار تون هانگ ڪانگ ڏسي آيو آهين انڪري نٽائين ٿو پر هڪ دوست جي ديرينہ خواهش پوري نٿو ڪرين: فيض کي شايد پنهنجي دوست تي رحم اچي ٿو وڃي ۽ نيٺ هو ڪيس هانگ ڪانگ جي سير لاءِ وني ٿو وڃي. هن سفر جو سڄو داستان پڙهڻ وٽان آهي.

پيڪنگ ڊَڪ (PEKING DUCK) جي لذيذ ڊش جو فيض اهڙو تہ ذڪر ڪيو آهي جو هاڻي هي بہ چار اکر لکندي بہ ڄڻ وات پاڻي پاڻي ٿي وڃي ٿو.

مصنف پنهنجي جگري دوست نورالله بلوچ وٽ نارٿ ڪوريا بہ ويو هو جتي بلوچ صاحب نارٿ ڪوريا ۾ پاڪستان جي سفارتخاني ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري هو. پڙهندڙن لاءِ فيض هڪ تير سان بہ شڪار ڪيا آهن يعني چين جي سفرنامي سان گڏوگڏ پڙهندڙن کي نارٿ ڪوريا جي پيرائتي معلومات بہ رُنگ ۾ ملي وئي آهي.

هن سفرنامي کان اڳ فيض جا ترتيب ڏنل ۽ تضيف ڪيل هيٺيان ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن:

1. شاهہ لطيف جي چونڊ بيتن جو عربي ترجمو: هن ڪتاب جي رونمائي، يٺائيءَ جي ميلي تي ٿيل ادبي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي ثقافت کاتي طرفان ڪئي وئي هئي جنهن ۾ آءُ پاڻ موجود هوس.
2. انگريزي ڪتاب (Diamonds of Wisdom) جنهن ۾ مشهور ليکڪن ۽ ڏاهَن جا قول گڏ ڪري ڪتاب ڇپرايو ويو آهي.
3. چيني زبان ڪيئن سکجي: هي ڪتاب انگريزي، سنڌي ۽ اردو ۾ آهي.
4. احمدپور جا سهڻا ۽ عظيم ماڻهو.
5. فيض شاهہ لطيف جي چونڊ بيتن جو فرينچ ۽ چيني زبانن ۾ ترجمي جا ڪتاب ڇپرائڻ جو بہ سنجيدگيءَ سان سوچي رهيو آهي.

مونکي قوي اُميد آهي تہ فيض جو چين جو هي سفرنامو ڪافي ذوق شوق سان پڙهيو ويندو.

**عنايت بلوچ**

پنهنجي پاران:

# دنيا ۾ دنيا جا ملڪ ڏاڍا سهڻا آهن اچو تہ انهن جو سير ڪريون

گهڻن دوستن ۽ مٽن مائٽن جو اهو اسرار رهيو تہ مان جيئن تہ زندگي جو ڪافي حصو ٻاهرين ملڪن ۾ گذاريو آهي انڪري چو نہ اتان جي ماڻهن جو رهڻيون ڪهڻيون ۽ زندگي جو احوال سنڌ واسين سان اوريان. هن دفعي جڏهن ڳوٺ موڪل تي عيد ملهائڻ لاءِ اچڻ ٿيو تہ ساڳئي شيءِ منهنجي ماروٽ امان الله ڪوسو ۽ ڀاءُ نور محمد ڪوسو وري اهائي ڳالهہ ورجائي ۽ ياد ڏياري. دل ئي دل ۾ سوچيم تہ ڳالهہ تہ صحيح ۽ پتي جي ڪن ٿا پوءِ چو نہ ان تي عمل بہ ڪجي.

مهيني جي موڪل ڪانپوءِ جڏهن تيونس Tunis موٽيس تہ جيڪا ڳالهہ دل ۽ دل ۾ وينل هئي، هڪڙو دفعو وري ياد ڏياريو تہ چو نہ قلم کي ڪٽي پنهنجون يادون لکي ڇڏيان. پوءِ ڪڏهن بہ انهن کي ڪتاب جي شڪل ۾ ڇپائجي. ان ڪري پڙهندڙن کي عرض ٿو ڪجي تہ هي جيڪي بہ پڙهي رهيا آهن اهي يا تہ منهنجي سامهون ٿيون هيون، يا منهنجو مشاهدو هيو يا ڪجهہ ڪچهريون ٿيل ڳالهيون آهن جيڪي قلم بند ڪري اوهان جي سامهون آنديون ويون آهن.

جيئن تہ پاڻ ستن انن ملڪن ۾ مختلف عهدن تي پاڪستاني سفارت خاني ۾ ڪم ڪيو آهي انهن ۾ چين، ڪينادا، جاپان، ايران، بحرين، آزربائيجان، تيونس ۽ آخر

ناروي آهن. اگر ڏٺو وڃي تہ سياسي ۽ ٻين گهڻن سببن ڪري اهي ملڪ گهڻو اهميت جي لائق هئا ۽ آهن.

انهن ملڪن جا تفصيل اوهان ڪتاب جي صفحن ۾ پڙهندا. ان کان علاوه مونکي ڪجهہ ٻين ملڪن کي ڏسڻ جو موقعو پڻ مليو. ڪجهہ آفيس جي طرفان ويس تہ ڪجهہ وري پنهنجي گهمڻ جو شوق بہ ڪافي رهيو آهي. جڏهن ماڻهو ڪنهن شيءِ جو شوقين هوندو آهي تہ ان کي پوري ڪرڻ لاءِ الائي ڇا ڇا نہ ڪندو آهي. ان ڪري ان شوق ڪري ڪيترن ئي شهرن ۽ ملڪن جو پاڻي نصيب ٿيو. انهن ملڪن جا نالا ڪجهہ هن ريت آهن.

هانگ ڪانگ، آمريڪا، ٿائي لينڊ، فلپين. نارٿ ڪوريا، روس، رومانيہ (يوگو سلا جيڪو هينئر ڪيترن ملڪن ۾ ورهائجي چڪو آهي ۽ ان کي ڪرشيا چئبو آهي). پولينڊ، فرانس، انگلينڊ، ڪويت، سيريا، سعودي عرب، مصر، ترڪي، جرمني، پورچو گال، انڊونيشيا، سنگاپور، ملائيشيا، انڊيا، نيپال، ڀوٽان، سريلنڪا، ابوظهبي، قطر وغيره آهن.

ايترن ملڪن ۽ شهرن ڏسڻ ڪانپوءِ انهن ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيبن جو منهنجي ذات ۽ زندگي تي ڪافي گهڻو اثر پيو ۽ منهنجي رهڻي ڪهڻي بہ ڪجهہ قدر بدلائي ڇڏيو. ٻيون تہ گهڻيون ئي ڳالهيون آهن جيڪي بعد ۾ پڙهندا. اهم ڳالهہ اها آهي تہ مونکي وقت جي اهميت ان کان پوءِ ئي ٿي، اوهان ڏٺو هوندو ۽ اها ڳالهہ اسان وٽ هر روز جو معمول آهي تہ ماڻهو پروگرامن ۾ ڪيترو دير سان پهچندا آهن، ليڪن مان حقيقت ۾ وقت جو بيحد پابند آهيان. جيڪڏهن ڪو ماڻهو مونکي ڪوئي بہ ٽائيم ڏيندو آهي تہ منهنجي

ڪوشش رهندي آهي تہ مان پنج منٽ ان ٽائيم ڪان اڳ پهچان ۽ ائين نہ ٿئي تہ هو واچ ڏسندو رهي ۽ دل ئي دل ۾ ڪجهہ چوندو رهي.

هاڻي اچو تہ دنيا جي ملڪن جو سير ڪريون ۽ ڏسون تہ دنيا جا ماڻهو ڪيئن رهندا آهن ۽ اچو تہ انهن مان ڪجهہ اسين بہ سکون ۽ پرايون ۽ پنهنجي زندگي جو حصو بڻايون جيڪڏهن سمجهون تہ اهي چڱيون ۽ اسان جي زندگي ۾ بهتري آڻينديون.

**فيض ڪوسو**
اڳوڻو سفير
05 APRIL, 2020

# فهرست


CSS وارا ڏينهن ........ 13
چين جون يادون ........ 17
ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي ڦاسي ........ 21
Visit to Sinkiang ........ 29
Visit To Inner Mangolia ........ 33
تين اين مين (Tian En Men) اسڪوائر: ........ 35
Great Hall of The People گريٽ هال ........ 35
Temple of Heaven (ٽيمپل آف هيون) ........ 47
پيڪنگ ۾ ٻه وڏا پارڪ آهن ........ 48
Beihai Park and Summar Palace ........ 48
چين ۾ اسلام: ........ 49
Xian (شيئان) جو سير ........ 51
هانگ ڪانگ جو دورو ........ 53
عظيم ديوار (Great Wall) ........ 55
اسپتال جو واقعو: ........ 57
Snake Delicacy ........ 59
Cat & Dog Meat ........ 59
اسان جي هڪ منسٽر جي شاپنگ: ........ 61
مائو جو ميزوليم ........ 62

جنرل پرويز مشرف جو ياءُ جاويد مشرف: 64
چيني بوسڪي جون فرمائشون: 65
اقبال آخوند جي بيماري: 66
امجد اچي ڏيڏرن کائڻ کان بچايو: 69
شنگهائي جو دورو 71
Peking Duck پيڪنگ ڊڪ جو مزو: 73
شابو شابو Shaboo Shaboo 75
پاڪستاني هوٽل ان پيڪنگ 76
چيني نالا 78
حال احوال پڇڻ جو طريقو 78
Ram (رام) سان هانگ ڪانگ جو سفر 81
VIP جي عينڪ وڃائڻ 90
منهنجي گهري دوست ۽ ساٿي جي گاڏي هاٽي: 91
Responsibility System 93
اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رسيس دوران ڊانسن جو دور: 95
North Korea جو دورو 97
ٽوڪيو کان چين ذريعي واپسي 105

# CSS وارا ڏينهن

1976 ۾ سينٽرل سپيريئر سروسز (C.S.S) جو امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن لاهور ٽريننگ لاءِ وڃڻ لاءِ مان ۽ امان الله پناڻ ڪينٽ اسٽيشن ڪراچي تي پهتاسون تہ دل ئي دل ۾ ڪيترا وسوسا ۽ اميدون امنگون هيون تہ زندگي جي هڪ نئين سفر تي روانو ٿي رهيو آهيان. ادا عنايت صاحب ۽ هدايت ۽ ٻيا فيملي وارا اسٽيشن تي ڇڏڻ آيا هئا. دعائن، ياڪرن ۽ ڳوڙهن جيڪي خوشي جا هيا خدا حافظ چئي هڪ نئين منزل لاءِ روانو ڪيائون گاڏي ڪوڪي ۽ مٿن مائٽن کي پوئتي ڇڏي اڳتي هلي. امان الله پناڻ ۽ مان خيبر ميل جي 1st Class سليپر ۾ اچي ويناسون. ٻئي خوش خوش ڳالهيون ڪندا رهياسين ۽ آخر سمهي رهياسين هتي اهو ٻڌائيندو هلان تہ اڳتي گاڏين ۾ گهٽائي ڪلاس هوندا هيا، جيئن تہ ٿرڊ ڪلاس، سيڪنڊ ڪلاس، انٽر ڪلاس، فرسٽ ڪلاس، ۽ فرسٽ ڪلاس سليپر ايئيڪنڊيشن ڪلاس ۽ ايئر ڪنڊيشن ڪوچ جيڪو ٻن سيٽن تي هوندو هيو ۽ ويهڻ ۽ سمهڻ لاءِ ٻن ماڻهن جي لاءِ هوندو هيو. گاڏي ڪجهہ دير سان هلندي اچي صبح جو سوير ڪوٽڙي اسٽيشن تي بيني. گاڏي جي بئري نيرن لاءِ پڇيو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ ڪٽي آيو. نيرن ۾ ڊبل روٽي جا ڪجهہ سلائزSlices آنا، ڪير ۽ ڪارن فليڪس هيا. امان الله چيو تہ فيض هي (ڪارن فليڪس ڏانهن اشارو ڪري) چا آهي ۽ ڪيئن ڪائجي. مون ڪي بہ گهٽو ڪو تجربو

ڪونہ هيو چو تہ ٻئي ڳوناٽا هياسين، سو ڊبل روٽي، آنا ڪائي ڇڏياسين ۽ ڪارن فليڪس ڪي الڳ پڳڙن وانگر ڪائڻ لڳاسين تہ بيرو سمجهي ويو تہ ڪارن فليڪس ۾ ڪير وجهي ڏنائين تہ ڪائو. ائين اسان جي ڪارن فليڪس جو مسئلو حل ٿي ويو. هاڻي بہ جڏهن امان پناڻ ۽ مان پاڻ ۾ ملندا آهيون ۽ ڪارن فليڪس جو ذڪر ڪري ڏاڍو ڪلندا آهيون.

لاهور جڏهن پهتاسون تہ هوٽل انٽرنيشنل، مال روڊ تي رهايو هئائون جيڪو C.S.S اڪيڊمي جي آمهون سامهون هيو پر ٽريننگ لارنس گارڊن Lawrence Garden ۾ ٿيندي هئي جيڪا ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ Qaid-e-Azam لائبريري مان تبديل ڪئي وئي. بلڊنگ پراڻي وقت جي شاندار آهي. لاهور پهريان تہ دل ڪي ڪونہ ٿي ڀانئيو پر پوءِ ڪجهہ رهڻ ۽ ڏسڻ ڪانپوءِ دل لڳي وئيC.S.S امتحان جون مارڪون پلس ٽريننگ جون مارڪون ملائي جڏهن فائينل رزلٽ آيو ۽ مونکي منهنجي سي ڪان اول ڏنل پسند جي نوڪري فارن سروس ملي جنهن جي لاءِ مان خدا جو بيحد شڪر گذار ٿيس. مونکي ياد آهي تہ جڏهن مان پنهنجي پسند لکي رهيو هيس تہ ادا عنايت مون ڪان پيپر وٺي ۽ فارن سروس کي سڀ ڪان اول رکيو هيو. اوهان ڪي اهو بہ ٻڌائيندو هلان جڏهن فائنل رزلٽ آيو تہ مان پنهنجي ڳوٺ ڪان 5/6ڪلوميٽر پري مياڻي جي ڳوٺ ويل هيس. منهنجي غير موجودگي ۾ سائين محمد بچل سانگري صاحب جنهن کي پوليس سروس ملي هئي ڳوٺ آيو ۽ خبر مليس تہ مان مياڻي ماٺن ڏانهن ويل آهيان منهنجي پاٺي تاج محمد ڪي موڪليائين تہ جلد وٺي اچي هن سان فون تي پيرڳوٺ ڳالهائي جڏهن اها خبر ملي تہ اسان ان ئي سائيڪل تي احمد پور لاءِ

روانا ٿي وياسين. منهنجي ماروٽ امان الله ڪوسي چيو تہ هو بہ هلندو. جيئن ئي سائيڪل هلي ۽ امان الله جيڪو مونکان وزن ۾ بيٺون هيو ۽ پنئين سيٽ تي ويٺو تہ سائيڪل جو ڦيٿو ڇپو ٿي پيو ۽ اسان ٽئي متي تي هٿ رکي بيهي رهياسين. ايتري ۾ هڪڙو صاحب موٽر سائيڪل تي آيو ۽ ان مون کي پاڻ سان اچي احمدپور جي شهر ۾ پهچايو. رئيس غلام مصطفيٰ لنڊ جي اوطاق تي آياسين جيڪو پاڻ ڪونہ هيو پر ان جي نوڪرن اسان جي خدمت بہ ڪئي ۽ فون بہ پيرڳوٺ سانگري صاحب سان ڳالهائڻ لاءِ ملائي ڏنو. ادا عنايت صاحب لاءِ ڪراچي بہ ڪال بوڪ ڪرايم اڳي فون جي سروس ايتري عام ڪانہ هئي ۽ رڳو ڪٿي ڪٿي فون موجود هوندا هئا. ۽ ڪال بوڪ ڪرائڻي پوندي هئي. پير ڳوٺ جي ڪال جيڪا ڪلاڪ ڪن جي انتظار ڪانپوءِ ملي تہ خبر پئي تہ سانگري صاحب سکر انيس الحسن موسوي صاحب ڏانهن نڪري ويو آهي. ان جي پاءُ سائين عبدالرحمان صاحب ٻڌايو تہ اوهان کي پهرين پسند جي نوڪري ملي پر ان کي نالي جي خبر ڪونہ هئي. ان ڪري تجسس اجان بہ وڌي ويو. رات جو جڏهن 8 وڳي ڌاران يعني 8/9 ڪلاڪن ڪانپوءِ ڪراچي جي ڪال ملي تہ ادا عنايت فون تي پهريون لفظ چيو "فيض مبارڪ هجئي" توکي فارن سروس ملي آهي اهو ٻڌي خوشي مان ڳوڙها ڳڙي پيا ۽ هٿ متي ڪري الله جو احسان مند ٿيس. ادا عنايت ۽ اسان جو بحث اهو هلندو رهيو تہ ڪال مون بوڪ ڪرائي آهي ۽ ادا چوي تہ مان 5 ڪلاڪن بوڪ ڪرائي آهي. مطلب تہ ان ۾ اندازو لڳايو تہ فون جو ملڻ ڪيڏو ڏکيو هيو. ٻئي ڏينهن مان پير ڳوٺ ويس تہ سانگري صاحب مليو ۽ هميشہ وانگر ڏاڍا پاڪر پائي مليو ۽ هڪ ٻئي کي

مبارڪون ڏنيونسين ۽ ان ڪانپوءِ ٻئي موٽر سائيڪل تي سڪر وري موسوي صاحب ڏانهن وياسين ليڪن وري ٻه ڪونه مليو ۽ موٽي آياسين. جڏهن گهر موٽيس ته بابا ۽ امڙ جي پيرين پيس ۽ انهن هميشه جيان ڏاڍيون دعائون ڏنيون ۽ ڳلي لڳي پيار ڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ڪراچي ويس ادا عنايت بلوچ ۾ هدايت بلوچ ۽ سيئي ٻيا مٽ مائٽ مليا ۽ خوش ٿيا. پاڪستان ڪوارٽر جيڪو ادا عنايت کي گورنمينٽ طرفان گهر مليل هيو جتي اسان سيئي گڏ رهندا هياسين، هدايت اجان تائين ان گهر ۾ رهندو آهي ۽ اسان سيني جو وٿاڻ آهي. هن گهر سان اسان سيني جون يادون ڳنڍيل آهن ۽ جتان اسان ٽئي اڳتي وڌياسين ۽ پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿي وياسين.

# چين جون يادون

جڏهن بہ نوان ۽ نوجوان آفيسر پاڪستان فارن سروس Join ڪندا آهن تہ پهريان ٽريننگ ڪرڻ ڪانپوءِ انهن کي هڪ ٻاهرين ٻولي (انگريزي ڪانسواءِ) سکڻي پوندي آهي. ان لاءِ مان چيني ٻولي سکڻ لاءِ پنهنجي پسند ڏني هئي. ان ڪري في الحال مونکي Islamabad Modern Language ڇهن مهينن لاءِ چيني ٻولي سکڻ لاءِ موڪليو ويو. جتي ڪلاسز ڪيترين ٻولين ۾ تيندا هيا. ان ڪانپوءِ سيپٽمبر آڪٽوبر 1978 ۾ چين جي شهر پيڪنگ جنهن کي چيني ٻولي ۾ پيچنگ سڏيندا آهن، وڃڻو پيو. ان لاءِ جڏهن مان اسلام آباد مان خدا حافظ ڪري ڪراچي پهتس جيئن ڪراچي مان پيڪنگ لاءِ فلائيٽ وٺي سگهان. هڪ ڏينهن هدايت ۽ مان تبت سينٽر جي سامهون وڃي رهياسين تہ هڪڙو فال ڪيڻ وارو ماڻهو پنهنجي طوطي سان وينو هيو. اسان ان کي چيو تہ اسان جو فال ڪڍي، هن طوطي کي اشارو ڪيو تہ هڪڙو لفافو ڪڍي ان کي ڏئي تہ جيئن هو اهو پڙهي ٻڌائي تہ اسان جي قسمت ۾ ڇا لکيل آهي. طوطي جلدي هڪڙو لفافو ڪڍي ان کي ڏنو هن پڙهي ٻڌايو تہ مان جلدي ڏورانهين ڏيهہ روانو ٿيڻ وارو آهيان ۽ قسمت بہ ڀلي آهي

. هن هدايت کي تہ چڱيون ڳالهيون ٻڌايون پر اسان ٻئي هڪا ٻڪا رهجي وياسين ۽ هڪ ٻئي جو منهن ڏسي تعجب

پيا ڪريون ته هي هڪڙو سچ آهي، حالانڪه مان انهن فال يا هٿ ڏيکارڻ ۾ يقين ڪونه ڪندو آهيان.

ڪراچي مان پي آءِ اي فلائيٽ صبح جو هئي پر وري اسلام آباد اچي 2 ڪلاڪن لاءِ اچي بيٺي. اتان ڪجهه ماڻهو ۽ هڪ VIP ماڻهو به اچي جهاز ۾ وينو، جنهن کي مان نه سڃاڻان. جيئن ته پاڪستان ۽ چين جي وقت ۾ ڪافي فرق آهي ۽ فلائيٽ به 5/6 ڪلاڪن جي هئي ته اسان جو جهاز تقريبن اڌ رات جو اچي پيڪنگ پهتو. ٿورو اڳتي تياسين ته ڏٺم ته هڪڙو ماڻهو بيٺو آهي پر ڇو ته رات هئي ۽ ڪجهه انڌارو به هيو ان ڪري مون ڪونه سڃاتو ۽ ان ڪان جڏهن مان اڳتي تيس ته مون کي چيائين "آڱئي". اهو منهنجو دوست ۽ پڪو يار مسٽر حبيب الرحمان صاحب هيو جيڪو هڪ سال اڳ پيڪنگ ۾ چيني سکڻ لءِ آيو هيو. ڏاڍو پاڪر پائي ملياسين ۽ منهنجي اندر ۾ جيئن ساهه پئجي ويو ڇو ته هڪ نئين ملڪ ۾ جيڪڏهن هڪ اوچتو ۽ اويلي وقت سو به ايئرپورٽ تي آجيان ڪري. مسٽر حبيب الرحمان هاڻي هن دنيا ۾ نه رهيو آهي ۽ 2007 ۾ ويٽ نام Vietnam ۾ سفير هيو. اوچتو دل جو دورو پيس ۽ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. اڌ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ ٻئين شاگردن سان گڏجي اچي Peking Languages Institute پهتاسين. مونکي هڪ چيني شاگرد جيڪو انگريزي ٻولي سکندو هيو ان سان ڪمري ۾ رکيائون. حالانڪ پاڪستاني سفارتخانو ڪرايو ڀريندو هيو ليڪن مون کي اڪيلي ڪمري ۾ رهڻ نه ڏنو ويو. مسٽر لُو LU جيڪو منهنجو روم ميٽ هيو بيحد سنو ۽ هميشه کلندو رهندو هيو. هو صرف اچي رات جو سمهندو هيو نه ته

اڪثر ٻاهر رهندو هيو. بيحد محنتي ۽ ڦنگ ڦانگ Phing Phang جو بهترين پليئر به هيو. مونکي ڏاڍي راند سيکارڻ جي ڪوشش به ڪيائين ۽ مان ڪجهه سکي به ويس ليڪن اڳتي هلي اها ڇڏجي وئي ڇو ته ڪجهه ئي ڏينهن ڪانپوءِ ڪاليج ويندي برف (Snow) جيڪا مان زندگي ۾ پهريون دفعو ڏٺي ان تي هليس پئي ته ترڪي ۽ ڪري پيس ۽ منهنجي ڪٻي هٿ جي ٻانهن جي هڏي ڪريڪ ٿي پئي. ڪاليج ۾ ويهي نه پيو سگهان ان ڪري موڪل وٺي آيس پر سور ڏاڍو وڏي ويو. شام جو منهنجي استاد مونکي اسپتال وٺي وئي جتي ايڪسري ڪيائون ته معلوم ٿيو ته هڏي ڪريڪ ٿيل آهي. ان ڪري پوري ٻانهن تي پلستر چاڙهي ڇڏيائون ۽ گوريون به ڏنائون ته ڪائڻ ڪانپوءِ Pain Relief ملي .

جيئن ته آئون شاگرد هيس ان ڪري اڪثر دوستن سان گهمڻ ڦرڻ يا ايمبيسي وڃڻ لاءِ بسن جو سفر ڪرڻو پوندو هيو. اتي جڏهن به بس ۾ سفر ڪيو هيو ته هڪ عجيب شيءِ محسوس ڪيم ته جيئن ئي بس ۾ اندر وڃبو هيو ته اڪثر بسون ڀريل هونديون هيون ان ڪري ويهڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ماڻهو مٿان ويهڻو پوندو هيو. جيئن ئي ڪنهن ماڻهو جي مٿان ويهبو هو ته هو هڪدم اٿي پري تي ويهندو هيو جيئن ڪنهن فارن ڪي جڳهه ڏئي ۽ پوءِ اوهان ويهي سگهو. جيڪڏهن ان سان يا ڪنهن ٻئي ماڻهو سان ڳالهائبو هيو ته هو جواب نه ڏيندو. ڪو به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هجي. مان پنهنجن دوستن کان پڇيو ته هي ڇا ڳالهه آهي ته انهن ٻڌايو ته انهن کي حڪومت طرفان چيل آهي ته فارينر سان نه ڏاڍي شوق سان ملندا ۽ نه وري ڳالهيون به ڪندا ڪريو.

جيئن تہ چين هڪ وڏو ملڪ آهي ۽ تمام پراڻي تهذيب بہ آهي ۽ منهنجو گهڻو عرصو تقريبن ساڍا پنج سال اتي گذريا ان ڪري مان چاهيندم تہ اوهان کي چين جو تفصيلي دورو ڪرايان ۽ جيڪي مون ڏٺو يا محسوس ڪيو اوهان جي آڏو رکان تہ جيئن اوهان هڪ عام ۽ چند ڏينهن جي دوري کان وڌيڪ ٻڌي سگهو ۽ ان کي محسوس ڪري سگهو.

ايمبيسي وڃڻ کانپوءِ اها بہ خبر پئي تہ هڪ سنڌي استاد آهي جيڪو پاڪستان ايمبيسي اسڪول ۾ پڙهائيندو هو. ان کي ڳولهي لڌم ۽ خبر پئي تہ مسٽر نبي بخش پرڳڙي صاحب جيڪو حيدرآباد جو آهي ۽ پنهنجي فيملي سان رهندو آهي. سائين پرڳڙي صاحب ڪمال جو انسان آهي ۽ ڏاڍو منو ۽ قربائتو آهي، جيڪو بہ وقت هن سان گذريو ڏاڍو مزيدار ۽ اجان تائين ياد ايندو آهي. هن همراهہ مونکي پيڪنگ ڏيکاري. اڪثر موڪلن تي ٻاهر نڪري ويندا هياسين. جيڪڏهن هڪڙو هفتو نہ ملي يا ائين گذري وڃي تہ چوندو هيو سائين هي هفتو بہ ائين ويندو ڇا؟ يعني ڪو نہ ملنداسين. ان جي زال فهميده جو پٽ جنهن کي پيار مان هپي چوندا هئا، ڏاڍا قربائتا هئا. اڪثر انهن جو بغير مرچن جون مانيون ياد اينديون آهن. پرڳڙي صاحب ڳاڙيون مرچون بلڪل نہ کائيندو هيو ان ڪري هو هميشہ ڪارن مرچن جو استعمال ڪندا هيا. ۽ جيڪڏهن ڪٿي دعوت وغيره ۾ پرڳڙي صاحب کي ڳاڙهيون مرچون کائڻيون پيون تہ پوءِ همراهہ کي اڇي پڳهر ڇٽندا هئا ۽ ڳاڙهو ٿي ويندو هيو. هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ پرڳڙي صاحب ارادو ڪيو تہ ديسي ڪڪڙيون ٺا وٺي اچي حلال ڪريون ۽ ڏاڍو مزي سان کائينداسين پنج ڪڪڙيون وٺي اچي گهر

ڦهتاسين. سوچيو سون تہ انهن کي فليٽ جي گيلري ۾ ڏيا رکون. ڪجهہ ڀاڄي ڀاڄي پياري ۽ انهن کي پاسي ۾ رکي اچي اسان بہ ڪجهہ کائڻ پيئڻ ۾ پئجي وياسين. ٿورو ٽڪ پڄي جو گيلري جو دروازو کوليوسين تہ سڀ ڪڪڙيون پاڻ کي آزاد ڪرائي پيٽ ڀري، ٻيٺيون آهن. هاڻي اسان لاءِ مسئلو اهو ٿيو تہ انهن ڪڪڙين کي ڪيئن پڪڙجي تہ پوءِ حلال ڪجن جيئن ئي ٿورو اڳتي وڌياسين ڪڪڙين کي پڪڙڻ لاءِ تہ ڪڪڙين ڪٽي مٿان ڀنجين فلور تان ٽپو ڏيئي اڏامي اچي مين روڊ جي پاسي,سان پهتيون. اسان ٻئي بہ آهستي آهستي فليٽ تان لهي ڪڪڙين جي ڪڍ پياسين پڪڙڻ لاءِ ڪڪڙيون اڳيان ۽ اسين پٺيان نيٺ بہ تہ الائي ڪيڏانهن هليون ويون ٻاقي ٽن کي چينن جي مدد سان پڪڙي اچي ڪٺوسين. مان سائين پرڳڙي صاحب کي چيو تہ سائين حلال ڪڪڙيون کائڻ ڏاڍو مهانگو پئجي ويو، جنهن تي هو ڏاڍو کليو ۽ اهو طئي ٿيو تہ اڳتي اهڙو ڪم نہ ڪبو.

## ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي ڦاسي

ڪجهہ مهينا مس گذريا هئا تہ خبر پئي تہ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب کي پنجاب هائي ڪورٽ ڦاسي جي سزا ٻڌائي آهي ۽ ملڪ جون حالتون خراب ٿيڻ جو خطرو آهي. چيني استاد، منهنجو روم ميٽ ۽ ٻيا فارن جا آيل شاگرد جيڪي اسان سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهڻندا ۽ رهندا هيا اڪثر پڇندا هيا تہ ڇا ٿيندو ڇا واقعي مسٽر ڀٽي کي ڦاهي ڏني ويندي. گهڻن ملڪن ۾ ائين ٿيندو آهي تہ ماڻهن کي ايترو وقت ڪونہ

ڪيو هو ۽ انهي احسان جو اهو بدلو ٿو ڏئي ڇا صحيح آهي ۽ يقينن ڀٽو صاحب ضياءُ کي ڪونہ ڇڏيندو جيڪڏهن وري هو وزيراعظم ٿيو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اها خبر آئي تہ سڀاڻي صبح جو ڦاهي ڏني ويندي ڇو تہ ڀٽي صاحب سان بينظير صاحبہ ۽ نصرت صاحبہ جي آخري ملاقات ڪرائي وئي آهي. اڳي ميڊيا بہ ايترو اڳتي ڪونہ هئي ۽ ٽي وي وغيره هوندي هئي ان تي بہ ڪجهہ ماٺهو فلمون وغيره ڏسندا هئا سي بہ چيني ۾ ان ڪري مان گهڻو ڪري ريڊيو جيڪو مون خاص طور ورتو هيو، ڪنن سان لڳايو ويٺو هوندو هيس الله کان دعا گهرندو هيس تہ خدا خير ڪجانءِ. آسٽريليا ريڊيو سڀ کان پهريون پهريون هيو جنهن خبر ڏني تہ اڄ صبح جو ڀٽي صاحب کي ڦاهي ڏني وئي. اهو تقريبن چين جي وقت مطابق رات جا اٽڪل 2.30 ڪن هيا. مون کان اوچتو رڙ نڪري وئي "اڙي هي ڪهڙو ظلم ٿي ويو" امجد، جيڪو اسان جي ساڳي بلڊنگ ۾ رهندو هيو ۽ ڪجهہ ئي دير اڳ مون کان موڪلائي پنهنجي ڪمري ۾ ويو هيو، وجي ٻڌايو تہ هي خبر آئي آهي هن تہ ڪٺي ملڪ مٿي تي ڪنيو ۽ الٽيون سلٽيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. هو هڪ سچو پيپلزپارٽي جو جيالو هيو ۽ پاڪ چين دوستي جي چيئرمين جو پٽ هيو. صبح ٿي سمورا پاڪستاني شاگرد مون وٽ اچي ڪٺا ٿيا. سڀ مايوس ۽ اداس ۽ ڪن جي اکين مان ڳوڙها ٽي ڪريا تہ ڪن جون اکيون هڪ سوال تي بيٺيون هيون. تقريبن سيني اهو فيصلو ڪيو تہ سڀاڻي ڪاليج جي ميدان ۾ جنازي نماز پڙهي ۽ ان سان گڏ ڪجهہ ڀٽي صاحب جون تصويرون وغيره جو انتظام بہ ڪيو. امجد ۽ مصبا جيڪي سڀ کان اڳ ۾ هيا انهن سيني ڪاليج

جي دوستن ۽ فارين شاگردن کي ڪنو ڪيو ۽ ڪجهہ ضياءُ جي خلاف نعرا بہ هنيا ۽ تصويرون پٽي صاحب جون بہ ديوارن تي هنيائون. هڪ سوڊاني چوڪري نماز پڙهائي جنهن ۾ مان بہ هيس ۽ ٻيا سڀ پاڪستاني شاگرد بہ هيا. هڪ نيوي جو آفيسر بہ هيو ان پاڻ کي الڳ رکيو ۽ پري رهيو. Voice of America ۽ BBC اها خبر ڏني تہ پيڪنگ ۾ پاڪساني ۽ فارن اسٽوڊنٽس نماز بہ پڙهي ۽ جلوس بہ ڪڍيو ۽ ضياءُ جي خلاف نعرا بہ هنيائون. جڏهن اها خبر آئي ۽ سفارتخاني وارن بہ ٻڌو. ان وقت جي پاڪستاني سفير محترم محمد يونس هڪڙي Second Secretary ۽ ان سان گڏ فارن سروس جيڪو مون کان هڪ سال اڳ ٻولي سکڻ لاءِ ويو هيو ۽ مسٽر حبيب الرحمان، اسان جي ڪاليج آيا. انهن کي اهو شڪ هيو تہ شايد اهو سڀ ڪجهہ فيض جيڪو سنڌي آهي ڪرايو هوندو. هو جڏهن ڪاليج داخل ٿيا ۽ ميدان ۾ آيا تہ ڏنائون تہ ڀٽي صاحب جون تصويرون لڳل هيون. اها بہ خبر پين تہ جنازي نماز بہ تي ۽ ان ۾ ڪير ڪير شامل هيا. حبيب منهنجي ڪمري ۾ اڪيلو آيو ۽ دروازو کڙڪائڻ تي مون کوليو. ڏنائين تہ مان اداس ۽ پريشان هيس. ڀاڪر پائي پرچاپائين. ان تي مون کي وڏيڪ روئڻ اچي ويو. ڪافي دير تائين وينو رهيو ۽ ڪجهہ ڳالهيون ڪندو رهيو آخر اتڻ تي مونکي هن اچڻ جو مقصد ٻڌايو. ۽ مان بہ هن کي حقيقت ٻڌائي. مونکي تسلي ڏيئي پاڻ موٽي ويو. اها خبر بعد ۾ پئي تہ حبيب سان جيڪو سيڪنڊ سيڪيورٽي وارو آيو هو ان سفير صاحب سان منهنجي شڪايت ڪئي تہ لڳي ٿو هي سڀ ڪجهہ فيض ڪرايو هوندو. ان تي سفير صاحب هن کي جهڻڪيو ۽ چيائين تہ هڪ تہ توکي يقين

ڪونهي تہ هن ڪرايو آهي. پيو تہ حبيب انڪي پنهنجي ڪمري ۾ ڏنو تہ هو ستو پيو هيو. پر جيڪڏهن ڪيو بہ هوندائين تہ تون پنهنجي ڪليگ Colleague جي تو شڪايت ڪرين جيئن مان هن جي خلاف لڪان. ڪجھہ تہ خيال ڪر.

اهڙي طرح سان اسان هڪ عظيم رهنما کان محروم ٿي وياسين. چيني بہ افسوس ڪندا هيا ۽ چوندا هئا تہ مسٽر ڀٽو گريٽ ليڊر رهيو اوهان کي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ ان سموري سلسلي ۾ چيني پوليس يا ڪاليج جي آفيسرن ڪڏهن بہ اسان کي ڪونہ روڪيائون، اوهين ڦوٽا نہ لڳايو يا وري هتي نماز نہ پڙهو مان جڏهن دهلي، هندستان هڪ SAARC سارڪ جي ميٽنگ ڪانپوءِ موٽي رهيو هيس تہ جهاز تي ويناسين تہ وچتو مسٽر جسٽس اچي منهنجي سائيڊ واري سيٽ تي وينو سيني اتي ان کي وجي مليا جڏهن تہ مان هن کي سلام تہ چيا بر ڏنو اڻ ڏنو ڪري ڪنڌ ڦيري ڇڏيو جيڪو منهنجي ٻين ساٿين ڏنو ۽ محسوس بہ ڪيو، ڪن تہ جهاز لهڻ کان پوءِ پي پڇيو.

تہ سائين ڳالهہ پئي ڪئي سين چين ۽ چين جي خوبصورتي جي جيترو چين کي مون قريب سان ڏنو شايد ئي ڪنهن ڏنو ۽ پرکيو هجي. مان ڏيڍ سال Peking Language Institute ۾ چيني ٻولي پڙهي. شاگردي دوران مون کي چين گهمڻ جو ڏاڍو موقعو مليو. هر ڇهن مهينن ڪانپوءِ هڪ Tour لڳندو هيو. جنهن ۾ استادن سان گڏ فارن اسٽوڊنٽس اڪثر ٽوئرن تي گڏجي ويندا هئا. اهي دورا تقريبن 12 کان 15 ڏينهن جا هوندا هيا. پهريون Tour ريل جي سفر سان ٿيو جيڪو يانگزي Yangze River جو هيو تن گورجز تائين وٺي

ٻڌايائين تہ اجا ڪلاڪ اڌ جو پنڌ ٿيندو تہ حبيب جا ترا نڪري ويا. مون کي همت ٻڌرائين تہ ڪو مسئلو ڪونهي. هتي ويهي تا ساهي پٽيون اڌ ڪلاڪ ويهڻ ڪانپوءِ حبيب بہ تازو ٿي ويو ۽ آهستي آهستي هلندا رهياسين ۽ آخر 2 ڪلاڪن جي وڏيڪ پنڌ ڪانپوءِ اچي پهاڙ جي چوٽي تي پهتاسون. شام تقريبن ٿي وئي هئي. ماني وغيره کائي ڪجهہ پهاڙ جو سير ڪيوسين بيحد خوبصورت هيو. هيٺان شهر جي خوبصورتي ڏاڍي وڻي. ماڻهو هيٺ پتڪڙا پئي لڳا. هتي اچڻ جو اصل مقصد هيو تہ صبح سوير اتي اوپر واري پاسي سج کي زمين مان ايرندو ڏسنداسين. رب کان اها دعا پئي ڪئي سين تہ جيئن صبح جهڙ نہ ٿئي ۽ سج کي ايرندي چڱي طرح ڏسي سگهون. اڪثر ايئن ٿيندو آهي تہ جڏهن ماڻهو عام زمين تي هوندو آهي تہ سج جڏهن گهٽو ايري ايندو آهي تڏهن نظر ايندو آهي. پر هتي معاملو ڪجهہ ٻيو هيو. اسان پئي سمجهيوسين تہ سج ڏسڻ لاءِ ايڏو وڏو سفر سو بہ پهاڙ تي چڙهڻ جو ياد هجي تہ چيني استاد کي چريا آهن. ڏاڍي يلي ننڊ ڪري صبح صبح جو اتي اوپر ڏانهن ٽولا ٽولا تي هلياسين. شڪر جو جهڙ ڪونہ هيو اڌ ڪلاڪ ويهڻ ڪانپوءِ ڏٺو سين تہ جتي زمين شروع پئي ٿئي اتان سج پنهنجي زور سان زمين کي ڦاڙيندي ۽ چيريندي پنهنجي روشني ڪندو نظر آيو. يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ مون سج ايرڻ جو اهڙو سهڻو ۽ قدرتي منظر نہ اڳ ۾ ڏٺو هيو ۽ نہ ان ڪانپوءِ ڏٺو آهي .

هڪڙي دفعي ائين ٿيو جو جهاز تان لهي هڪڙي شهر ۾ گهمون پيا تہ اسان سان گڏ تقريبن هر هڪ ڪنڊ جا ماڻهو هيا ڪارا بہ تہ گورا بہ. اسان ٻاهرين کي ڏسي پوري شهر جا ماڻهو

وڪوڙي ويا. پنهنجي چپن تي آڱريون رکي تعجب جو اظهار ٿي ڪيائون اسان سان هڪ سوڊاني ڇوڪرو هيو بيحد ڪارو قداور شخصيت جو مالڪ ۽ سهڻي مهاڊن وارو بہ هيو. اسان انهن چينين سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيون تہ سڀ پيا پري ڀڄا وڃن. هڪڙو چيني ڇوڪرو جيڪو اٽڪل 15 سالن کن جو هيو ان اچي سوڊاني جي ٻانهن ۾ هٿ ڪي جهلي مهٽڻ لڳو جيئن پڪ ٿئيس تہ هي رنگ اصلي آهي يا نقلي گهٽي ڏسڻ ڪانپوءِ پنهنجي دوستن کي چيائين تہ هي اصلي آهي نہ ٿو لهي. تہ سڀ اسان کلڻ لڳاسين. وري ان جي گهنڊڙي وارن کي هٿ لائي ڏسڻ لڳو ۽ وري بہ يقين ٿيس تہ اهي وار بہ اصلي آهن. ان کان پڇيائين چيني ۾ تہ تون ڪٿان جو آهين. هن جواب ڏنس تہ سوڊان جو شايد ان ڪڏهن اهو نالو ٻڌو بہ ڪونہ هوندو. ان کان پوءِ Thank you ڪري وڃي پنهنجي دوستن کي ان جي ڳالهہ تفصيل سان ٻڌائڻ لڳو. ان کانپوءِ اسان ان سوڊاني ڇوڪري کي چوندا هياسين تہ تون اصلي آهين ۽ ڏاڍو Enjoy ڪندا هئاسين.

## Visit to Sinkiang

ٻيهر وري ريل جي ذريعي چيني صوبي Sinkiang (سنڪيانگ) وڃڻ جو موقعو مليو. ريل جي ڇئن راتين ۽ ٽن ڏينهن جو سفر ٿڪائي ڇڏيو. وري ريل بہ تقريبن 7 ڪلاڪ ليٽ ٿي وئي. اوهان کي جيئن تہ خبر آهي تہ اتان جا گهڻا ماڻهو مسلمان ۽ ڪيترين قومون رهنديون آهن. اها ڳالهہ 1981 جي جون مهيني جي Trufan/ترپن (ٿولو فان) شهر کان ٻن اڍائن ڪلاڪن جي پنڌ

جو شهر آهي. جنهن جو نالو Tulofan (ترپن) آهي اتي وني ويا. هن شهر جو ڊول يا ڳوٺ شهر بلڪل اسان جي ڳوٺن خاص طور بلوچن يا پناڻن وانگر هيا. يعني اتي ڪو بہ ماڻهو ٻاهريان وجي تہ جيئن اندر نہ ڏسي سگهي ان لاءِ وڏيون پتيون ڏسڻ ۾ آيون. هي شهر ساموندي تهہ کان گهٽو هيٺ آهي ۽ ان ڪري ڏاڍو گرم بہ هيو. ليڪن هن شهر جي خوبي اها هئي تہ انگورن جا انڻ ڪٽ باغ هئا جن جي هينان ماڻهو پنهنجي ويهڻ جو بندوبست ڪندا هئا. هينان پاڻي جون ناليون پيون وهنديون هيون ۽ ان پاڻي جي آواز جو لطف ئي ڪو ٻيو هيو. انڪانپوءِ ٻاهر وجڻ ڪانپوءِ ڏنوسين تہ اتي گدرن، هنداڻن جون انڻ ڪٽ پوکون هيون. اسان کي اجازت هئي تہ جيڪي وٽي سو کائون. رات ٿي تہ راڳ روپ ۽ ڊانس جو پروگرام بہ هيو. اتان جو اڪثر يعني 90 سيڪڙو ڳائڻيون ۽ ڊانسرون مسلمان هيون. اسان سيني شاگردن کي اڳيان اڳيان ويهاريائون ۽ انهن ڊانسرن ۽ ڳائڻين سان ملايائون جڏهن مان ٻڌايومانس تہ آئون پاڪستان مان آهيان تہ جڻ انهن کي ساهہ پئجي ويو. چيائون پاڪستان اهو تہ پاڙيسري مسلمان ملڪ آهي. هڪ ڳائڻي چوڪري سڪينہ منهنجي پاسي ۾ اچي ويني ۽ اتان جا گهڻا احوال ڪندي رهي. سنڪيانگ جا Wuwurzo (وئي وڙزو) اڪثر مسلمان آهن ۽ بهترين سنگر ۽ ڊانسر آهن. سڪينہ جون ڳالهيون مزيدار هيون. اڪثر پڇندي رهي تہ پاڪستان ڪيئن آهي ۽ ٻڌو آهي تہ اسلام آباد جتي سنڪيانگ جا ڪجهہ ماڻهو حج وغيره لاءِ ويندا آهن اهي تعريف ڪندا آهن. مون ڪجهہ ان کي پاڪستان جا احوال ڏنا تہ سڪينہ ڏاڍي متاثر ٿي. اتي جيترا بہ (وئيوڙزو) Wuwurzu مسلمان هئا بهترين سنگر ۽ ڊانسر هئا

يا هيون. اوهان اڪثر ڏٺو هوندو جڏهن چيني ڳائڻ جو وفد پاڪستان يا ٻي ملڪ ويندا آهن تہ انهن ۾ اڌ ڪان بہ گهٽا ڳائڻ وارا يا ڊانس ڪرڻ وارا اهي مسلمان آهن. ائين لڳندا آهن ڄڻ پاڪستان جي ڪنهن خاص جڳهہ جي ٻهراڙي جا ماڻهو آهن. انهن جي پوشاڪ، منهن جي شبيهہ يا ڊانس جو طريقو يا ڊيل ڊول اسان سان گهڻو ملندو آهي.

ٻئي ڏينهن منهنجي طبيعت صحيح نہ رهڻ ڪري مان ٻين دوستن سان گهمڻ ڦرڻ لاءِ ٻاهر نہ وڃي سگهيس. منهنجي استاد هڪ ڊاڪٽرجو بندوبست ڪيو جيڪو جلدي اچي مون کي ڊرپ Drip لڳائي، جيئن تہ ڊرپ ڪافي وقت هلندي رهي تہ ڊاڪٽر جي چيني ٻولي ۾ هلندي رهي. اتان جا ڪجهہ اهڙا احوال ٻڌايائين جو اڪيون کلي ويون. هڪ تہ ان وقت سنڪيانگ ۾ ڪجهہ چيني حنزو (Hanzu) ۽ اتان جي لوڪل ماڻهن ۾ ڪجهہ اڻ ٻڻ هلي رهي هئي. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ مسلمانن جي ڳوٺن پرسان ماڻهو متي اگهاڙو نہ ايندو نہ ويندو هيو جنهن تي ڪئي دفعا انهن ۾ جهڳڙو بہ ٿيو. ٻيو تہ اتي ٻين جڳهن تان ماڻهن کي گورنمينٽ لڏائي اچي سنڪيانگ ۾ آباد ڪيو تي جيئن مسلمانن يا ٻين ننڍين قومن کي اقليت ۾ ڪيو وڃي، جنهن جي ڪري انهن ۾ جهڳڙو فساد ٿيندو هيو. ٽيون سنڪيانگ ۾ آهستي آهستي نوڪريون بہ لوڪلس جي بجاءِ لڏي آيل Hanzu چينن کي پيون ڏنيون وڃن. جيئن تہ ان Unrest کي روڪڻ لاءِ چيني گورنيمينٽ آرمي کي آٽي اتي ڪيمپون لڳايون آهن ۽ آپريشن بہ ڪري رهي آهي. پهريان تہ ڊاڪٽر ڪجهہ چوڻ لاءِ تيار ڪونہ هيو پر هيڏي هوڏي ڏسڻ ڪان پوءِ يقين ٿيس تہ ٻيو ڪو بہ ڪونہ آهي تہ کلي پيو ائين

پيو لڳي تہ جڻ هن جو ڪو پنهنجو هڏ ڏوڪي ملي ويو آهي جنهن کي پنهنجو حال ٻڌائي پنهنجي دل کي هلڪو پيو ڪري. جيئن تہ ڳالهہ نڪتي آهي سنڪيانگ جي تہ اوهان کي اهو بہ ٻڌائيندو هلان. مونکي هڪ پاڪستاني جي Islamic Delegation جنهن جي سربراهي محترم پير ڪرم شاهہ الاظهري آف پيرا شريف شهر وارو علماءُ ڪري رهيو هو، وري هتي اچڻ جو موقعو مليو. اسان Urmushi اڙمچي جيڪو سنڪيانگ صوبي جي گادي جو هنڌ بہ آهي کان وري ٽورپن وڃي رهيا هئاسين تہ رستي تي هڪڙو ماڻهو پنهنجي پٽ کي گڏهہ تي چاڙهي وڃي رهيو هو هن صاحب پنهنجي گاڏي کي روڪيائين. اسان سيئي لهي آياسين ان ماڻهو کان....پڇيو تہ تون مسلمان آهين. ان تي ماڻهو جنهن کي ننڍڙي ڏاڙهي مبارڪ بہ هئي چيائين تہ ها مان مسلمان آهيان ۽ نالو بہ مسلمانن وارو ٻڌايائين. چا توکي ۽ تنهنجي پٽ کي ڪلمو پڙهڻ ايندو آهي. هن پڙهي ٻڌايو ۽ وري پنهنجي پٽ کي بہ چيائين ان بہ ڪلمون پڙهيو ۽ ڪجهہ ننڍيون قرآني سورتون بہ پڙهيائين. سيئي ڏاڍا خوش ٿياسين.....ان کي شاباس ڏئي اڳتي پنهنجي منزل (Tulufan) ترپن روانا ٿياسين. اتي جڏهن شام جو ڪجهہ ڪلو ميٽرن جي پنڌ تي وني ويا تہ هڪ وڏو مينار ڏٺوسين جنهن جو نالو سليمان مينار هيو تمام ڏگهو ۽ هڪ مسجد سان لڳ هيو مسجد ويران پئي لڳي جتي ڪو بہ نمازي ڪونہ مليو نہ وري پڙهڻ جا ڪي انومان هيا. پر واري قبرستان ۾ وياسين جتي هڪ عجيب قسم جو قبرستان هيو. اڳي هڪ ننڍڙو قبو نهيل هيو ان جي چوڌاري هڪ ئي فيملي جا ماڻهو سرڪليولر طريقي سان دفن ٿيل هئا ۽ ڪجهہ قبرون

ڪوٽيل ۽ تيار ٿيل هيون اٽڪل 25 کان 30 ماڻهن کي دفن ڪرڻ جي گنجائش هئي.

## Visit To Inner Mangolia

(اڙموشي) کان پوءِ (Lancho) لانچو جتان ماڻهو لحاسا (Lahasa) تبت لاءِ ويندا هيا پهتاسين دل ڏاڍو ٿي چاهيو ته تبت ڏسجي پر ائين نه ٿي سگهيو ڇو ته شاگردن ۽ استادن سان جيڪو پروگرام هيو ان سان هلڻو پيو. هڪ رات اتي رهي ٻئي ڏينهن وري چائنه جي صوبي انر منگوليه Inner Mangolia لاءِ بسن تي روانه ٿياسين اٽڪل پنج ڪن ڪلاڪ لڳا ته انر منگوليا اچي هڪ هنڌ لٿاسين اتي ماني وغيره کاڌي استادن ٻڌايو ته رات هڪ تمام مٿاهين جڳهه تي ٽينٽس/تنبن ۾ رهڻو پوندو. جيئن ئي بس مٿي چڙهڻ شروع ٿي ته ائين پيو لڳي ته هوا گاڏي کي اٿلائي ڇڏيندي. هڪ قطار تنبن جي لڳائي وئي هئي جتي اسان کي رات رهڻو هيو. جولاءِ جو مهينو هيو ليڪن شام ٿيڻ سان ئي هوا ڪنن مان زوڪٽ ڪيو پئي هلي. اسين سنڌ جا ماڻهو جيڪڏهن جولاءِ ۾ ڪوه مري به ويندا آهيون ته سردي لڳندي آهي ليڪن انر منگوليا زمين سطح کان گهڻو مٿي آهي ۽ طوفان جهڙي هوا سو به گرمين ۾ ائين پيو لڳي جڻ اسان به هوا سان پيا اڏامنداسين ۽ هڪ هنڌ ويهڻ مشڪل هيو. اجا رات ئي نه آئي ته ٽينٽن جي اندر باهه جا ڪولو ٻاري گرم ڪيو ويو. ان سان گڏ چانهه ٺاهي وئي. مونکي پهريون دفعو تعجب لڳو جو چانهه ته بغير کنڊ جي هئي پر کنڊ جا ڳنڌا منهن ۾ وجهي پوءِ چانهه ان سان پئي

پيتي وئي. ڪجهہ بسڪوٽ ۽ ٽافيون بہ گڏ رکيون ويون هيون جيڪي ماڻهو کائيندا بہ رهيا. انر منگوليا جي روايت مطابق چيلا پوري جو پورا پچائي ماني لاءِ آندا ويا. اسين شاگرد پر ائين پيو لڳي تہ جڻ ڪي ٻاهرين ملڪن جا VIP اچي لٿا آهين، اتان جا ماڻهو اهڙا تہ پيلا ۽ قربائتا جو ڪٿا پورا نہ پيا پون. سمهڻ لاءِ ڪافي تلهيون سوڙيون ڏنيون ويون. مان يقين سان چئي ٿو سگهان تہ رات جو ايتري تہ ٿڌ هئي جڻ تہ پارو زيرو تي هوندو. پاڻي اهڙو تہ ٿڌو جو هٿ بہ نہ پيو لڳائي سگهجي هٿ ڏوئڻ تي پري جي ڳالهہ اهڙي ٿڌ ۾ اسان بہ ڏينهن ۽ بہ راتيون اتي گذاريل زندگي ۾ ڪڏهن بہ نہ وسرنديون ۽ هميشہ ياد اينديون. انر منگوليا ۾ رڍن جي ڌڻن جا ڌڻ نظر تي آيا. انهن جي چوڌاري بہ چار ڪتا رکيا ويا هيا ۽ هڪ ماڻهو گهوڙي تي چڙهي ۽ ورائڻ ۽ اتان چڙ وچڙ ٿيڻ کان بچائيندا رهيا. اتان جا ڪتا اهڙا تہ ٽريند Trained ٿيل هئا جو جيڪڏهن ڪا رڍ هيڏانهن هوڏانهن پري ٿي هليو وڃي تہ ڪتو ان کي هڪدم پڇي وڃي موٽائي پيو اچي. ان ٻهاني چين جي اولاهين حصي کي ڏسڻ شايد ئي ڪجهہ پنهنجن نصيب ۾ ٿيو هجي، چوڏهن ڏينهن ڪانپوءِ گاڏي اچي پيڪنگ (پيچنگ) جي پليٽ فارم تي اچي بريڪ هنيو. خبر پئي پيڪنگ (پيچنگ) پهچي وياسين سامان ڪٽي ٻاهر نڪرڻ سان ڪاليج جي بس ۾ ويهي اچي هاسٽل پهتاسين.

جيئن تہ موڪلون ڪافي هيون ان ڪري اڪثر پيڪنگ گهمڻ ۽ ان جي چپي چپي کي ڏسڻ جو موقعو مليو. هاڻي اچو تہ اوهان کي پيڪنگ جي مشهور شين جو سير ڪرائجي ۽ ڏسون پيڪنگ ۾ گهمڻ لاءِ ڪيتريون شيون آهن. اوهان مان

جيڪڏهن ڪو پيڪنگ وڃي تہ ڪوشش ڪندا تہ جيئن انهن شين مان ڪجهہ ڏسي سگهو. اهي تقريبن پيڪنگ شهر ۾ آهن ۽ اوهان ٽيڪسي ڪري پاڻ گهمي ۽ ڏسي سگهو ٿا .انهن مان ڪجهہ هي آهن:

## ٽين اين مين (Tian En Men) اسڪوائر:

هي هڪڙو وڏو ميدان آهي جتي هميشہ ماڻهن جي رش رهندي آهي ۽ خاص طور تي هزارين ماڻهو گرمين جي مند ۾ اچي گهمندا ڦرندا آهن. هن ميدان جي اوپر ڪان هڪ وڏو ميوزم آهي، اولهہ کان گريٽ هال(Great Hall) آهي ۽ اتر کان فاربيڊن سٽي آهي ۽ ڏکڻ کان مائو زي تنگ (Mao Ze Tung) ميوزيم آهي جتي مائو کي رکيو ويو آهي. ميوزيم: هتي چائنا جون اڪثر ڪري لانگ مارچ ۽ انهيءَ دور جون ڪيتريون شيون رکيل آهن. انهن کي ڏسي ماڻهو اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ چين جا ماڻهو ڪيتري وڏي جدوجهد کان پوءِ آزادي ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا. ميوزيم ايترو تہ وڏو آهي جو ماڻهو اٽڪل پورو ڏينهن گهمڻ ۾ لڳائي سگهي ٿو.

## گريٽ هال Great Hall of The People

ميوزيم جي آڏو هڪ گريٽ هال آهي جيڪو مائو زي تنگ جي زماني ۾ ناهيو ويو هو جنهن ۾ 100 کان مٿي ڪمرا ۽ وڏا هال آهن. هن هال کي بڌڻ ۾ آيو تہ 10 مهينن ۾ ناهي

پورو ڪيو ويو هيو جيڪو هڪڙو پنهنجي حساب سان رڪارڊ (Period) آهي ايڏي وڏي ۽ ڪشادي بلڊنگ کي ايتري ٿورڙي عرصي ۾ ناهي تيار ڪرڻ هڪ تعجب جهڙي ڳالهه آهي ۽ يقين نه ٿو اچي. اسان جي ملڪن ۾ هڪ پنجن ڪمرن جي اسڪول کي ناهڻ ۾ سال لڳيو پيا وڃن. گريٽ هال جتي ڪميونسٽ پارٽي جا وڏا وڏا ميڙ ٿيندا هيا ۽ اجان تائين ٿيندا آهن ۽ هزارين ماڻهو هڪ ئي دفعي سمائجي سگهن ٿا، ڏسي حيران ٿيندا هئاسين ته ايڏو وڏو هال جتي ٿنيا گهٽ نظر ايندا آهن، ڪيئن ۽ هن ٿورڙي عرصي ۾ ناهيو ويو. جيڪي به دنيا جا صدر يا وزيراظم چين جو دورو ڪندا آهن ته انهن کي چيني صدر يا وزيراعظم هن ميدان ۾ آجيان ڪندو آهي ۽ ان کانپوءِ انهي Great Hall ۾ Official Talks ٿيندا آهن ۽ انهن کي اتي ئي ضيافتون به ڏنيون وينديون آهن. پاڻ کي خوش قسمت سمجهندو آهيان ته ڪافي Dinnersايمبيسي ۾ ڪم ڪرڻ وقت انهن ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيو.

Mausoleum of Mao Ze Dong. مائو زي تنگ جو ميزوليم، مائو جي مرڻ کانپوءِ ناهيو ويو جيئن ان جي Dead Body کي اتي رکيو وڃي. چوندا آهن ته جيئن ته مائو هڪ دنيا جو عظيم رهنمائن مان هڪ هيو ان کيPreserve ڪري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو جيئن ته مائو جي آخر وارن ڏينهن ۾ چين ۾ ڪلچرل ريوليوشن Cultural Revolution آيو چيني گينگ آف فور (Gang of Four) وارن چين ۾ ريڊ گارڊس (Red Guards) کان ڪيترن هزارن ماڻهن کي ختم ڪرائي ڇڏيو هيو ان ڪري ماڻهن ۾ بيحد خوف و حراس هيو. مٿين ليڊرشپ ۾ Power Struggle شروع ٿي چڪي هئي. ان ڪري ماڻهو اندران ئي

اندران مائو ۽ ان جي ساٿين جي سخت خلاف ٿي چڪا هيا پر ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهيا ۽ ڪنهن موقعي جي انتظار ۾ هئا. اهو موقعو انهن کي مائو جي مرڻ ڪانپوءِ 1976 ۾ مليو. ماڻهو چوندا هيا تہ Cultural Revolution جيڪو 1966 کان 1976 تائين هليو يعني ڏهہ سال پر ان چين کي ٻن ڏهائي لاءِ پٺتي ڌڪي ڇڏيو. چين جيڪو اجان نئون نئون 1949 ۾ آزاد ٿي ۽ ترقي جون منزلون طئي ڪندي اڳتي وڌيو ٿي ان کي Cultural Revolution نہ رڳو بيحد نقصان پهچايو پر چين 15/10 سال پٺتي هليو ويو چند ڳالهيون اوهان کي ڪلچر انقلاب جون بہ ٻڌائيندو هلان تہ اها ڪهڙا بلا هئي ۽ ان جي پٺيان ڪهڙا ڪهڙا خاص ماڻهو هيا ۽ ان چين کي ڪيئن پٺتي ڪري ڇڏيو.

مائو زي تنگ 1960 جي اوائل ۾ ان کي اهو ذهن ۾ وڌو ويو تہ گهڻا چيني اڳواڻ چين کي سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ فلاسافي کان هٽايو ٿو وجي ۽ چين تيزي سان Capitalist (ڪيپٽلسٽ) ٿيندو پيو وڃي. مائو جيئن تہ هاڻي ڪافي عمر جو ٿي چڪو هيو اڪثر پنهنجي زال جي چوڻ تي هلڻ لڳو ٿي. مائو جي زال چيانگ چنگ هاڻي وڌيڪ طاقتور ٿيندي ٿي وڃي. هن ڪوشش ڪئي تہ ڪجهہ چيني ليبرر سوشلزم سان وفاداري جي بجاءِ ڪيپٽلسٽ واري راهہ تي هلي رهيا آهن، انهن کي هٽايو وڃي ان سلسلي ۾ هن پاڻ سان ٻيا بہ 4 ماڻهو ملايا جن مائو کي مائل ڪيو تہ جيڪڏهن اهو سلسلو روڪيو نہ ويو تہ چين جلد پنهنجي رستي تان هٽي ويندو جنهن لاءِ لانگ مارچ ڪئي وئي ۽ عوام ۽ غريب ماڻهو ان ۾ ان جو ساٿ ڏنو ۽ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيون.

اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ جيڪي پڙهايو ٿي وڃي اهو ڪميونزم فلاسافي جي ابتڙ آهي. مائو راءِ سان ها ۾ ها ملائي ۽ 1966 ۾ Cultural Revolution جي شروعات ٿي ۽ Red Guards جيڪي نوجوان ۽ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد هيا انهن گروپس ٺاهيا ۽ تعليمي ادارن ۾ اتان گهٽن استادن کي آهستي آهستي تنقيد ڪئي ۽ انهن کي پنهنجو ٽارگيٽ ڪرڻ شروع ڪيو. اهو سلسلو پارٽي جي عهديدارن کان وٺي ليڊرشپ تائين تنقيد ڪئي وئي. جڏهن اهو سلسلو وڌيو ته آرمي به ان کان ڪونه بچي سگهي ۽ ڪيترن اڳواڻن کي نشانو بڻايو ويو. ڪيترن کي ذلت نصيب ٿي ته ڪن پنهنجي جان وڃائي. هڪڙي اندازي مطابق 35,000 کان مٿي ماڻهن کي موت جو منهن ڏسڻو پيو. چو ان لاءِ Chou En lai چائنا جو اهو عظيم ليڊر هيو جنهن پنهنجي ناراضگي جو ته اظهار ڪندو رهيو ليڪن ڪڏهن مائو جي مخالفت نه ڪيائين. چو ان لاءِ جا ڪيترائي قريبي ساٿي به ان کان بچي نه سگهيا ۽ ذليل ٿيا. جڏهن مائو کي ماڻهن شڪايت ڪئي ته Chou انهن کي چيو ته جيڪي ٿئي پيو اهو چين لاءِ ڪو چڱو ڪم ناهي پر مان مائو جيڪو پوڙهو ٿي پيو آهي، مخالفت ڪونه ڪري سگهندس چو ته هو هڪ عظيم رهنما آهي هاڻي هن عمر ۾ مان هن جي مخالفت ڪريان، اهو به مون کان نه ٿي سگهندو. اوهان کي شايد خبر هوندي ته چو ان لاءِ هڪڙو اهو ليڊر هيو جنهن جي خلاف مان نه ڏٺو نه سمجهان ٿو ته ڪو به چيني هوندو يا هيو جيڪو ان جو مخالف هيو يا هجي ان ئي رهنما چين کي 1949 کان وٺي ان وقت تائين سهٽي ۽ سني طريقي سان اڳتي وڌائيندو رهيو. هو سرطان جي مرض ۾ مبتلا هوندي به 24

ڪلاڪ مان 16/18 ڪلاڪ روزانو لڳاتار ڪم ڪندو هيو. ڊاڪٽرن ۽ ان جي نوڪرن ان کي ڪم ڪرڻ کان منع ڪندا هيا تہ چوندو هيو تہ جيڪي چند ڏينهن بچيا آهن انهن مان پنهنجي ملڪ جي ڪجهہ وڏيڪ ڪم ڪري خدمت ڪريان تہ بهتر ٿيندو.

مونکي ياد آهي تہ جڏهن آئون ٻولي جو ڪورس ختم ڪري اچي ايمبيسي ۾ سيڪنڊ سيڪريٽري جي چارج ورتي 1980 ۾ تہ ان وقت Gang of Four تي ڪيس هلڻ شروع ٿيو ۽ ڪجهہ Clips يا ان ڪيس جون چيني ۽ انگريزيءِ واري بليٽن ۾ ٽي وي تي ڏيکاريندا هيا. جيئن تہ گينگ آف فور جيڪا Cultural Revolution جي اڳواڻ بہ هئي، ان سان گڏ شنگهائي جو ميئر هيو، هڪ ائير فورس جو چيف هيو ۽ هڪڙو ٻيو بہ آفيسر هيو. انهن کي تقريبن ڏهن ججن جي سامهون اچي ٻيهاريندا هيا ۽ انهن کي ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهڻو پوندو هيو. ان کانپوءِ ان تي شاهدي ڏيڻ وارا هيا جيڪو اچي پنهنجي زيادتين جا دستان ٻڌائيندا هيا تہ ڪيئن انهن کي ٽارچر ڪيو ويو ۽ ڪيئن انهن سان زيادتيون ٿيون انهن جون ڪهاڻيون يا زيادتيون ٻڌي هڪ ٻن ججن کي مون روئيندو بہ ڏٺو. تقريبن چار يا پنج دفعا مان انهن کي ٽي وي تي ڏٺو. جڏهن پهريون پهريون پيرو انهن چئن کي ججن جي آڏو پيش ڪيو ويو تہ ججن انهن کان پڇيو تہ اوهان کي حڪومت جي طرفان ڪو وڪيل ڪپي جيڪو اوهان جو ڪيس وڙهي سگهي. انهن مان ڪنهن بہ ها نہ ڪئي ۽ چيائون تہ اسان کي ڪو بہ وڪيل نہ کپي. ٻيا ٽي تہ بلڪل خاموشي سان اچي ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهندا هيا ليڪن مائو جي زال

هميشہ Defiant رهنديٰ هئي. ۽ هو ڪنڌ متي ڪندي هئي تہ انکي گارڊ ڪنڌ هيٺ ڪري بيهڻ لاءِ چوندو هيو يا زبردستي ڪرائيندو هيو جنهن ڪي هو هميشہ زور سان ڳالهائيندي هئي ۽ ڪو بہ حڪم مڃڻ ڪان انڪار ڪندي رهندي. ايتري قدر جو انهن ڪي چار پنج گارڊ زوري گهلي ٻاهروٺيندا هيا. مونکي چڱي طرح ياد آهي تہ فتويٰ واري ڏينهن انهن سيني ججن ڪي مخاطب تي چيائين تہ تڏهن توهان سڀ ڪٿي هيا جڏهن مان مائو سان لانگ مارچ ۾ گڏ هيس ان جدوجهد ۾ اسان جڏهن پنهنجي آزادي لاءِ وڙهي رهيا هئاسين. اوهان مان ڪو بہ هڪڙو ڪونہ هيو. اڄ اوهان مون تي الزام هڻي رهيا آهيو تہ مان ملڪ ۽ پارٽي لاءِ Renegate دشمن آهيان. بلڪل غلط آهي اوهان سڀ جيڪي اڄ انصاف جي ڪرسي تي ويٺا آهيو Revolution ۽ پارٽي جا Renegate آهيو. اوهان مونکي ڪٿان ۽ ڪهڙو انصاف ڏيندا. نہ ڪپي مونکي اوهان جو انصاف. هوءَ بلڪل چتي جيان انهن سان وڙهندي رهي ۽ جيئن تہ انهن جون ٻاهون پويان ٻڌل هيون انهن ڪري هن ڪي جيڪي بہ آيو تي چوندي رهي، تان جو ان ڪي ڦاسي جي سزا ڏني ويئي جيڪا پوءِ Suspended ڪري ڇڏيائون. انهن ۾ هڪڙو تہ ڏاڍو ڪراڙو هيو. جنهن ڪي هٿن جي سهاري سان ڪٹي اڇي پيش ڪيو ويندو هيو. انهن مان شنگهائي جو ميئر پورين حاضرين ۾ اچي ويهي رهندو ۽ ڪنهن هڪڙي سوال جو بہ جواب نہ ڏنائين. جڇ ان ڪان پڇندا هيا تہ هي بيان تنهنجي خلاف هاٹي هاٹي ڏنو ويو تون چا تو چوڻ چاهين. چا اها حقيقت آهي تہ تو اهڙا ظلم ڪيا. هن ڪڏهن بہ ها يا نہ جو جواب بہ ڪونہ ڏنو. صرف اکيون ٻوتي هيٺ ڏسندو هيو ۽

ڪو بہ جواب پوري ڪيس هلڻ تائين ڪونہ ڏنائين. هن چپ جي ماٺ پنهنجي چپن تي هٽي ڇڏي هئي. اهي سڀ هاڻي هن دنيا ۾ ڪونہ رهيا آهن. پر چيني حڪومت هڪ کي بہ ڦاسي تي ڪونہ لٽڪايو. جيئن اسان جي ملڪ ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي، بيگناهہ ڀٽي کي تختِ دار تي زوري چاڙهي ڇڏيائون جنهن جو اقرار پاڻ ججن بعد ۾ ڪيو تہ ڀٽو صاحب بيگناهہ هيو ۽ هن اهو قتل ڪونہ ڪيو هيو. ۽ صرف اهو جڊيشل مرڊر Judicial Murder هيو ڦاهي ڏيڻ وارن جو نالو بہ نہ رهيو آهي پر ڀٽو صاحب جو نالو اڄان بہ پاڪستاني ماڻهن ۽ خاص طور تي غريبن تي راڄ پيو ڪري. اڄ ڀٽي صاحب کي اسان کان وڇڙي 30 سال ٿي چڪا آهن پر هر هڪ ماڻهو ان جو نالو وڏي عزت ۽ احترام سان وٺندو آهي ۽ جيئي ڀُٽو جا نعرا پوري پاڪستان ۾ اڄان تائين گونجندا رهن ٿا.

1976 سال چين جي لاءِ هڪڙي لحاظ سان بهتر ٿيو جو Cultural Revolution جو انت ٿيو جڏهن مائو جي مرڻ کان پوءِ ان جي زال ۽ ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو ۽ هڪ اڻ چاتل ليڊر Hua Guo Feng کي ملڪ جون واڳون مليون. ليڪن ساڳي وقت اهو سال چائنہ لاءِ ڏاڍو ڏکيو ۽ خراب بہ رهيو جو تہ ان سال چين گهڻن ليڊرن کان محروم ٿيو. جنوري جو مهينو هيو جو چين جو هر دل عزيز ۽ صحيح معنيٰ ۾ ناهڻ وارو ليڊر Chou En Lai هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. چوندا آهن تہ چيني ان کي بيحد محبت ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏسندا هيا. ان کانپوءِ جنرل چوڏه Chude جيڪو آرمي جو وڏو رهنما هيو ان بہ هن دنيا کي الوداع ڪيو. ان کانپوءِ آگسٽ ۾ مائو زي تنگ بہ چين کي ڇڏي هليو. مائو اهو عظيم رهنما هيو جنهن

پنهنجي زندگي ۾ ڪروڙين ماڻهن ان کي پنهنجو ليڊر تسليم ڪيو. اهڙو ليڊر شايد اسان جي هن ماڊرن دنيا ۾ ٻيو ڪو به نه ڏٺو ويو. چين جي آزادي کانپوءِ چين جا ماڻهو مائو کي ايترو ته چاهيندا ۽ اعتبار ڪندا هيا جو جيڪڏهن مائو انهن کي چوي ها ته سياڻي سج اولهه کان ابرندو ته سيئي يقين ڪن ها. مائو اهو هڪڙو ئي دنيا جو ليڊر هيو جنهن پنهنجي زندگي ۾ ئي ايتري فالوئنگ Following ڏٺي. مائو پنهنجي آخري زندگي ۾ ڪافي غلطيون ڪيون جنهن مان Cultural Revolution هڪ وڏي غلطي چئي ويندي آهي پر انهن سيني خامين ۽ خرابين جي هوندي به هو هڪ عظيم رهنما هيو.

سال 1976 کي چيني ماڻهو ڪڏهن به يلائي نه سگهندا. ان سال پيڪنگ جي ويجهو Tangshan شهر ۾ هڪ وڏو زلزلو آيو جتي چوندا آهن ۽ تقريبن سڄو شهر تباهه ٿي ويو ۽ اٽڪل ڪيئي لک ماڻهو زلزلي ۾ موت جي منهن ۾ هليا ويا. چيني حڪومت کي ڪجهه اهڙا اهڃاڻ مليا جو ان وقت سفارت خاني وارن سيني ماڻهن کي ٻڌايو هئائون ته اهي پنهنجون فيمليون يا ته پنهنجن ملڪن ڏانهن موڪلي سگهن ٿا ۽ جيڪڏهن نه ته پوءِ اهي سيئي رات جو ٻاهر ٽينٽن Tents ۾ کليل ميدان ۾ سمهن ته بهتر ٿيندو. ان لاءِ هنن سيني سفارتخاني وارن کي ڪيترائي ٽينٽ مهيا ڪيا هيا. انهن اهو به ٻاهرين ملڪن جي سفارت خانن ۽ آفيس وارن کي ٻڌايو ته زلزلو تمام وڏي اچڻ جو خطروآهي. ۽ واقعي هڪ وڏو زلزلو آيو جنهن ٽانگ شان Tang Shan جيڪو اٽڪل 100/105 ميل پيڪنگ کان پري آهي ۽ زلزلي جو Epicenter هيو پوري شهر کي هڪ مٽي جو

ڍير ڪري ڇڏيو ۽ 5 لک ماڻهن موت جو منهن ڏنو ۽ ڪيترائي هزار ماڻهو وري زخمي ٿيا. مان جڏهن پيڪنگ 1978 ۾ پهتس تہ هڪڙي وڏي Article جيڪا هڪ رسالي ۾ ڇپي، پڙهڻ جو موقعو مليو. ان ۾ لکيل هيو تہ زلزلي جي اڳڪٿي ڪرڻ بيحد محال آهي ۽ نہ ئي ڪري سگهجي ليڪن چين وارن ان ڪي پرکي ورتو هيو. چيني گورنمينٽ ٿن شين سان اندازو لڳايو هيو تہ ڪو وڏو زلزلو اچڻ وارو آهي. اهي ٽي شيون هي هيون چين جي ٻهراڙي ۾ ڳوٺ وارن محسوس ڪيو تہ اتان جا جانور اڪثر بيني بيني ٽپا ڏيندا هيا ۽ هيڏي هوڏي ڀڄڻ لڳندا هيا. اتان جا ماڻهو حيران هيا تہ اڳي جانور ڪڏهن اهڙو عجيب طريقو ڪونہ ڪيو هيو. ٻيو وري اهو هيو تہ ٻهراڙي ۽ شهرن ۾ ڪيوليون ۽ پوپٽيون جيڪي مينهن وسڻ کانپوءِ زمين مان نڪرنديون آهن. پر هاڻي اهي تمام گهٽي حساب سان نڪرن ٿيون جڏهن تہ مينهن مهينو ڪن کان تہ پيو ئي ڪونهي تہ پوءِ ايتريون ڪيوليون ۽ پوپٽڙيون ڇو ۽ ڇا جي ڪري پيون نڪرن جن ماڻهن کي هڪ وڏي تشويش ۾ وجهي ڇڏيو هيو ۽ ٽيون سبب هيو تہ هن سال ٻين سالن کان ابتڙ اهو ٿيندو رهيو تہ مهينن کان جهڙ ۽ ڪارا ڪکر تہ ڏاڍا پيا ٿين ليڪن مينهن جي هڪ بوند بہ ڪانہ ٿي پوي. هن منڊ ۾ پيڪنگ ۽ ان جي ويجهن شهرن ۾ ڏاڍو مينهن پوندو هيو ۽ هاڻي ماڻهو پيا بوند لاءِ سڪن. انهن سيني شين کي ملائي چيني Geologist ان نتيجي تي پهتا تہ اهي سڀ شيون ڪنهن مصيبت کي آڻينديون يا تہ هن سال وڏي ٻوڏ ايندي جنهن جو اڪثر وقت آڪٽوبر ۾ ٿيندو آهي پر هاڻي اهو ممڪن نٿو لڳي، ٻيو اهو اندازو لڳايائون تہ اهہ

سڀ شيون زلزلي جو باعث ٿينديون ۽ ٿيو به ائين ان ڪري چيني حڪومت ٻاهرين ماڻهن کي تنبو (Tents) ڏنا ته جيئن هو رات جو ٻاهر سمهي سگهن ۽ هڪ وڏي مصيبت کان بچي سگهن. ان ڪري 1976 ۾ چين لاءِ خراب سال گذريو ۽ ساڳي وقت Cultural Revolution جي .مصيبت به پنهنجي انت آندو ۽ مائو جي رحلت ڪانپوءِ Gang of Four کي ٻڌو ويو ۽ ماڻهن سک جو ساهه پٽيو.

Forbidden City (فاربڊن سٽي). هي Tian en Men اسڪوائر جي اترين طرف کان آهي جنهن جي گيٽ تي مائو زي تنگ Mao Ze Dong جي هڪ وڏي تصوير لڳل آهي. اها ئي جڳهه آهي جتي مائو 1 آڪٽوبر 1948 تي هڪ وڏي تقرير ڪئي هئي ۽ اعلان ڪيو هيو ته اڄ چين آزاد ملڪ جي حيثيت سان ابريو آهي ۽ سيني چين واسين کي مبارڪ هجي ۽ ان جو سهرو چين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مٿي تي آهي. فاربڊن سٽي اها جڳهه آهي جتي چين جا Emperor ايمپرر رهندا هئا. انهن محلن کي ڏسي ائين لڳندو آهي ته اهي پٿر جا گهر چيني نما ڇتون ڪنهن شهنشاهيت جو ثبوت آهن اتي Emperor لاءِ وڏا ڪشاده ۽ هوادار گهر الڳ الڳ ۽ وري انهن جي نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جي رهڻ جا ڪوارٽر الڳ آهن. انهن محلن جي چوڌاري هڪ وڏي ديوار يا ڪوٽ ڏنل آهي جنهن کي وري مٿان چوڪيدارن لاءِ جڳهون نهيل آهن اوهان مان جن فلم First Emperor ڏٺي هوندي ته تقريبن 50 سيڪڙو فلم انهن محلن ۾ فلمايل آهي. اوهان ان فلم ۾ ڏٺو هوندو ته جيڪو ان ۾ ڇوڪرو Emperor Phu yi ٿيو آهي ان کي آزادي ڪانپوءِ ۽ Cultural Revolution دوران ريڊ گارڊس Red Guards ان کي مٿي تي زبردستي ڍڪيندا اچن تا ۽ ان کي هيٺ زمين تي ويهاريو

ويو آهي ۽ ان کي سزا ٻڌائي وئي آهي تہ باقي زندگي قيد ۾ گذاريندو. پر بعد ۾ ان کي اهو بہ ڏيکاريو ويو آهي هو مالهي جو ڪم ڪندو رهيو آهي. پڙهندڙ ن کي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ اها فلم ڪنهن قدر حقيقت تي نهيل آهي ۽ خاص طور ان ايمپرر جي آخري زندگي ائين ئي گذري.

# Wangfu Jin (وانگفو چن)

Tian En Men (تين اين مين) اسڪوائر کان چند منٽ جي پنڌ تي پيڪنگ هوٽل آهي جيڪو ان وقت يعني 1984 تائين پيڪنگ جو بهترين هوٽل هيو جتي ٻاهرين ملڪن جا وفد گهڻو ڪري اچي رهندا هئا. ان ڪانپوءِ تہ چين جيئن جيئن دنيا لاءِ آزاد ٿيندو ويو بهترين هوٽلن جون لائنيون لڳي ويون. پيڪنگ هوٽل جي لڳو لڳ Wangfu Chin (وانگفو چن) اسٽريٽ آهي جيڪا ان وقت جي بهترين شاپنگ اسٽريٽ هئي. هزارين ماڻهو هر روز پنهنجي پنهنجي شاپنگ لاءِ ايندا هيا. اڪثر ائين ٿيندو هيو تہ رش ۾ شيون خريد ڪرڻ تہ پري پر شيون ڏسڻ لاءِ بہ ڪافي جدوجهد ڪرڻي پوندي هئي. جڏهن Sales Girls/Boys (سيلز ڇوڪريون يا ڇوڪرا) اسان کي فارينر ڏسي جڳهہ ڪرائي ڏيندا هيا تہ جيئن شيون ڏسي ۽ خريد ڪري سگهون. انهن ڏينهن ۾ چين ۾ ڪنهن بہ جڳهہ تي ٿڌو پاڻي يا ڪو ڪا ڪولا ڪونہ ملندو هيو. جڏهن گرمين ۾ اڃ لڳندي هئي تہ اتان جو لوڪل شربت جنهن کي شيشئي Shishui چيو ويندو هو اهي وني پيڻو پوندو هيو. چين جي گهمڻ جو گهڻو موقعو مليو ليڪن پوري چين ۾ ان وقت ڪٿي ٿڌو پاڻي يا ٿڌي ڊرنگ ڪونہ ملي. چيني تہ گرم پاڻي پيئڻ جا عادي هيا ڇو تہ انهن کي مائو چيو هيو تہ گرم پاڻي پيئڻ صحت لاءِ بيحد مفيد آهي ۽ ٿڌو پاڻي نقصانڪار، ان ڪري انهن گرم پاڻي پيئڻ پنهنجي عادت ناهي ڇڏي هئي.

اسان گرم پاڻي کي ناري پوءِ پيئندا هئاسين ۽ اهڙي طرح اسان جي عادت بہ ٿي وئي. ليڪن هاڻي ٿڌو پاڻي يا ٿڌا ڊرنڪ جتي ڪٿي موجود آهن ۽ ملندا آهن.

## Temple of Heaven (ٽيمپل آف هيون)

جيڪو تقريبن ٽن چئن ميلن جي پنڌ تي آهي، ماڻهن جي ڏسڻ وٽان آهي اتي بہ ماڻهن جي چاهي لوڪل هجن يا ٻاهريان، بيحد رش لڳل هوندي آهي. اهو هڪ پراڻو ٽيمپل هيو جيڪو بيحد سهڻو آهي پر خاص طور ان جي چوڌاري هڪ 15 فوٽن جي گول ديوار ڏنل آهي ۽ اهڙي طرح ٺهيل آهي جو اوهان ڏسندا تہ ڪيترائي ماڻهو پنهنجا ڪن ديوار سلن لڳايو بيٺا هوندا. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيڪڏهن اوهان ان هنڌ جيڪي ڪجهہ بہ ڳالهائيندا تہ اوهان جو دوست جيڪڏهن ديوار سان ڪنهن بہ هنڌ ڪن لڳائيندو تہ ان جو هڪ هڪ لفظ چڱي طرح ٻڌي سگهندو. ان ڪان وري ٿورڙو پر پرو هڪ پاڻي جو تلاءُ آهي جتي ماڻهو وجي Coins ٺامي وغيره جا پئسہ ان پاڻي ۾ وجهندا آهن ۽ ان سان گڏ دل ئي دل ۾ هڪ خواهش ڪندا آهن. جيڪڏهن اهو Coin جلد ٻڏي ويو تہ ائين سمجهو تہ خواهش پوري ٿيندي ان ڪري ڏڪو اچڻ ڪان اڳ ۾ اوهان پنهنجي خواهش دل ئي دل ۾ رکندا ۽ پوءِ ڏسندا تہ اها پوري ٿيندي يا نہ.

# پيڪنگ ۾ ٻہ وڏا پارڪ آهن

# Beihai Park and Summar Palace

پيڪنگ ۾ ٻہ وڏا پارڪ آهن جتي ماڻهو اڪثر Walk (واڪ) ڪرڻ سان گڏوگڏ اونهاري ۾ Boating بہ ڪرڻ ويندا آهن. انهن پارڪن جو نالو بيهائي Beihai Park آهي جيڪو تہ شهر جي وچ ۾ آهي. مونکي ياد آهي تہ يونيورسٽي واري دور ۾ اسان سيني شاگردن جنهن ۾ ڪجھ ڇوڪريون بہ هيون اڪثر گڏجي پڪنڪ ملهائڻ ويندا هئاسين. اتي بہ ٽي ٻيڙيون وٺي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بوٽنگ ڪندا هياسين ۽ جڏهن ٿڪجي پوندا هياسين تہ پوءِ يا تہ جلدي هاسٽلن جو منهن ڪندا هياسين يا وري ڪنهن ويجهي ريسٽورينٽ ۾ ڪجھ هلڪو ڦلڪو کائي شام جو واپس ٿيندا هياسين. جيئن تہ سيئي اسٽوڊنٽ لائيف گذاريندا هئاسين، ٻين جي مقابلي پئسي پائي لاءِ زور مون تي گهٽو ٿيندو هيو. هڪ تہ مونکي سفارتخاني مان ڪجھ سرس وظيفو ملندو هيو ۽ ٻين کي چيني حڪومت طرفان رهائش کان علاوه ڪجھ ماهوار بہ کيسي جي خرچي ملندي هئي. ان ڪري ٻيڙين جو ڀاڙو يا هلڪو ڦلڪو کائڻ جو خرچ مونکان ئي ورتو ويندو هيو.

هڪ ٻيو پارڪ هيو جيڪو بيحد وڏو هيو جيڪو ڪيترن ئي سون ايڪڙن ۾ پکڙيل هيو اونهاري ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجين فيملين سان ايندا هيا. ان پارڪ ۾ ڪافي دير تائين لائين ۾ بيهڻو پوندو هيو تہ جيئن بوٽ ملي سگهي. چيني ماڻهو اسان فارينرن کي ڏسي ڪجھ اهميت ڏيندا هيا ۽ بوٽ

جلدي ملي ويندي هئي. جيڪڏهن اوهان اونهاري ۾ وڃو ۽ هڪ ڏينهن پورو Summar Palace جنهن پارڪ جو نالو هيو، گذارڻ چاهيو ته مونکي پڪ آهي ته هميشه ياد رکندا ته کهڙي نه چڱي جاءِ آهي ۽ ڏاڍو لطف ايندو. اتي بوٽنگ کان علاوه پيو به گهمڻ ڦرڻ ۽ شاپنگ ڪرڻ جون جڳهون آهن جيڪي کيسي کي خالي ڪرڻ ۾ دير نه لڳندي. دل چوندي ته هر شيءِ وٺجي.

## چين ۾ اسلام:

چين ۾ مسلمانن جو هڪ وڏو تعداد آهي. چين ۾ اسلام گهٽو اڳي آيو حضور صه جن جو هڪ اصحابي هيو جيڪو ڪينٽن شهر پهتو هڪ وڏي مسجد 7th Century ۾ اڏائي. 627ع ۾ هي مسجد ٽانگ Tang Dynety ۾ ٺهي جيڪا 3000 اسڪوائر جي ايريا تي جوڙيل آهي جنهن جو مينارو تمام مٿي آهي جيڪو ملاحن وغيره کي ان وقت River Zhajaing (جيو چيانگ) جي رهنمائي ڪري سگهي. ان مسجد جو نالو آهي Khuai Sheng(خواشي شنگ) جتي ان اصحابي سڳوري جي آخري آرام گاهه به جوڙيل آهي. ان کانسواءِ شهرXinjiang نڪيانگ صوبي ۽ لانچو ۽ Xian ۾ پڻ تمام گهڻا مسلمان آباد آهن. جيئن ته ڪميونسٽ دور ۾ مذهب کي ڪافي دبايو ويو ان ڪري ماڻهو جيڪي ڪافي مذهب سان پيار ۽ دلچسپي رکندا هيا، چوري چوري نماز ۽ قرآن به پڙهندا هيا. ان کان علاوه پيڪنگ ۾ ٻه ٽي مسجدون آهن جتي اسان جمع جي نماز اڪثر پڙهڻ ويندا هياسين. جيئن ته اتي ڪيترا ماڻهو ايندا هيا. ان ڪري هڪ ٻي مسجد جيڪا تمام پراڻي هئي ان کي به کوليو ويو ۽ جمع نماز

تيڻ لڳي. اتي جمع نماز کان علاوه عيد جون نمازون يا جنازه نمازون بہ پڙهيون وينديون هيون. مونکي چڱي طرح ياد آهي پاڪستان جيئن تہ چين جو دوست ملڪ هيو ۽ پاڪستان اسلام جي نالي سان وڏيڪ چاتو. سڃاتو ويندو آهي، اڪثر چيني انهن مسجدن ۾ اچي يا تہ نماز پڙهندا هيا يا وري پوءِ کان اچي پري بيهي اسان کي نماز پڙهندو ڏسندا هيا. ماڻهو انهن سان ڪوشش ڪندا هيا تہ جيئن اسان ڪجهہ ڳالهائي سگهون پر چو تہ ٻولي جو وڏو مسئلو هيو ان ڪري گهٽي لهہ وچڙ ۾ ڪونہ ايندا هئا. ان سان گڏ چيني ٻاهرين ملڪن جي ماڻهن سان ڳالهائڻ کان پري پڄندا هئا. مان ۽ منهنجو دوست مسٽر حبيب انهن سان ڳالهائيندا هياسين تہ خبر پوندي هئي تہ انهن کي نماز يا قرآن شريف پڙهڻ ڪونہ ايندو آهي. جڏهن اسان پڇندا هياسين تہ مسلمانن کي تہ نماز ۽ قرآن شريف پڙهڻ تہ اچڻ کپي پوءِ ڪجهہ چوندا هيا تہ اسين مسلمان آهيون ۽ سور جو گوشت ڪونہ کائيندا آهيون يعني تہ اتي سور جو گوست نہ کائڻ معنيٰ مسلمان جي علامت هئي ۽ پوءِ اسان کان قرآن شريف وٺڻ جي گهر ڪندا هيا، جيڪا ڪڏن ڪڏهن پوري ڪئي ويندي هئي. هڪ ٻن سالن ۾ جيڪا مسجد اڏ ڪن پربي هئي اتي بيهڻ لاءِ جاءِ نہ ملندي هئي ۽ ماڻهو رودن تي بيهي خطبو ۽ نماز پڙهندا ڏناسين. ٻي هڪ پراڻي مسجد Xian شيئان ۾ مون ڏٺي جيڪا بيحد خوبصورت ۽ تاريخي شهر ۾ موجود آهي. چين ۾ ڪيترين ئي قومون آهن ۽ خاص طور سنڪيانگ ۾ ان جي پر وارن صوبن ۾ تمام گهڻا مسلمان آهن. انهن سيني کي ملائي ڏسجي تہ چيني جن ماڻهن کي Hanzu حنزو چئبو آهي ان کان پوءِ مسلمان ٻئي نمبر تي آبادي جي لحاظ کان آهن.

# Xian (شيئان) جو سير

Xian شهر چين جي اولهہ ۾ ڏکڻ ۾ هڪ عجيب تاريخي شهر آهي. هتي هڪ سهڻي مسجد آهي جيڪا پڻ اوائل ۾ مسلمانن اچي آباد ڪئي. جڏهن مان هڪ Pakistani Religious وفد سان اتي ويس تہ ان مسجد ۾ نماز پڙهڻ جو شرف بہ حاصل ٿيو ۽ اتان جي امام سان بہ ملاقات ٿي. ان مسجد کي چڱيءَ طرح ڏيکاريو ۽ آجيان بہ ڪئي. ان ڪانپوءِ هتان جي هڪ وڏي هنڌ Terra Cotta وني ويا جتي ڪنهن وقت جي بادشاهہ جي مرڻ ڪانپوءِ اتان جا لشڪر نما هٿ جا نهيل گهوڙا، هاتي ۽ پيادا ماڻهو زمين جي اندر بيٺل اصلي شڪل ۾ پوريل ڏناسون. سڀ کان اول بہ قطارون پيدل ماڻهن جون هيون ۽ انهن جي پٺيان گهوڙا ۽ آخر ۾ هاتي لائينن ۾ بيٺل ڏناسون سال 1974 ۾ ڪجهہ ڳوناڻن هارين هڪ يت ناهڻ لاءِ جڏهن زمين کي کوٽيائون تہ آهستي آهستي خبر پئي تہ ڪي عجيب شيون پوريل آهن. اها خبر جڏهن سرڪار کي پئي تہ ان جي پوري کوٽائي ڪئي وئي ۽ معلوم ٿيو تہ هتي ڪو وڏو خزانو پوريل آهي. اها بعد ۾ خبر پئي تہ 246 B.C جي زماني اتان جو Qing Shi Hung Emperor چنگ شي خوانگ مئو هئو ۽ ان سان گڏ پوري چڏيائون. اوهان کي اهو بہ ٻڌائجي تہ اڳي جي اها رسم هوندي هئي تہ جيڪو بادشاهہ يا راڻي مري ويندي هئي تہ ان سان گڏ ان جا سڀ ڳهہ ڳنا، ڪپڙا، استعمال جون سڀ شيون بہ ان جي قبر اندر پوريون وينديون

هيون. ان جي پٺيان فلاسافي اها هئي ته اڳئين جهان ۾ اهي ئي شيون ان کي ملنديون ۽ ڪم به اينديون. ان ڪري هي جيڪو به لشڪر ان بادشاهه وٽ هيو ۽ نهرايو هئائين سڀ ان سان دفن ٿيل هيو. ان تان مونکي ياد آيو ته هڪ دفعي اسان مائو جي اباڻي ڳوٺ وڃي نڪتاسين جيڪو ووهان Wuhan ۾ آهي اتي مائو زي تنگ جي پهرين زال جو فوٽو ۽ ان سان ٻه ٻار به هئا. ٻڌايو ويو ته هي مائو جي پهرين زال ۽ ان مان ٻه پٽ هيا. انهن مان پهرين زال کي شايد ڇڏي يا طلاق ڏئي ۽ پوءِ فلمن جي هيروئن سان شادي ڪئي هئائين، جيڪا پوءِ ان جي بدنامي جو باعث به ٿي ۽ Gang of Four جي اڳواڻ هئي. ٻن پٽن مان هڪڙو پٽ Korean ڪورين لڙائي ۾ مارجي ويو هيو. ان شهر جي ويجهو هڪڙي جڳهه تي وٺي ويا جتي هڪ راڄ راڻي جي قبر نهيل هئي جنهن جي مٿان شيشو ڏنل هيو جيڪو بلڪل شفاف هيو ۽ ان جي آرپار اسان سڀ ڪجهه ڏسي ٿي سگهياسين. ان ۾ ان جو لاش پيل هيو ۽ ان سان گڏ اصلي سون جا زيور ۽ استعمال جون سڀ شيون پيون هيون. ان جي مئي کي به ڪئي سوين سال ٿيا هوندا. اسان کي ٻڌايو ويو ته جڏهن هن جي لاش کي کوليو ويو ته هن جي پوري شڪل ۽ بادي بلڪل ثابت هئي چو ته ان کي هڪ Air Tight بڪسي ۾ وڌو ويو هيو ۽ جڏهن کولي وئي ۽ ان کي هوا لڳي ۽ ٿورڙي عرصي ۾ ان جي شڪل ۽ بادي تبديل Deform ٿي وئي. ڏاڍي ڪوشش ڪئي وئي ليڪن ان کي اصلي شڪل ۾ نه آڻي سگهيا.

# هانگ ڪانگ جو دورو

اهو ذڪر آهي جولاءِ 1979 جو. مون دوستن کي چيو تہ هلو تہ هانگ ڪانگ گهمي ڦري اچون ليڪن ڪنهن بہ هامي نہ ڀري، ڇو تہ 24 ڪلاڪن جي ريل جو سفر ٻيو رهڻ ۽ خريد ڪرڻ لاءِ مونکي ڏاڍو شوق هيو ۽ آخر پنهنجو اسڪول جو دورو پورو ڪري آئون گاڏي ۾ چڙهي ويس. استادن منهنجي لاءِ گاڏي جي Reservation بہ ڪرائي ڏني ۽ هڪ هنڌ رات بہ رهڻي پئي پوي ۽ ٻئي صبح جو وري ٻي گاڏي پڪڙي Cantonڪينٽن وڃڻو هيو. ڇو تہ اتان جي ٻولي Manderine کان مختلف آهي ۽ مونکي بلڪل ڪونہ ٿي آئي ان ڪري استادن سمورو بندوبست ڪيو هيو تہ جيئن مونکي وچ واري شهر تي لهڻ وقت ۽ ڪينٽن بہ ڪو ونڻ اچي10/15ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اچي گاڏي هڪ پليٽ فارم تي بيني تہ گاڏي واري ٿي ٿي مونکي چيو تہ هي تنهنجي اسٽيشن آهي تون اچ ۽ هٿ لهي بيهہ ۽ توکي انٽرپٽر ونڻ ايندو. اجان منٽ بہ نہ گذريو تہ هڪ ڇوڪري اچي انگريزي ۾ چيو تہ تون مسٽر فيض آهين ۽ پوءِ مونکي ٽيڪسي ۾ پاڻ سان هڪ هوٽل ۾ وني وٺي. هو بہ هڪ انگريزي جي اسٽوڊنٽ هئي. مونکي ڪمري جي دروازي تي ڇڏي ڇوڻ لڳي تہ آئون وڃان ٿي. شام ملاقات ٿيندي مان توکي ڪجهہ هن شهر جو سير ڪرائيندس. مان شڪريو ادا ڪري اچي ڏاڍي ننڊ ڪئي. اجا شام جا 5 ئي ڪونہ ٿيا تہ هن اچي در ڪڙڪايو ۽ چيائين تہ اچو مون

چيو تہ مان تڙ ڪري وڻان هن چيو نيڪ آهي ۽ موٽڻ لڳي تہ مان چيو تہ هتي ڪمري ۾ اچ ليڪن هن انڪار ڪيو ۽ هيٺ ويهڻ لاءِ چيائين مان تيار ٿي هيٺ ويس تہ پوءِ شهر جا چڪر هڻڻ لاءِ وياسين اتان جون بازارون ۽ ڪجهہ خاص شيون گهمائي 8 بجي رات موٽي آياسين ۽ گڏجي هيٺ ماني کائي چيائين تہ يلا صبح ملنداسين. مون چيو تہ يلا ڪمري جي در تي چڏي اچ ۽ جڏهن در وٽ پهتي تہ موٽڻ لڳي تہ مان چيومانس تہ جيڪڏهن ڪجهہ منٽ ڪمري ۾ ويهين تہ سياڻي جو پروگرام بہ ٺاهيون ۽ ڪجهہ ويهي ڳالهايون بہ. هبڪندي هبڪندي اندر آئي، ڪافي دير تائين ڳالهيون ٽيڪنديون رهيون ۽ آخر 11.15 منٽن تي هلي وئي. جڏهن مون چيومانس تہ يلا هاڻي رهي پئو تہ چيائين چو ٿو مونکي عذاب ۾ وجهين. چو تہ هر شيءِ جي هتان رپورٽ ٿيندي. صبح گاڏي 11 ڏاران ڪينٽن لاءِ رواني ٿيڻي هئي. هوءَ صبح 8 بجي اچي در تي پهتي. مان اڳيئي تيار وينو هيس ۽ ڪمري ۾ هلي آئي ۽ ويهي رهي. چيائين تہ رات ننڊ نہ آئي آهي. مون پڇيو چو ۽ چاجي ڪري چيائين تہ سوچيندي سوچيندي تہ تون هليو ويندين ۽ صرف يادون ئي رهجي ويندون. چا ائين ٿي سگهي ٿو تہ تون هتي پڙهڻ لاءِ اچين. مون چيو اهو ناممڪن آهي چو تہ منهنجي وس ۾ ناهي هن جو اکيون آليون ٿيون تہ آئون بہ رهي نہ سگهيس ۽ هڪ ٻئي کي دلاسا ڏئي ريجهايوسين. وقت ڪنهن لاءِ ڪونہ رڪندو آهي ۽ ڏهين بجي ٽيڪسي ۽ اسٽيشن لاءِ اچي ريل ۾ ويهاري مرڪي موڪلايائين سندس نالو Chin هيس ڏگهيڙي، سنهڙي ۽ بيحد وڻندڙ ڇوڪري مونکي چين ۾ گهٽ نظر آئي. ڪينٽن اچي رات جو پهتس تہ هڪڙو ڇوڪرو اڳيئي اتي بيٺو هيو ... پڻ سني انگريزي ۾ آجيان ڪري اچي هوٽل

جي در تي چڙهيو ۽ رات اتي رهي پئي ڏينهن انهي مونکي گاڏي تي چاڙهي روانو ڪيو. ٻن ڪلاڪن جي اندر اچي هانگ ڪانگ پهتس. چنگ ڪنگ Chung King مينشن ۾ هڪڙو ڪمرو ورتي چار ڏينهن رهيس. جيئن چوندا آهن تہ جي اٺئي ناٽو تہ گهم لاڙڪاڻو، يا وري تہ "لاهور نهين ويکيا تي جميائي نهين". سو هانگ ڪانگ جون رونقون ڏسي اکيون کلي ويون. ان وقت چين هر لحاظ کان هانگ ڪانگ کان پنتي لڳو. دل تہ تي چيو تہ هر هڪ شيءِ خريد ڪجي ليڪن هر خواهش پلا ڪا پوري ٿيندي آهي ڇا؟ ڪجهہ شيون ورتم ڪجهہ وري ماٺهن جون فرمائشون هيون تہ هي وٺي اچجانءِ هو آڻجانءِ، بہ ورتم. ڪجهہ وڏيون شيون هڪ دوڪان تان ورتم جنهن کان اسان جي ايمبسي وارا اڪثر قسطن تي وٺندا هيا. اتي اينرا تہ اليڪٽرڪ ۽ اليڪٽرانس جون شيون ڏٺم جو مون ڪٿي بہ اڳي ڪونہ ڏٺيون هيم. هاڻي اچو تہ ڪجهہ ننڍيون ننڍيون شيون پر ڏاڍيون دلچسپ آهن اوهان کي ٻڌايان اهي ڪجهہ هي آهن.

## عظيم ديوار (Great Wall)

چائنہ جي گريٽ وال Great Wall يا جنهن کي ديوار چين چئبو آهي دنيا جي هن وقت تائين جيڪي بہ انسان جون ٺهيل بلڊنگون يا پتيون آهن، انهن مان سڀ کان وڏي ۾ وڏي Man Made ديوار آهي. جيئن چيني جا خاص طرح سان ٺهيل Dragon (ڊريگن) ڊگها ۽ ور وڪڙن سان هوندا آهن. اهڙي طرح سان ديوار چين بہ انهي طرح سان نظر ايندي آهي. هيءَ ديوار يا پت تقريبن 6100 ڪلوميٽر ڊگهي آهي ۽ ان جي اوچائي ڪٿي ڪافي مٿي آهي تہ ڪٿي وري

گهٽ ان جي سڀ کان وڏي اوچائي 10ميٽر آهي. اها ديوار چين جي اوڀر _ اتر کان شروع ٿئي ٿي ۽ اولهه _ اتر تي وڃي ختم ٿي ٿئي. ان جي شروعات Shanhai Guan پاس کان ٿئي ٿي ۽ اولهه ۾ Tiayu Guan پاسي وٽ ختم ٿي ٿئي. جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته چين ۾ ڪيتريون ئي ننڍيون رياستون هيون جن جا بادشاهه Emperor الڳ الڳ هوندا هيا جن کي چيني Dynasts چوندا آهن. Great Wall منگ Dynasty (Ming) جي دور ۾ ٺاهي وئي هئي. ديوار مختلف دورن ۾ ٺهندي رهي ۽ ٽڪرن ۾ ورهايل هئي. ۽ Chin چن ڊانسٽي (Qin Dynesty) جي بادشاهه چن شي هونگ ان کي جوڙي مڪمل ڪيو. ان جي ٺاهڻ تي ڪيترن ئي لکن ماڻهن، فوجين، قيدين ۽ عام ماڻهن ڪم ڪيو ۽ ڪي 2.3 لک ماڻهو ان تي ڪم ڪندي مري ويا هئا هن ديوار جي ٺاهڻ جو مقصد هيو ته اتر کان اڪثر منگولس (Mangols) ۽ ٻيون قومون ۽ بادشاهه چيني بادشاهن تي حملا ڪندا هئا ۽ انهن جي هر شيءِ تي قبضا ڪندا هئا ۽ نقصان پهچائيندا هئا. انهن حملن کي روڪڻ ۽ پنهنجي خوشحال زندگي کي بچائڻ لاءِ ديوار چين ٺاهي وئي. ٻڌندا ٻه آهيون ته ان جي تاريخ مان پتو پيو آهي ته اها ديوار 2000 سالن کان ٻه گهٽو اڳ جي ٺاهيل آهي. هونئن ٻه اها ڪافي جڳهن کان وڃي ڏسندا آهن ليڪن پيڪنگ کان ڪلاڪ ڏيڍ جي پنڌ تي پاتا لنگ Pataling وٽان ان کي سهڻي نموني رکيو ويو آهي اتي ماڻهو وڃي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذاريندا آهن. ۽ فوٽو گرافي ڪندا آهن. ۽ پنهنجون يادون ڪٺي پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ وڃي شوق ۽ فخر سان پنهنجن دوستن ۽ فيملين کي ڏيکاريندا آهن. اوهان کي ٻه جو ڪڏهن ڪو موقعو ملي ته چين يا پيڪنگ وڃو ته گريٽ وال ضرور ويندا ۽ ڏسي ايندا. ان لاءِ

اوهان گهر ويني يا اتي به وڃي گائيڊيڊ ٽوئر Guided Tour وٺي ٽورزن پئسن ۾ ان کي ڏسي سگهو ٿا. اوهان کي اها به خبر هوندي ته ديوار چين تي اهڙي شيءِ آهي جيڪا چنڊ تان Astronomers کي نظر آئي آهي. چوندا آهن ته انهن کي مٿان ائين پئي لڳي جيئن هڪ ڏاڳو يا نوڙي کي جڻ ڏگهو ڪري وڇائجي ۽ ان ۾ ور وڪڙ هوندا آهن، ته اها اتان وال جي ڏاڳي وانگر نظر آئي هئي.

مان فخر سان چئي ٿو سگهان ته مون ان ديوار کي ڏسڻ ڪيئي دفعا پاتالنگ ويس ۽ اولهه ۾ جتي ختم ٿي ٿئي اتي هڪ قلعي وانگر جڳهه نهيل آهي جنهن جي مٿان وڃي گهمي سگهو ٿا، مان هڪ دفعو اتي به ويس ۽ ڏٺي آيس.

# اسپتال جو واقعو:

سال ڪانپوءِ منهنجي وائيف به چين آئي ۽ 2 سالن ڪانپوءِ اسپتال ۾ داخل ٿي ۽ هڪ نينگري کي جنم ڏنائين. جمع جو ڏينهن هيو ۽ 3 وڳي شام ڌاران پيدائش ٿي. ٻئي ڏينهن اسان کي هڪ ڪمرو ڏنو ويو جتي 2/3 ڏينهن ڪان پوءِ گهر وڃڻ جي موڪل ڏنائون. ان ڪمري ۾ رهڻ ڪانپوءِ اٽڪل ڪلاڪ ڪن جي اندر هڪڙو ماڻهو آيو، دروازو کڙڪائي، کولي ۽ هڪ مرڪ ڏئي ۽ جلدي دروازو بند ڪري هليو ويو اسان کي ڏاڍو عجب لڳو سو مان ان جي پويان وڃڻ لڳس. هو همراهه اچي رسيپشن تي بينو ته مان به منٽ اندر اچي پهتس. پڇيومانس ته دوست تون ڪمري ۾ آئين ۽ مسڪرائي وري موٽي آئين. ڇا ڳالهه آهي؟ چيائين ته ٻه ڏينهن اڳ اسان به ان ڪمري ۾ هياسين ۽ هن جي وائيف به هڪ ٻار کي جنم ڏنو هيو. ان ڪري مان آيس ته ڪمري کي ڏسان

مونکان پڇيائين تہ توهان کي ڇا پيدا ٿيو آهي؟ مان ٻڌايومانس تہ ڪڪي پيدا ٿي آهي. ڪلي چيائين تہ اسان کي بہ ڪڪي ڄائي آهي. پڇيائين تہ توهان جي پهرين ڌيءَ آهي يا گهڻا ٻار اٿو؟ ٻڌايومانس تہ پهرين ڌيءَ ۽ پهريون ٻار آهي. هن ڪلي چيو تہ اسان هڪ ئي ٻيڙي جا مسافر ٿا لڳون. يعني منهنجي بہ پهرين ڌيءَ ۽ پهريون ٻار هيو. هاڻي مان پڇيومانس تہ توهان ان جو نالو ڇا رکيو آهي؟ تہ چيائين تہ انيتا يقين رکو تہ مان هڪو ٻڪو رهجي ويس تہ هي هڪڙو ساڳيوCo incidence ڪيئن ٿو ٿي سگهي، ڇو تہ ان ئي وقت منهنجي وائيف ۽ مان بہ اهو ئي نالو پڪو ڪيو هيو ۽ گهر اچي نالو پڪو ڪيو ۽ ڇني بہ ڪئي. جڏهن مونکي تعجب مان ڏنائين تہ چيائين لڳي ٿو تہ اوهان بہ اهو ئي نالو رکيو آهي شايد مان متو ڏوٺي ها ڪئي. ٿوري ئي عرصي ۾ اسان دوست وياسين ۽ آڇ ڪيائين تہ اڄ تہ هن معاملي تي ويهي ڳالهايون ڳالهين ڪانپوءِ خبر پئي تہ هو جرمن ايمبيسي ۾ آئون پاڪستان ايمبيسي ۾ ڪم پيا ڪريون پر اتفاق سان اڳ ملاقات نہ ٿي سگهي هئي. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين تہ انيتا جرمن نالو آهي ۽ اهو نالو يورپ ۾ ڪافي گهڻو آهي ۽ ان جي معنيٰ آهي خوبصورت جڏهن تہ مون ٻڌايومانس تہ پاڪستان ۾ گهٽ پر هندوستان ۾ گهڻو آهي. ڪلاڪ ڪن جي گپ شپ ڪانپوءِ هن اسپتال جو بل ڏنو ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس.

## Snake Delicacy

هڪ دفعو وري هانگ ڪانگ وڃڻ ٿيو. هڪ شام جو جڏهن ڪينٽن (Canton) جي بازار ۾ گهمي رهيا هئاسين ته منهنجي هڪڙي پاڪستاني اسٽوڊنٽ دوست جمپ ڏنو ته آئون به ڏڄي ويس ته ڀائي ڇا ٿيو؟ چيائين ته هو ڏانهن ڏس ڇا ڏسان ته هڪ وڏو لوهه جو نهيل ڪاري ۾ تمام وڏا وڏا نانگ پيا هئا ۽ ڪيترا ماڻهو انهن کي ونني رهيا هئا. نانگن وڪڻڻ وارو نانگ کي ونني ان جي منڍي ڪٽي ماڻهن کي ٿيلهي ۾ وجهي ڏيندو پيو وڃي. اسان کي اهو تجربو اڳ ڪو نه ٿيو هيو ان ڪري ڏندين آڱريون هيون. جڏهن ماڻهن کان پڇيوسين ته انهن ٻڌايو ته اهي انهن نانگن جو ٻوڙ پچائي کائيندا. انهن اهو به ٻڌايو ته Snake Delicacy ته ڪينٽن شهر جي مشهور ڊش آهي ۽ چيائون ته جيڪڏهن اسان به کائڻ چاهيون ٿا ته هڪ ريسٽورينٽ جو ڏس ڏنائون ته اتي هليا وڃو ته اوهان پنهنجي مرضي وارو Snake آرڊر ڪري ٿا سگهو. اسان پڇيو ته پلا ان جو ذائقو ڪيئن ٿو ٿئي ته ٻڌايائون ته ان جو گوشت ڪڪڙ جي گوشت کان ٿورو سخت ٿو ٿئي پر ڏاڍو مزيدار آهي.

## Cat & Dog Meat

1980 ۾ چيني حڪومت آهستي آهستي ماڻهن کي آزادي ڏني ڀهراڙي جي ماڻهن کي اجازت ڏنائون ته هو پنهنجون ذاتي شيون جيئن ڪڪڙيون، آنا، سبزيون، گوشت يا ٻڪريون

وغيره Open Market يعني آچر بازار ۾ وڪڻي سگهن ٿا. ان ڪري اهڙيون بازاريون پيڪنگ جي گهٽڻ هنڌن تي لڳڻ لڳيون. جيئن تہ اتي شيون تازيون تازيون ۽ مختلف قسمن جو ملڻ لڳيون ان ڪري اتي ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو ۽ سفارتخاني جا ماڻهو بہ گهڻي تعداد ۾ ايندا هيا ۽ پنهنجون گاڏيون پري ويندا هيا. جڏهن اسان کي خبر پئي تہ اڪثر وڃڻ ٿيندو هيو. منهنجي وائيف ۽ اسان اڪثر گڏجي سودو سلف وٺڻ ويندا هياسين هڪ دفعي اسان وٽ دعوت هئي ۽ وائيف مصروف هئي ۽ مان آچر بازار ويس. جڏهن گوشت تي نظر پئي تہ مون سوچيو تہ اول اهو وٺان تہ پوءِ ڪپي نہ وڃي. سوچي ماڻهو کي چيم تہ مونکي 5 ڪلو ڏئي. هن ٽنگن جي گوشت کي لاٿو ۽ مون پڇيو تہ هي گهٽي جو يا ٻيلي جو گوشت آهي تہ هن چيو نہ هي ڪتي جو گوشت آهي. مونکان رڙ نڪري وئي چيم مونکي اهو نہ ڪپي. ٻيو اتئي پلا اشارو ڪري چيائين تہ هي ٻلي جو آهي ۽ ڏاڍو لذيذ آهي پر ڪجهہ مهانگو اتئي. پڌايومانس تہ آئون مسلمان آهيان اهي ڪو نہ کائيندا آهيون. توبہ توبہ ڪري اڳتي وڌيس. ٻيو سودو وٺي ٻاهر نڪري اچي گورنيمنٽ جي دوڪان تان ٻڪري جو حلال گوشت وٺي اچي گهر پهتس جڏهن اچي وائيف کي ٻڌايم تہ چيا تيو آهي تہ چيائين تہ اڳتي گوشت ٻاهران ڪونہ وٺبو ۽ مون تي ڪلندي رهي ۽ اجان تائين ڪلندي آهي.

# اسان جي هڪ منسٽر جي شاپنگ:

ضياءُ الحق واري زماني ۾ هڪڙو اسان جو منسٽر آيو ۽ مان ان سان گڏ پيڪنگ جي مشهور شاپنگ سينٽر فرينڊشپ اسٽور Friendship Store ۾ ويس چيائين ته ڪجهه شاپنگ ڪرڻي آهي. سيني فلورن تي گهمي گهمي تڪجي پياسين ليڪن هڪ روپئي جي شيءِ به نه ورتائين ۽ آخر هيٺين فلور تي موٽي آياسين ته واپس هلجي ٿورڙي ئي دير ۾ هڪ پاڪستاني چوڪري آئي جنهن کي آئون به سڃاڻان. ان کي ڏسي جلدي اتي وجي پهتو ۽ ان کي چيائين ته مان ڪجهه ڪپڙا وٺڻ ٿو چاهيان، تون منهنجي مدد ڪندين ڇو ته مونکي Ladies جي ڪپڙن جي خبر نه پوندي آهي. مون به ان جي واقفيت ڪرائي ته منسٽر صاحب جي مدد ڪري هن به منسٽر جو بڌي جلدي ڪٽي ها ڪئي. مون پنهنجي بهتري ان ۾ سمجهي ته انهن کي اڪيلو ڇڏجي، مون معذرت ڪئي آئون تڪجي پيو آهيان ان ڪري هيٺ ويهان ٿو ۽ جڏهن اوهان جي شاپنگ ختم ٿئي ته پوءِ هت ملنداسين. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڇا ڏسان ته ٻنهي جي هٿن ۾ ايترو ته سامان هيو جو کڻڻ کان به مٿي ڊرائيور کي سڏ ڪيم ته جيئن انهن کان سامان وٺي وڃي گاڏي ۾ رکي منسٽر صاحب هن لاءِ به ڪجهه گفتون ورتيون جيڪي موڪلائڻ وقت ان کي ڏنائين جڏهن مون پڇيومانس ته Sir اوهان کي ته ڪجهه وٺڻو ئي ڪونه هيو پوءِ هي هيڏو سامان مرڪي چيائين: ”ڪوسو صاحب اڇي ڪمپني ملي تو اڇي شاپنگ ڀي هو جاتي هي.“ اسان ايمبيسي وارا ويچارا ماڻهن جا وقت به وقت ڪم ته ايندا آهيون پر ان جو قدر گهٽ هوندو آهي. اڄڻ وارا ته گهمڻ ڦرڻ ۽ شاپنگ ڪرڻ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هيڏانهن هوڏانهن ڦرندا رهندا آهن پر اسان جي منهن تي گهنج به نه ايندوآهي. اهو ان ڪري ته اسين ٿياسين جو Civil Servant.

# مائو جو ميزوليم

جڏهن چيني گورنمينٽ اهو فيصلو ڪيو ته مائو جي ميت کي دوائن ۽ ڪيميڪلز جي مدد سان Preserve ڪيو ويندو ته ان جي باڊي رکڻ لاءِ Tain en men اسڪوائر جي اوپر ۽ ڏکڻ واري پاسي کان هڪڙو مائو جو ميزوليم تعمير ڪيو ويو جتي مائو جي باڊي رکي وئي آهي. اوهان جڏهن پيڪنگ وڃو ته مائو کي ضرور ڏسجو. اوهان ڏسندا ته هڪ وڏي لائين لڳي پئي هوندي آهي. جتي ماڻهو مائو کي ڏسڻ لاءِ انتظار ۾ بيٺا هوندا آهن. مونکي مائو جي مرڻ کانپوءِ ان جڳهه تي ڏسڻ جا ڪيترا موقعا مليا هفتي ۾ گهٽو ڪري 3 يا 4 ڏينهن مقرر آهن جڏهن اهو Museum کلندو آهي ۽ ماڻهن کي اندر وڃڻ جي اجازت هوندي آهي. اتي وڃي اوهان آهستي آهستي هلندا رهندا چو ته اتي بيهڻ نه ڏيندا آهن نه وري اتي ڳالهائڻ جي اجازت آهي. پهريان جڏهن مون ڏٺو ته اهو اندازو لڳايم ته مائو قد جو ايڏو ڊگهو ڪونه هيو پر عام ماڻهن جيترو قد هيس. ان جو باقي حصو ڍڪيل آهي صرف منهن ۽ وار کليل هوندا اٿس. ڪي مسلمان ليڊر يا عام ماڻهو به اتي قل وغيره پڙهي دعا گهرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر اتي بيٺل چيني گارڊز منع ڪندا آهن ۽ اڳتي وڃڻ جو اشارو ڪندا آهن. مائو جو وري ذڪر نڪتو آهي ته اوهان کي اهو به ٻڌائيجي ته ان جي ويجهو ٻن ڪلوميٽرن تي هڪ ديوار هئي جنهن کي ڪو ئي به ماڻهو اچي جيڪي به چاهي يا ته لکي وڃي يا پوسٽر لکي هڻي وڃي ليڪن اخلاق جي دائري ۾ هجي مونکي ياد آهي ته اهو 79-1978 جو سال هيو ۽ مسين مسين ماڻهن کي ڪجهه آزادي ملي هئي. اتي هڪڙي ماڻهو اچي اهو لکيو ته مائو چين جو اعزاز آهي ۽ ڪلچرل رووليوشن جنهن ۾ هزارين ماڻهن کي بيگناهه قتل ڪيو ويو ۽ ان جو ذميوار به

مائو آهي ۽ ان ڪري ان جي Mummy/Body کي ٻاهر ڪڍي اڇلايو وڃي. ان خبر ماڻهن ۾ هلچل مچائي ڇڏي ان ڪانپوءِ ته ڪيترن ماڻهن مائو جي خلاف ڪليل ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ اها ايتري قدر وڌي وئي جو ان وقت جي ليڊر (تنگ شيائوپنگ)Dong Xio Ping جيڪو چين کي ماڊرن بنائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ان هڪ بيان ڏنو ته هر هڪ ماڻهو غلطيون ڪندو آهي ۽ مائو به غلطيون ڪيون پر ان جو ن خوبيون گهٽيون ۽ Primary آهن ۽ غلطيون ٿوريون ۽ Secondary آهن. ان ڪري جيڪي ماڻهو مائو جي خلاف ڪجهه به ٻڌڻ لاءِ تيار نه هيا انهن پنهنجو قبلو درست ڪيو ۽ آهستي آهستي مائو تي تنقيد ختم ٿيندي وئي اڳي ته مائو جا مجسما اڪثر هنڌن تي لڳل ڏسندا هياسين خاص طور يونيورسٽين، اسپتالن، ڪاليجن ۾ پر ان سان گڏ مون اهو به ڏٺو ته مائو جو مجسمو ڪيرايو به ويو. اهو سال 1979 جو هيو مان بس ۾ يونيورسٽي پيو وڃان ته ڏٺم ته هڪ ڪاليج جيڪو رستي تي ايندو هيو ان جي سامهون هڪ مائو جو مجسمو بيٺل نظر ايندو هيو. اهو لٽڪيو پيو هيو. ڪجهه چينن به ڏسي تعجب جو احساس ڪيو. واپسي تي جڏهن مان اتان گذريس ته اتي نه اهو مجسمو هيو نه وري ان تي نهيل پٿر ميدان بلڪل صاف هيو. ان ڪان پوءِ صرف چند ڪانسواءِ گهڻا مجسما ڊاهيا ويا ۽ راتو رات انهن کي هٽائي صاف ڪيو ويو جڻ ته اتي اڳ ۾ ڪائي شيءِ نهيل ڪانه هئي.

# جنرل پرويز مشرف جو ڀاءُ جاويد مشرف:

مان جڏهن سفارتخاني ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته ڪجهه مهينن کان پوءِ مونکي سفير صاحب گهرايو ۽ چيائين ته هڪڙو مهمان پيو اچي جيڪو ڪجهه مهينا پيڪنگ ۾ رهندو ۽ پنهنجي پٺ جو علاج ڪرائيندو. ان کي مان ايئرپورٽ کان وٺي اچي هڪ هوٽل ۾ ڇڏيان ۽ ان جو ڪڏهن ڪو ڪم ڪار هجي ته مدد ڪريان. مسٽر جاويد مشرف کي ايئرپورٽ کان پنهنجي پٺ سوڌو وٺي اچي هوٽل ۾ ڇڏيو. هن جي پٺ جي ڪجهه بيماري جو علاج ڪرائڻو هيو. ان کي اسپتال به وٺي ويس ۽ ٻئي ڏينهن سفير صاحب سان به ملايو مانس ۽ بعد ۾ منهنجي گهر به هڪ به دفعا آيو ۽ ماني وغيره به کاڌي. بيحد هوشيار ماڻهو هيو ۽ ڊانس ۽ هوٽلنگ ڪرڻ جو بيحد شوقين هيو. هڪڙي ڏينهن مون ٻڌايومانس ته سياڻي مان ڊرائيور سان پنهنجي گاڏي جيڪا جاپان مان گهرائي هئي، آئي آهي، ڪاهڻ تو وڃان. مونکي چيائين ته مان به توسان گڏ هلندس. ٻئي ڏينهن اسان ٻئي ڊرائيور سان گڏ Thian Jin (تين چن) پورٽ سٽي وياسين. شام جو شهر جو چڪر لڳايوسين ۽ رات اچي هڪ هوٽل ۾ ترسياسين صبح جو ڊرائيور گاڏي ڪليئر ڪرائي آيو. گاڏي جيئن ته نئين هئي ڏاڍي پسند آيس. اهڙي طرح سان اسان جي چڱي ڏيٺ وائٺ ٿي وئي هئي. جڏهن موٽي آياسين ته چڱن لفظن سان شڪريو ادا ڪندي چيائين ته يار جيڪڏهن تون هتي نه هجي ها ته شايد ايترو مزو نه اچي ها. ان کان پوءِ اهي ڏينهن اهي شينهن، وري نه ملاقات ٿي سگهي. نه وري هن ئي ڪو خط و ڪتابت ڪئي.پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته هو اٽلي ۾ رهندو آهي ۽ گورنمينٽ جي نوڪري ڇڏي ويو آهي، مشرف ان جو ذڪر پنهنجي ڪتاب ۾ به ڪيو آهي.

# چيني بوسڪي جون فرمائشون:

ڳوٺان ادا عنايت ۽ هدايت، ادا خان سائين مطلب تہ سڀ مٽ مائٽ اڪثر فرمائش ڪندا هيا تہ چين مان بوسڪي انهن لاءِ ورتيون اچان جيئن هو اچي شلوار جي مٿان بوسڪي 2 گهوڙا پائي سگهن. اسان جيئن تہ اتي رهندا هئاسين ان ڪري Friendship Store جي بجاءِ جتي شيون عام ماڻهو وٺندا هيا ۽ ڪجهہ سستيون هيون اتان وٺندا هياسين. هڪڙو دوڪاندار جتان اسان اڪثر شيون وٺندا هئسين، دوست بہ ٿي ويو ان کي چيوسين تہ اسان کي سٺي بوسڪي ڏي، هن ٻن قسمن جون ڏيکاريون هڪ ٿوري هيوي هئي ۽ ٻي وري ان کان ڪجهہ هلڪي هئي. اسان بہ ٽان ورتا تہ سيني کي وڃي خوش ڪنداسين. ڏاڍي تڪليف سان بوسڪي ڪٽي اچي ڪراچي پهتاسين. سيني کي هڪ هڪ قميص جو ٽڪر ونڊي ڏنوسين سيئي خوش خوش. انهن مان ڪن تہ وڃي جلدي ڪانچون نيون نهرايون ۽ قميصون بہ سبايون. ڏاڍا سهڻا پيا لڳن. ادا عنايت تہ وري ٻي قميص جي فرمائش ڪري ڇڏي. اسان موڪل تان موٽي پيڪنگ پهتاسين تہ خط آيو تہ يار اوهان جيڪا بوسڪي آندي هئي اها نمبر 2 هئي اسان ڏاڍا ناراض تہ هي چاآهي جو ڏيون بہ گفٽ ۽ شڪريي جي بجاءِ الٽو تہ اها نمبر 2 آهي خبر پئي تہ اها بوسڪي ماڻهن پاڻي ۾ وجهي ڌوتي تہ سڪڙجي وئي ۽ استري بہ نہ ٿي ٿئي. مون ادا کي فون ڪيو تہ گهٽين ڳالهائڻ کان پوءِ ميار ڏنائين تہ فيض يار هي کهڙي بوسڪي آندي اٿو جيڪا سڪڙجي وئي آهي. مون ادا کي ٻڌايو سائين ان کي Dry- Clean ڪرائبو آهي نہ عام

پاڻي ۾ ڌوئيندا ڪريو. اڙي يار فيض اهو اڳ ۾ ڇو نہ ٻڌايو هئي. ادا عنايت پوءِ وڃي Dry-clean ڪرائي پر اها قميص ڏڳهي ڪونہ ٿي سگهي. آخر جڏهن ٻيهر بوسڪي وٺي موڪليم تڏهن وڃي جان ڇٽي. سو ڀائو اوهان کي اها صلاح آهي تہ بوسڪي کي Dry-clean ڪرائجو ۽ نہ عام طرح سان ڌوئيندا ڪريو. نہ وري ميارون ڏجو.

## اقبال آخوند جي بيماري:

سنڌ جا ٻہ چار Students چين پڙهڻ آيا هئا. انهن ۾ غلام مصطفيٰ سومرو حيدرآباد، منير ٻبردادو جو جيڪو هاڻي شايد سنڌ يونيورسٽي ۾ آهي ۽ ٽيون اقبال آخوند حيدرآباد جو هيو. جيئن تہ مان ايمبيسي ۾ اسٽوڊنٽس انچارج هيس ان ڪري پاڪستان مان آيل ۽ خاص طور سنڌ مان اسٽوڊنٽس سان ڪافي دوستي هوندي هئي. اهي اڪثر منهنجي گهر اچي پنهنجو پاڻ ماني وغيره ٺاهيندا ۽ کائيندا هئا ۽ هندوستاني فلمون بہ ڏسندا هئا. انهن جا جيڪي بہ مسئلا هوندا هئا تہ انهن کي مان ئي ڏسندو ۽ حل ڪندو هيس.

اقبال آخوند حيدرآباد جي هڪ سٺي فيملي مان هيو. اوچتو خبر پئي تہ هو هڪ خطرناڪ بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ هڪ خاص اسپتال ۾ داخل آهي. مان ان ئي شام جو اسپتال هليو ويس. ڏٺم تہ ان جي حالت خراب آهي. ڳالهائڻ ۾ مزو نہ هيو. پڇسومانس تہ ٿيو ڇا آهي؟ ٻڌايائين تہ بخار آيو ۽ وڌندو ئي ويو. جڏهن هلڪيون ڦلڪيون دوائن ڪم نہ ڪيو تہ هتي اچي داخل ٿيو آهيان. ڊاڪٽرن سان مليس انهن بہ مونکي

چرڪائي ڇڏيو. ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ هن کي هڪڙي مڇر چڪ پاتو آهي ۽ ان مڇر يقينن ڪنهن سوئر کي چڪ پاتو هوندو ۽ ان کان پوءِ اقبال کي چڪ پاتو اٿائين. ان صورت ۾ اها بيماري خطرناڪ حد تائين ٿيندي آهي. ان جي چڪ پائڻ سان پهريان پهريان هلڪو بخار ٿيندو آهي ۽ اهو بخار مٿي تي چڙهي ويندو آهي جيڪو انسان کي يا تہ موت جي منهن ۾ آڻي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪي بچي ويندا آهن اهي پنهنجو هوش ۽ حواس وڃائي ويهندا آهن ۽ هڪ اپاهج جي زندگي گذاريندا آهن. ڊاڪٽرن چيو تہ هن جو علاج ٿي رهيو آهي باقي الله مالڪ آهي. انهن مونکي هڪڙو اهڙو مريض پيو بہ ڏيکاريو جيڪو ڪجهہ ميهنن کان اتي علاج لاءِ آيو هيو پر ڪجهہ فائدو ڪونہ ٿيو اٿس. ان کي ڏسي منهنجي واتان اقبال لاءِ دلي دعا نڪري وئي تہ الله پاڪ تون ئي ڪارساز آهين ۽ اقبال کي هن موذي مض مان آزاد ڪجانءِ. اها حالت ڏسي اچي مون اقبال جي پاءُ سان فون تي ڳالهايو ۽ اصلي حقيقت کان واقف ڪيو مانس ۽ اهو بہ ٻڌايومانس تہ هو پنهنجي ماءُ کي نہ ٻڌائي. هن اچڻ جي صلاح پڇي، مون چيو تہ ضرور اچي.

ٻئي ڏينهن جڏهن اقبال کي اسان اسپتال ۾ ڏسڻ وياسين ۽ هو اهڙي حالت ۾ هيو جو موڪان ڏٺو نہ پئي ويو ۽ منهنجي زال ڏاڍي اداس ٿي وئي تہ پرديس ۾ هن جو الله ئي واهي ٿيندو. اونڌي ڪنڌ پيو هيو هڪ لفظ بہ نہ ڳالهائي سگهيو. صبيحا چوڪري جيڪا اقبال جي دوست هئي هن سان گڏ هئي ۽ ميڊيڪل ڪاليج مان موڪل وٺي چوويهہ ڪلاڪ هن سان گڏ هوندي هئي ۽ ان جي تيما داري ڪندي هئي. ان ٻڌايو تہ ڪالهہ کان اقبال جي حالت وڌيڪ خراب ٿي وئي آهي ۽ هي

حالت گذريل رات کان وني آهي ۽ دعا ڪرڻ لاءِ چيائين. هن کي مون ٻڌايو هن جي اهڙي حالت ياءُ کي ٻڌائي آهي ۽ حيدرآباد مان ان جو ياءُ يا ماءُ يا ٻئي جلدي ايندا. مان هن ڇوڪري کي آفرين ڏيندس ته هن سڀ ڪجهه ڇڏي هن جي هر شيءِ جو خيال رکيو جيڪو شايد پنهنجو ويجهو مائٽ به نه ڪري سگهي ها. گهر پهتس ته فون آيو ۽ اقبال جي ماءُ ۽ ياءُ فون تي هئا. اهي ٻئي اچڻ لاءِ تيار هئا اسان سوچيو ته ماءُ هن جي حالت ڏسي نه سگهندي ان ڪري اقبال جي ياءُ کي چيم ته هو اڪيلو اچي ۽ ماءُ کي پاڻ نه وني اچي. هن صاحب کي جلدي سيٽ PIA جي ملي وئي ۽ ٻئي ڏينهن رات جو پهچي ويو ايئرپورٽ تان وني اچي گهر رهايومانس ۽ ايندڙ وقت تسلي ڏني مانس ته الله وڏو آهي ۽ دعا ڪندو رهيس. صبح تي نيرن ڪري ان کي اقبال وٽ وني ڇڏي آيس. هفتي کن ڪانپوءِ اقبال کي ڪجهه هوش آيو. مونکي ڊپ هو ته هاڻي هي بچي ته ويو آهي ليڪن ڪٿي اڌ پاڳل نه رهي. جيئن ڊاڪٽر ٻڌايو هيو. آهستي آهستي اقبال جي حالت بهتر ٿيندي وئي ۽ مهيني کن ۾ چڱو ڀلو ٿي ويو. جڏهن هلڻ جهڙو ٿيو ته ياءُ سان گڏ ڊاڪٽرن کان موڪلائي ۽ دوائون وني حيدرآباد ويو ۽ اسين شڪراني جانفل پڙهيا ته خدا يا تون ئي هن جو نگهبان هئين ۽ اسان جون دعائون اگهاميون.

ڪجهه عرصي ڪانپوءِ خبر پئي ته اقبال ان صبيحا ڇوڪري سان شادي ڪئي ۽ ڪينيڊا ۾ خوش خوش زندگي گذارين ٿا. (افسوس سان ٻڌائڻو ٿو پوي ته صبيحا بيگم مهينو کن اڳ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي آهي)

## امجد اچي ڏيڏرن کائڻ کان بچايو:

هڪ ڏينهن آفيس ۾ وينو هجان تہ سفير صاحب جو فون آيو تہ فيض هيڏانهن ايندين. مان جيئن ئي دروازو کولي اندر ويس تہ چيائين هن امجد چريءَ وري ڪو هنگامو ڪيو آهي ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي تہ فلايٽ وٺي ان شهر پهچان جتي ان جو ميڊيڪل ڪاليج آهي ۽ اتان جي پرنسپال سان ملان ۽ معاملي کي سڌاري اچان. جيئن تہ اهو شهر Shangdu چين جي سائوٿ ۾ آهي. جلدي ٽڪيٽ ڪرائي صبح جو اوڏانهن رانو ٿيس. امجد پنڊي جو شاگرد هو ۽ پاڪ ـچين دوستي ايسوسيئيشن جي صدر جو پٽ هو ۽ چيني اسڪالر شپ تي ميڊيڪل پڙهڻ آيو هيو. پي پي پي جو جيالو هيو ۽ اڪثر جتي ڪٿي ضياءَ جي خلاف بغير ڊپ جي ڳالهائيندو رهندو هيو. ان کان علاوه پنهنجن دوستن سان بہ اڪثر وڙهي پوندو هيو پر پوءِ وري جلدي وجي انهن کان معافي وٺي پرچائي ايندو هيو. مان 3 ڪلاڪن ڪن ڪانپوءِ اتي پهتس ۽ هڪ هوٽل ۾ وڃي ٽانيڪو ٽيس. ڪمري مان فون ڪيو مانس تہ مان هتي پهتو آهيان ۽ هن هوٽل ۾ رهان پيو. ان چيو تہ بس ڪلاڪ ڪن ۾ پهچان ٿو. مونکي ڏاڍي بک لڳي هئي سو هيٺ Dining Hall ۾ ماني کائڻ لاءِ ويس رسيپشن واري کي چيم تہ مسٽر امجد ايندو ان کي هيڏانهن موڪلجانءِ. جيئن مان ٽيبل تي وينس تہ هڪ ڇوڪري آئي ۽ ڏکڻ واري ڊائليڪٽ (Dialect) چيائين تہ ڇا کائيندين. هن جيڪو ڳالهايو مونکي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. مون وراڻيو تہ ڇا ٿي چوين. وري هن ساڳيو جملو وراڻيو جيئن تہ مونکي چيني سني

ڳالهائڻ ايندي هئي ليڪن مونکي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. مان چيومانس تہ آنا فرائي ڪري آ تہ چيائين تہ اهي صبح ناشتي ۾ ملندا ۽ هاڻي منجهند جي ماني جو وقت آهي ۽ ٻڌايائين تہ هي ڊش آهن اهي اتان جا خاص ڊش هئا. مون ان کان پڇيو تہ انهن مان سڀ کان سنو ڪهڙو ڊش آهي ان هٿ رکي ٻڌايو تہ هي. مون چيو تہ چڱو اهو ڊش، ڪجهہ چانور ۽ اتان جي ڊبل روٽي جنهن کي مانتو چئبو آهي کڻي اچي ڪجهہ وقت گذريو تہ ڏنم تہ امجد پري کان ڳائيندو پيو اچي چو تہ اسان هڪ سال پيڪنگ ۾ گڏ هڪ ڪاليج ۾ پڙهيا بہ هئاسين. ڏنم تہ هن جي مٿي تي اڇي پٽي ٻڌل آهي جيڪا زخم کي ٻڌي ويندي آهي. ياڪر پائي ملياسين. پڇيومانس تہ ڪجهہ کائيندي چيائين جي ڪارائيندين! مون کان پڇيائين تہ ڇا گهرايو اٿئي مان ٻڌايومانس تہ ڇا آرڊر ٿيل آهي. جڏهن هن ٻڌو تہ هڪ وڏو ٺهڪ ڏئي مٿي کي جهلي ويهي رهيو. مون پڇيومانس تہ ڇا ڳالهہ آهي تہ چيائين تہ تون ڏيڏر کڏهن کان کائڻ شروع ڪيا آهن. اڙي يار مونکي ڪهڙي خبر تہ اهي ڏيڏر آهن. سو هن مڇي ۽ گوشت گهرايو ۽ ان طرح سان مان ڏيڏر کائڻ کان بچي ويس. جنهن کي رب رکي تہ ان کي ڏيڏرن کائڻ کان بچائي ڇڏيندو آهي.

# شنگھائي جو دورو

شنگھائي ڪيئي دفعا وڃڻ ٿيو. هڪ دفعو ڪاليج جي طرفان بہ دفعا پاڪستان مان آيل وفدن سان گڏ هاڻي تہ ان جي الائي ڇا صورت حال هوندي، پر ان وقت بہ شنگھائي دنيا جي هڪ وڏن شهرن ۾ شمار هيو. ائين لڳندو هيو تہ هي ماڻهو ايترا گهڻا ڪٿان ايندا هوندا ۽ ڪٿي رهندا هوندا. ماڻهن جو طوفان يا هڪ اڻ ڪٿ هجوم نظر ايندو هيو. جنهن هوٽل ۾ اسان اڪثر وڃي رهندا هياسين تہ اهو هڪ وڏي روڊ جي مٿان هيل هيو. روڊ وڏو ويڪرو هيو ليڪن ان سان گڏوگڏ سائيڪلن لاءِ الڳ رستو نهيل هيو. هوٽل جي گيلري مان جيڪڏهن نظر ڪبي هئي تہ گاڏين سان لڳو لڳ سائيڪلن جي اڻ ڪٿ قطارون نظر اينديون هيون. اڳي چيني ماڻهن ڪي ٻن قسمن جون ڊريسون پائڻ لاءِ نظر ايندوين هيون. هڪ بلوپينٽ ۽ مائو ڪوٽ ۽ مٿان ڳاڙهي مائو ڪيپ (Cap) يا وري ساڳي طرح جي ڊريس ليڪن هلڪي سائي رنگ جي هوندي هئي. ائين لڳندو هيو ڄڻ تہ اها انهن جي قومي ڊريس آهي. ورلي ڪو ماڻهو نظر ايندو هيو جيڪو ان ڊريس ۾ نہ هوندو هيو. ها البتہ اونهاري ۾ آهستي آهستي مختلف ڊريسون ۽ مني اسڪرٽ بہ بعد ۾ اچڻ لڳيون. جڏهن هوٽل جي بالڪوني تان نظر ڪبي هئي تہ سائي ڊريس ۽ مٿان ڳاڙهي مائو ڪيپ ڏسي نظارو سهڻو لڳندو هيو ۽ خاص طور تي هزارن سائيڪلن کي هلندو ڏسي. جنهن هوٽل ۾ اسين رهيل هئاسين

تہ ڪنهن ٻڌايو تہ ان ۾ ڊسڪو Disco پيو هلي. مان ۽ هڪ ٻيو وفد جو دوست ان ۾ هليا وياسين. جيئن تہ اسان کي ڊانس جو ايترو شوق بہ ڪونہ هيو نہ وري ڊانس ڪرڻ ايندو هيو ان ڪري ڪوڪا ڪولا پيئڻ ويناسين ۽ ڪلاڪ ڪن لاءِ ٻين جو ڊانس ڏسندا رهياسين ليڪن تعجب جي ڳالهہ اها آهي چين ان وقت آهستي آهستي کُلڻ لڳو هيو. ان کان اڳ ۾ پوري چين ۾ Disco لاءِ ماڻهو سوچي بہ نٿي سگهيو. ٻئي ڏينهن اتان جي ميئر وغيره سان ملاقات ڪئي جڏهن فارغ ٿياسين تہ اسان شهر جو رخ ڪيوسين تہ جيئن ڪجهہ شاپنگ وغيره ڪري اچجي. خاص بازار ۾ جڏهن وڃڻ ٿيو تہ ساهہ پيو ٻوساٽجي. دوڪانن تي ايترا تہ ماڻهو هيا جيئن جڻ شيون مفت ۾ ملي رهيون آهن سو انهن جي مٿان مکين جيان هجوم هيا. اسان کي اوپرو ڏسي مڙئي ڪجهہ جڳهہ ملي ويندي هئي چو تہ ان وقت ڪجهہ ٻاهرين ماڻهن کان ڇرڪندا بہ هئا ۽ ٿورو عزت بہ ڪندا هيا. جڏهن شاپنگ ڪري هوٽل موٽياسين تہ سيني پڪو پهہ ڪي تہ وري شاپنگ لاءِ شنگهائي نہ هلبو البتہ پيڪنگ وري بہ بهتر آهي.

شنگهائي کان ڪلاڪ جي پنڌ تي بہ ننڍا شهر آهن جن کي Hanzu ۽ Suzau سڏيندا آهن. اهي ٻئي شهر خاص طور جي اسٽائيل جا گارڊن نهيل آهن جتي پاڻي پيو وهندو آهي ۽ ننڍيون ننڍيون نهرون انهن جي مٿان خوبصورت پلون نهيل آهن ۽ جن تي گهمڻ سان ڏاڍو مزو ايندو هيو ۽ وري سياري ۾ ڏينهن جو مزو ايندو هيو. انهن کي گهمڻ لاءِ ٽرين سروس صبح ۽ شام جو هوندي هئي. شنگهائي ڏسي ائين لڳندو هيو هي هڪڙو خود وڏو ملڪ چين جي اندر آهي.

## Peking Duck پيڪنگ ڊڪ جو مزو:

هر هڪ ملڪ جو ڪو خاص کاڌو هوندو آهي جيئن اسان جو پلاءُ يا برياني يا حليم وغيره وغيره اهڙي طرح چين جا بہ ڏاڍا سنا ۽ مزيدار کاڌا اوهان روز چيني ريسٽورنٽ ۾ کائيندا هوندا ۽ لطف اندوز ٿيندا هوندا. پر مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ ڪجهہ اهڙا بہ چيني کاڌا آهن جيڪي پاڪستان يا ڪجهہ ملڪن ۾ اهي اجان متعارف نہ ڪرايا ويا آهن اهي هي بہ کاڌا آهن جن جو آءُ اوهان کي ٻڌائيندس. وات پاڻي پاڻي ٿو ٿئي چو تہ کائڻ جو ذڪر نڪتو آهي سو بہ لذيذ جيئن تہ آءٌ عرض ڪري چڪو آهيان تہ چين جا ڪيترائي کاڌا مزيدار ۽ لذيذ پر پيڪنگڊڪ Peking Duck ۽ شابو شابو جو لطف ئي ڪجهہ ٻيو آهي جيڪڏهن هڪڙو دفعو کاڌا تہ پوءِ اڪثر انهن جي ئي فرمائس ڪندا رهندا ۽ اهي هتي پاڪستان ۾ يا تہ آيا ناهن يا وري انهن کي ماڻهن ڏٺو بہ ناهي. اچو تہ اوهان کي پهريان Peking Duck جو احوال ڏجي.

آءٌ جڏهن پيڪنگ ۾ پڙهندو هيس تہ هڪ منهنجي چيني دوست ٻڌايو ۽ صلاح ڪيائين تہ هل تہ توکي اڄ پيڪنگ ڊڪ جو مزو وٺرائي اچان. مون کان بہ رهيو نہ ٿيو، موڪل جو ڏينهن هيو، اتي ڪڙا ٿياسين. سڌو اچي هڪ ريسٽورينٽ تي پهتاسين جيئن ئي اندر گهڙياسين تہ ائين پيو لڳي جڻ هتي کاڌو مفت جو ٿو ملي. هر هڪ ماڻهو پنهنجي انتظار ۾ بيٺو هيو تہ ڪڏهن ٿو وارو اچي تہ وڃي سيٽ تي ويهان. آخر اسان جو گهٽي عرصي کان پوءِ وارو آيو ۽ هڪ ڪند واري ٽيبل تي اچي ٻيري ويهاريو. ان کي پنهنجي دوست هڪ پيڪنگ

ڊڪ جو آڊر ڏنو ۽ ان سان گڏ اتان جو ڊرنڪ جنهن کي شيشئي چئبو هيو اهو به گهرايائين 20 منٽن جي دير کان پوءِ بيري هڪ پوري پڪل ڊڪ اچي اسان جي سامهون هڪ ننڍڙي ٿالهي تي سامهون جهلي ۽ اسان ان جي پچائڻ جي مهارت کي تاڙيون وڄائي داد ڏنو. اهو داد هر هڪ ماڻهو وينل ڏئي رهيو هيو. جڏهن انهن جو پيڪنگ ڊڪ پچي آيو واه واه ڪمال درجي جي پڪل آهي ۽ ان جو کائڻ به ڪمال جو هوندو ۽ ڪمال درجي جا ماڻهو کائيندا اها پڪل ڊڪ بيرو واپس کڻي ويو اُن ڊڪ کي ننڍيا ٽڪرا ڪري هڏيون ڪڍي رڳو گوشت ڪٽي آيو ۽ ان سان گڏ ساوا پنن وارا ننڍيا بصر ۽ ٿوم ۽ سنهڙيون سٽپيون مانيون ۽ ان سان گڏ هڪ هٽ جي نهيل چاٽ هجي جيڪا سفيد ڪيچپ جهڙي هئي اسان جي اڳيان رکي چيائين ”شنگ“ يعني هاڻي بسم الله ڪري کائو شينگ جو مطلب بسم الله ڪونهي پر جيئن چئجيPlease . اسان ان جو Thank you ڪري جواب ڏنو جيئن ته مان اڳ اهڙو ڪاڏو ڪونه ڪاڌو هيو پر چکيو به ڪونه هو ان ڪري پنهنجي دوست کي چيم ته پلا ڪائڻ به سيکار نه. هن ويچاري به گرهه ناهيا هڪڙو پنهنجي لاءِ ۽ هڪڙو منهنجي لاءِ ۽ چيائين ته ڏنئي نه ڪيئن ناهيا اٿم هڪ ڪٽي پاڻ ڪاڌائين ۽ بيو مان ڪاڌو. پوءِ ته مان به سکي ويس ۽ Chopstikcs سان کٽي کائيندا رهياسين. چيا ته ان پيڪنگ ڊڪ جو مزو کائڻ ۾ اسان جو ته پيٽ ٿي نه پيو پرجي. منهنجي دوست ٻڌايو ته هتي پيڪنگ ۾ اهڙا به پيڪنگ ڊڪ ريسٽورنٽ آهن هڪڙو ته هي آهي جتي سڀ ڪو اچي پيڪنگ ڊڪ آرڊر تي کائي سگهي ٿو ۽ بيو وري ڪجهه اڳتي آهي جيڪو وڏن ماڻهن، VIP's ۽ ايمبيسي جا

آفيسر اچي اتي پيڪنگ ڊڪ کائيندا آهن. پوءِ آءٌ جڏهن پاڪستان جي سفارتخاني ۾ ڪم ڪرڻ لڳس تہ تقريبا اڪثر اتي اچي پيڪنگ ڊڪ کائيندا هياسين. اڪثر چيني پاڪستان وفدن کي ان هوٽل ۾ پڪنگ ڊڪ اسپيشلي کارائڻ لاءِ وٺي ويندا هيا يا وري اسان پنهنجي دوستن کي يا فيملي کي اتي وٺي وجي پيڪنگ ڊڪ کائي لطف اندوز ٿيندا هئاسين.

## شابو شابو Shaboo Shaboo

اتي وري هڪڙو ريسٽورينٽ هيو جيڪو چوڻ ۾ تہ مسلمانن جو هيو ۽ ان ۾ بين کاڌن سان گڏ شابو شابو بہ ملندو هيو ۽ اهو پيڪنگ ڊڪ جي مقابلي ۾ ڪافي مهانگو هيو ۽ اتي سٺي جينٽري ايندي هئي. ان ريسٽورينٽ ۾ بيرا هڪ پاڻي جي ٽيبل جي اسٽو تي رکندا هئا ۽ اهو پاڻي پيو ان اسٽوو تي گرم ٿيندو هيو. ٽيبل اهڙي طرح جي ٺهيل هئي جو اسٽوو جي گرمي يا تپش ماڻهن ڏانهن نہ ويندي ۽ پاڻي جو اسٽوو ان کي پري چڙهيندو هيو. پيو وري بلڪل سنهڙا ڪاتر ٿيل گوشت اچي ان ٽيبل تي رکندا. اهو گوشت ايترو تہ سنهڙو ڪتريل هوندو هيو جو پاڻي ان کي چند منٽن ۾ ڳاري ڇڏي. ۽ ان سان گڏ لوڻ، مرچون ۽ ساس ۽ بيو مٽيريل هوندو هيو رکي هليا ويندا هئا. پاڻ پچايو ۽ پاڻ کائو جي بنياد تي ها جيڪڏهن اوهان کي ڪا مدد کپندي هئي تہ اهو بيري کي گهرائي چئي سگهو ٿا. اهو گوشت جيڪو اڳ ۾ ئي ٽينڊر ٿيل هوندو هيو ڏاڍو مزيدار هوندو هيو اڪثر ڪيترائي فارينر ۽ انهن جا وفد اچي شابو شابو کائيندا هئا. اوهان کي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ اهو کاڌو جاپان جي يوڪو هاما شهر ۾ بہ مون

ڪاڏو، راجا جيڪو پني عاقل جو سنڌي هيو ۽ پراڻين ۽ نين گاڏين جو وڏو واپاري هو ۽ اسان جي سٺي دوستي ٿي وئي هئي. اُن ٻه ٻه دفعا نئين سال جي خوشي ۾ دعوت ڏيئي ڪارايو دعوت ۾ ڪيترا جاپاني ۽ ٻيا ٻه فارينر هيا اتي وري هڪ خاص جڳهه الڳ الڳ ڪمرن ۾ هوندي هئي. مهمان اچي ٽيبل جي چوڌاري ويهي پرانهن جا پيل هيٺ ٽيبل جي ٽنگن تائين هوندا ۽ پاڻ اتان اچي هيٺ يعني زمين تي رکيل تڏي تي اچي ويهن ٽيبل ۽ شابو شابو ڪائڻ ۽ پچائڻ ۾ آساني ٿي سگهي. اتي وري Karaokey ڪارا اوڪي جو ميوزڪ سيٽ پيل هوندو هيو ۽ جنهن ٻه گاني جي ڌن هوندي اها وڄائي ۽ ان سان مائيڪ تي پنهنجو گانو ٻڌائي سگهبو هيو. آءُ باٿ روم سنگر ڳائڻ اصلي ڪونہ ايندو هيو ۽ دوستن جي زور تي ڳو هڪ جملو يا چند جملا چئي يا جيوي جيوي پاڪستان جا ڪجهہ بند چئي اچي پنهنجي سيٽ تي ويهندو هيس ليڪن انهن جو لطف ڪجهہ ٻيو هيو چو تہ ڪمپني بہ سٺي ۽ ماحول بہ عاشقانہ تہ وقت ڏاڍو سهڻو گذري ويندو هيو.

## پاڪستاني هوٽل ان پيڪنگ

چين ۽ پاڪستان جي دوستي اوائلي آهي اها اڄ ڪلهہ جي ناهي. ان ڪري PIA جا جهاز اتي ايندا هئا ۽ وري اڳتي ٽوڪيو رجي واپسي پيڪنگ کان ئي ڪندا هئا. ان ڪري ڪراچي يا اسلام آباد وارا ڪريو Crewٽوڪيو ويندي يا ايندي اتي بہ ٽي راتيون پيڪنگ ۾ ٽڪندا هئا. پائليٽ ۽ ٻيا ڪريو اُتي پيڪنگ هوٽل ۾ رهندا هئا ۽ اهو اُن وقت جو بهترين هوٽل هيو ۽ ٻيو ايئرهوسٽيس يا برسر هڪڙي ٻئي هوٽل ۾

ترسندا هئا. انهن ائير هوسٽسن چين جا ڦڪا ڪاڏا ڪائي ڪائي اتي جي ماڻهن کي پاڪستاني ڪجهہ ڪاڏا سيڪاري جيڪي پوءِ اهي ڪاڏن جي فرمائش ڪري پچرائيندا هئا. پهريان تہ چون ٿا تہ انهن ۾ ڪو بہ مزو ڪونہ هوندو هيو ڇو تہ اسان جا ڪاڏا جيسٽائين رڃهي رڃهي خوشبو نہ ڪندا تيسٽائين انهن جو کهڙو مزو پر پوءِ هوسٽيسن ان کي پڙ يعني Expert ڪري ڇڏيو. اهو ريسٽورينٽ پاڪستاني نالي سان مشهور ٿي ويو ۽ آمريڪن، برٽش ۽ ڪيٽرن ئي سفارت خاني جا ماڻهو ايندا هئا پوءِ تہ جاءِ ملڻ بہ مشڪل ٿيندي هئي. اجان بہ اهو ريسٽورينٽ چينين لاءِ نہ کليو هيو ۽ رڳو فارينرن کي اجازت هئي. جڏهن بہ اسان اتي ماني وغيره کائڻ ويندا هئاسين تہ اٽڪل ويهارو کن فارينر اتي وينل نظر ايندا هئا.

مونکي ياد آهي تہ هڪڙو دفعو منهنجو دوست ڪيپٽن سعيد خان ڪوئٽہ جو پناڻ PIA جي جهاز سان آيو تہ پيڪنگ هوٽل ۾ ترسيل هيو تہ مونکي فون ڪيائين تہ اسان ان سان ملڻ وياسين هن کي آفر ڏنيسين تہ يار هڪ تہ هلي گهر تا ماني کائون يا وري پاڪستاني هوٽل ۾ هلون تہ هن کي تعجب ٿيو پاڪستاني! اسان ان ۾ ان پاڪستاني هوٽل ۾ جڏهن ماني کارائي تہ هڪڙي ڪنڊ تي ڪجهہ ايئرهويسٽيس بہ وينيون هيون. اهي اچي سعيدخان سان مليون ۽ سعيد خان منهنجو ۽ پنهنجي وائيف جو انهن سان تعارف ڪرايو اهڙي طرح سان سعيد صاحب جڏهن بہ پيڪنگ ايندو هيو تہ مونسان ضرور ملندو هيو ۽ ڏاڍو پلو انسان بہ هيو هاڻي تہ ڪٿي آهي ڪائي خبر ناهي.

## چيني نالا

دوستو اوهان کي اهو ٻه ٻڌائيندو هلان ته اسان پاڪستان يا وري ٻيا ٻه ڪيترائي ملڪن جا ماڻهو چيني ماڻهن جي نالن کي غلط طريقي سان اچاريندا آهن. چين جي ماڻهن جي فيملي نالو يا جنهن کي surname اڳيان هوندو آهي ۽ ماءُ پيءُ جو ڏنل نالو ان کانپوءِ هوندو آهي. مثال طور تي Moa Ze Dong مائو ان جي فيملي جو نالو آهي ۽ زي تنگ ماءُ پيءُ جو ڏنل نالو اِهو اسان پاڪستانين يا گهڻن ملڪن جي ابتڙ آهي. مثال طور منهنجو نالو فيض محمد کوسو آهي. فيض محمد منهنجو ماءُ پي جو ڏنل نالو آهي ۽ کوسو فيملي نالو يا ذات آهي. ان ڪري چيني ۾ اگر ڪنهن کي پهرين نالي يعني ذات يا فيملي نالي سان سڏيندا ته ڪو به عيب ناهي ليڪن اگر پوئين نالي سان سڏيندا يعني ماءُ پيءُ جي ڏنل نالي سان (Ze Tung) ته معنيٰ اوهان ان جا يا ته ويجها دوست آهيو يا ساڳي عمر جا آهيو البته اوهان چاهيو ته ان کي پوري نالي سان سڏي سگهو ٿا. اهو سڀ کان بهتر طريقو آهي جيڪو پوري دنيا ۾ هلندو آهي.

## حال احوال پڇڻ جو طريقو

چيني هڪ ٻئي سان جڏهن ملندا آهن ته خبر اٿو ته ڪهڙي نموني سان سلام دعا ڪندا آهن. خبر ناهي ته پيلا اوهان کي خبر ڪيئن ٿي ٿي سگهي! جيئن اسان سنڌ واسي ڪو ڏنل هجي يا نه هجي ان کي سائين ڪري عزت ۽ احترام سان يا ادا چئي Address ڪندا آهيون، چينين ۾ ائين ناهي هر هڪ ماڻهو

ڪي ڪامريڊ ڪري چوندا آهن يعني ٿونگچي (Thongzhi) مثال طور اسان جڏهن چيني سان ملندا هياسين هڪ ٻئي کي (Ni Hao Thongzhi) ني هائو ٿونگچي يعني ٿون ڪٿين آهين ڪامريڊ؟ جيڪڏهن انکي ٿورو يعني (Short) ڪري Address ڪجي تہ (Ni Hao) ني هائو؟ How are you? توهان ڪيئن آهيو؟ اسان پاڪستاني جيڪڏهن ڪجھ وڏيڪ هيلو هاءِ کان ويندا آهيون تہ هڪ ٻئي کان پڇندا آهيون، سائين ڇا حال احوال آهي يا ٻارن ٻچن جو پڇنداسين ليڪن چيني ائين ڪونہ ڪندا آهن. ني هائو کان پوءِ پڇندا تہ ماني کاڌي اٿئي؟ (Chi Fan la Maiyo?) مون کي جڏهن معلوم ٿيو تہ ائين ڪندا آهن ۽ هڪ ٻئي کان کائڻ پيئڻ جو پڇندا آهن تہ ڪافي تعجب ٿيو. هڪ دفعي جڏهن منهنجو ٽيچر وانگ هڪ دفعي مونکي منهنجي ڪمري ۾ طبيعت پڇڻ آيو تہ مون کي (Ni Hao) ني هائو ڪرڻ کان پوءِ ماني جو پڇيومانس تہ مسڪرائي ڏنائين. ان کان پوءِ مون ان جي تفصيل پُڇي مانس تہ ائين ڇو هڪ ٻئي کان پڇندا آهيو. ٻڌايائين تہ جڏهن چين ڪيترن بادشاهن ۾ ورهايل هيو ۽ اتان جا عام ماڻهو غلامي جي زندگي گذريندا هيا تہ اڪثر انهن کي پيٽ ڀري ماني بہ ڪونہ ملندي هئي. ٻيو تہ چين جي آبادي ڇو تہ دنيا ۾ وڏي کان وڏي رهي آهي ان لاءِ ماڻهن کي ڏاڍي محنت بہ ڪرڻي پوندي هئي جو پيٽ پالڻ ڪو آسان ڪونہ هيو. اهي وڏا خوش نصيب هئا جن کي ٽن وقتن جي ماني ملندي هئي يا پيٽ ڀري ماني کائيندا هئا. ان ڪري ماني کائڻ انهن لاءِ اڳئين وقتن ۾ ڪو آسان ڪونہ هيو. اتان کان جو هڪ رواج پيل آهي تہ اهو هلندو پيو اچي. ان ڪري ملڻ ڪانپوءِ هڪ ٻئي کان پڇندا آهيون تہ "ماني کاڌي اٿئي؟"

چيني اڪثر نوڊلز (Noodles) يا چانور کائيندا هيا. چانور يا نوڊلز هڪ (Bowl) بـول وجهي کائين سان کائيندا هيا. انهن کائين مان نهيل شين کي چاپ اسٽڪ (Chop Sticks) چوندا آهن. اسان کان تہ هڪ ڪٽو بہ ڪونہ ٿي کاڌو وجي پر پوءِ آهستي آهستي اسان بہ کافي سکي وياسين. البتہ چيني تہ ايترو تڪڙو کائيندا هيا جو اسان کي تعجب ٿيندو هيو.

# Ram (رام) سان هانگ ڪانگ جو سفر

نيپال جي سفارت خاني پيڪنگ ۾ هڪ ينگ ڊپلوميٽ Ram نالي آيو جنهن منهنجي مٿان ڪال ڪئي ڪلندڙ چهرو ۽ سمجهدار ڊپلوميٽ ۽ ڪافي سوجهه ٻوجهه رکڻ وارو. اسان جي ملاقات ۾ اهو فيصلو ڪيو ته جئين، ڪائونسلرن جو هڪڙو گروپ هيو جيڪي اڪثر پاڻ ۾ ملندا هيا ۽ مختلف جڳهن تي ويهي لوڪل ۽ انٽرنيشنل مسئلا Discuss ڪندا هئا. اها هڪڙي سوشل گيدرنگ ٻه هوندي هئي. .....يا ڊنر ٻه گڏجي واري وٽي تي ڪنداسين. Ram جي ان خيال سان مان ٻه متفق ٿيس ۽ اهو، فيصلو ٿيو ته گهٽ ....۽ مختلف ملڪن جي ينگ ڊپلوميٽ ڪي سڏيو ويندو پر اُهي ايترا ٻه نه هجن جو انهن کي Manage نه ڪري سگهجي. هڪ ڊائننگ ٽيبل تي 12 ماڻهن اچي ٿا سگهن ان ڪري ڊپلوميٽ جو تعداد 12 يا ڪٽي 14 هجي جنهن کي مينيج ڪري سگهجي ۽ ننڍن گهرن ۾ انهن کي ماني کارائي سگهجي ٻيو ته وري چيو ته Idea اسان جو آهي ان ڪري Ram کي پريزيڊنٽ ڪيو ويندو ۽ آءٌ Viceپريزيڊنٽ ٿينداسين ۽ ٻين مان چونڊيو ويندو. Ram چيو ته نئون نئون آيو هيو ۽ مختلف ڊپلوميٽس تي ڪالون ڪري رهيو هيو ان ڪري هن گهٽ ئي ماڻهن کي قائل ڪيو ۽ مهيني اندر اسان جو گروپ هڪ Young Diplomats Group ناهي وئي. Ram صدر، آئون نائب صدر ۽ مليشيا واري کي General Secretary ناهيو ويو. اهو گروپ رام صاحب جي گهر تي آيل اٽڪل 15 آفيسرن مان

جيڪي ايشيا، آفريڪا ۽ هڪ اڌ يورپ ۽ عرب مان آيا هئا. اهو طئي ٿيو ته هر مهيني گروپ يا ته پنهنجي گهر يا ڪنهن ڊپلوميٽ ڪلب ۾ لنچ ۽ ڊنر ارينج ڪندو.

جيئن ته اسان جي شروعات سٺي ٿي هئي ان ڪري جلدي اسان جي مختلف سفارتخانن ۾ عام ٿي ويو، ته پاڪستان ۽ نيپال ڊپلوميٽس هڪ گروپ ناهيو آهي جيڪو اڪثر هڪ ٻي سان ملندا رهندا آهن. ڏسندي ئي ڏسندي ڪيترن سفارت خانن مان فون اچڻ لڳا ۽ اسان کي انهن جا ينگ آفيسر ڪالون ڪرڻ لڳا ۽ عرض ڪرڻ لڳا ته اهي ان جي ڪلب جا ميمبر ٿيڻ پسند ڪندا هاڻي اسان لاءِ مسئلو هجي ته ڪنهن کي ڪلب جو ميمبر ڪجي ۽ ڪنهن کي نه ڪجي ان ڪري اهو مسئلو اسان پنهنجي گروپ ۾ Discuss ڪيو ۽ اهو فيصلو ڪيو ته نوان ميمبر پنهنجو ادارو لکي موڪلن ۽ جيئن جيئن ڪا جڳهه خالي ٿي جئن ڪو ميمبر بدلي ٿي ويو ته پوءِ هڪ هڪ ڪري نون ميمبرن کي سڏيو ويندو. ان ۾ ڪنهن کي شڪايت به نه ٿيندي ۽ اهڙي طرح سان اسان جو ڪلب هميشه هلندو رهندو چاهي اسين اتي پيڪنگ مان بدلي به ٿي وڃون. اهو اسان جو ڪلب بيحد پاپولر ٿيو ۽ گهڻا سينيئر آفيسر به اسان کان خبرون وٺندا هئا. جيئن ته ان وقت بين هڪ ٻي سوسائٽي هئي ان ڪري اتان ڪا به خبر نڪرندي هئي ته ان ڪري بين گهڻن سان Discuss ڪيو ويندو هيو. جيئن ته پاڪستان جا چين سان سٺا تعلقات هئا ان ڪري پيڪنگ ڊپلوميٽ به پنهنجي چوگرد هوندا هئا چاهي ڪير صحيح آهي يا غلط. مان ته هڪ ڏيڍ سال کان پوءِ بدلي ٿيس ان ڪري هر هڪ ميمبر دعوت ڪئي ۽ سيني ڪلب ميمبرن کي سڏيو

ويو. ان کان پوءِ مان پنهنجي ايمبيسي مان Masood Khan جيڪو ڪجهہ عرصو اڳ چين ۾ سفير رهيو هيو ان کي سيڪريٽري مقرر ڪري پنهنجي جڳهہ تي ڪلب جو ميمبر ڪري هليو آيس جيڪو پاڻ ڏاڍو ان گروپ ۾ ايڪٽو ۽ پاپولر رهيو ۽ ڪلب ائين اڳتي وڌندو رهيو.

هڪ ڏينهن Ram فون ڪري چيو تہ فيز ڀائي فيض کي فيز ڪري سڏيندو هو، يار هل تہ گڏجي ٻئي هانگ ڪانگ جو چڪر هڻي اچون ۽ ڪجهہ electronics جون شيون وٺي اچون چو تہ ان وقت چين ۾ اهڙيون شيون ڪونہ ملنديون هيون.مان گهڻو شوق ڪونہ ڏيکاريو اهو ان ڪري تہ آءٌ هانگ ڪانگ اڳي بہ بہ دفعا گهمي آيو هيس ۽ سڀ ڪجهہ وٺي آيو هيس ۽ ڏسي بہ آيو هيس. جيئن تہ منهنجي جواب ۾ اها گرمائش نہ ڏنائين تہ فورن چئي ڏنائين تہ فيز ٻهائي چو ٿو لهرائين ۽ لڳي ٿو تون اڳواٽ ۾ گهمي آيو آهين جواب ۾ مان چيو تہ اوهان ڳالهہ کي جلدي سمجهي ويا آهيو. تڏهن وري ٻئي ڏينهن ان جي گهرواري منهنجي وائيف کي ڏوراپو ڏيندي چيو تہ رام فيز ڀائي کان سواءِ ڪڏهن ڪونہ نڪرندو آهي ۽ ڪالهہ فيز ڀائي هن کي ڏاڍو مايوس ڪيو اٿس جو هن هانگ ڪانگ وڃڻ کان انڪار ڪيو اٿس. مونکي جڏهن وائيف اهو قصو ٻڌايو تہ مسٽر رام جي وائيف پئي چوي ۽ لڳي ٿو تہ رام ڀائي مائينڊ ڪيو آهي هن بہ مونکي چيو تہ توهان هانگ ڪانگ هن سان هليا وڃون تہ بهتر ٿيندو. تہ رام ڀائي کي فون ڪري گهرتي گهرايو ۽ پڪوڙا ناهي کارايا ۽ چيو تہ ڀائي معاف ڪجانءِ ڪڏهن هلون هانگ ڪانگ گهمڻ لاءِ تہ منهنجي وائيف ۽ مسز رام کان ٺهڪ نڪري ويو ۽ هو بہ کلڻ ۾ لڳي

ويو. فيز ڀائي توهان کي ڪالهہ انڪار ڪيو هيو ۽ لفٽ ڪونہ ڪرائي ۽ هاڻي ڪهڙو جادو ٿيو جو هانگ ڪانگ هلڻ لاءِ تيار آهيو. مون چيو تہ رام ڀائي هوم گورنمينٽ کي ڪو ڀلا ناراض ڪبو آهي ڇا رام ڀائي اڇي ڪل ۾ ڇٽو ۽ ڪلي ڪلي ساڻو ٿي پيو. اسان پروگرام ناهيو تہ نيڪ آ اڳين هفتي هلون تا. موڪل وغيره ونجي ۽ ٽڪيٽون بہ ونجن. آخر اسين وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون ٽرين جون ٽڪيٽون وٺي آيو تہ فيز ڀائي هتان ڪينٽن تائين تہ ٽڪيٽون آهن پر اڳتي ڪينٽن هلبو. مون چيو تہ اتان وري هڪ ٽرين ويندي آهي ان کي پڪڙينداسين. ٽرين جو پيڪنگ کان ڪينٽن تائين وڏو سفر هيو ليڪن آخر هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات جو سفر ڪري اچي ڪينٽن پهتاسين تہ هانگ ڪانگ واري ريل اڳي رواني ٿي چڪي هئي. هاڻي اسان لاءِ بہ طريقا هيا يا تہ رات ۽ ڏينهن ڪينٽن ۾ گذاريون ۽ سڀاڻي ريل جون ٽڪيٽون بوڪ ڪرائي، اچون يا وري تہ لانچ ذريعي سمنڊ مٿان ٿيندا هانگ ڪانگ وڃو. منهنجو ارادو تہ هڪ رات رهي ٿڪ ڀڪ پٽي سڀان تازا توانا ٿي هانگ ڪانگ هلجي. رام ڀائي کي هانگ ڪانگ جي ڪا گهٽي سڪ هئي تہ جلدي هلجي. Tourist Bags هٿ ۾ اچي هڪ ريسٽورنٽ جو پاسو ورتوسين تہ في الحال ويهي تا ماني ڳيو ڪائون پوءِ ڏنو ويندو. بيرو آيو اسان چانور ۽ سبزي جو آرڊر ڏئي اچي آرام سان ويهي رهياسين ڀايون تہ سمنڊ جو سفر ٿورو ٿيندو ڇو تہ هتان ئي هانگ ڪانگ ۽ ٻن اڍائي ڪلاڪن ۾ هانگ ڪانگ پهچنداسين. بيري اچي ماني ٽيبل تي رکي. رام ڀائي جيئن تہ پڪو هندو هو ايتريقدر جو سڄي گوشت کان تہ پري هو پر آنا بہ نہ

كائيندو هيو. جڏهن اچن چانورن ۾ گوشت جا قيمي جهڙا ٽڪرا ڏٺائين تہ رام ڀائي چيو تہ يار اسان تہ هن کي سادا چانور ۽ سبزي چئي هئي ۽ هي وري چانورن ۾ ڇا وجهي آيو آهي. بيري کان سڌي پڇيوسين تہ ڀائي اسان تہ توکي سادن سفيد چانورن جي لاءِ چيو هيو پر تون تہ هن ۾ ڇا وڌو اٿئي. بيري جواب ۾ چيو تہ سائين اڇا چانور ئي تہ آهن پر ڀارهي نانديڙا گوشت جا ٽڪرا ڇا جا آهن بيري چيو تہ سائين چانورن کي وڌيڪ مزيدار بنائڻ لاءِ ٿورڙو سوئر جو قيمون وڌو اٿنس. اڙي ڀائي خدا توکي پنهنجو نہ ڪري هي تو ڇا ڪيو. آءٌ مسلمان جيڪي ان شيءِ کي هٿ بہ نہ لائيندا آهيون ۽ هي پڪو هندو جيڪو آني کي بہ هٿ نہ لائي ۽ تون اسان کي اها شيءِ پيو ڏئين. ڏاڍو معدبانہ انداز ۾ معافيون پيو وٺي تہ واقعي هن اهو وڏي غلطي ڪئي آهي ۽ جلدي ڪٽڻ لڳو تہ اسان بہ اتان اٿڻ لڳاسين. گهٽي آزي نيازي کان پوءِ الڳ اڇا چانور جيڪي بلڪل ان شيءِ کان صاف هئا ۽ اچي اسان جي اڳيان رکيائين. وسوسو تہ رهيو تہ ڪٿي اهي ساڳيا تہ نہ وري ڪٽي آيو آهي پر هينئر وارا چانور ڏاڍا گرم هئا جو اسان کي کائڻ ۾ بہ ڏکيائي پئي ٿي. آخر ماني کائي ۽ بيري جي مينيجر بہ اچي معافي ورتي ۽ هڪ منو ڊش اسان کي گفٽ بہ ڪيائين. ماني کائي ٽيڪسي ڪري اچي بندر پهتاسين. ٻيڙي جي ٽڪيٽ وٺي اچي ٻيڙي اندر ويناسين ٻيڙي ڏاڍي سهڻي ۽ چوڌاري شيشن سان بند هئي ۽ مٿان ڇت بہ شيشن سان ٺهيل هئس ۽ جيڪڏهن ڪاگرمي ٿئي تہ ان جي ڇت گاڏي جي سن لائيٽ وانگر هٽائي هوا جو مزو بہ وٺي سگهبو هيو ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ ٻيڙي جا رسا کوليا ويا ۽ ٻيڙي آهستي

آهستي هلڻ شروع ڪيو. پهريان ته ٻيڙي آهستي پئي هلي ته ڏاڍو مزو پيو اچي ليڪن جڏهن ٻيڙي سمنڊ اندر پنهنجي زور شور سان هلڻ لڳي ڪا اٽڪل 60/70 ڪلوميٽرن ته وڏا وڏا جمپ ڪرڻ لڳي. جمپ به اهڙو جو هِنيانءُ پيو سٽ ۾ اچيو وڃي. اچي مون کي ٿو پؤ ته رام ڀائي چرڪي ويو ۽ چوڻ لڳو ته فير ڀائي چا پيو ٿئي ڪٽي پنهنجي ڀاڪر ۾ جهليائين ۽ ٻيڙي واري کي چيائين ته يار ڪجهه آهستي اسان جي همراهه کي الائي چا پيو ٿئي! ڪجهه 10 منٽن ڪان پوءِ آءٌ به دل جهلي ته ڪا به ڳالهه ڪانهي. ٻيڙي ۾ اٽڪل 15/16 کن ٻيا به ماڻهو هئا انهن مان ڪن جي حالت سٺي نه پئي لڳي خاص طور ٻن عورتن جي. ٻيڙي جا ڇيڪولا ۽ جمپ ڪائيندا اسان آخر پنهنجي منزل ڏانهن وڌندا رهياسين مون رام ڀائي کي چيو ته ڀائي هي زندگي جو شايد آخري سفر آهي. موت نظر پيو اچي ڪٽي ٻڏي وياسين ته مڇيون جو پيٽ ته پربو ليڪن پوين کي نه خبر نه چار. رام ڀائي وڏو دلاسو ڏنو ۽ چيائين ته يار خير آهي. اڳتي اهڙو جوکي جو ڪم نه ڪبو جنهن جو جان جو خطرو هجي. پر يار هتي ته روزانو ڪيترا ماڻهو انهن ٻيڙين تي هانگ ڪانگ ۽ ڪينٽن اچن ۽ وڃن پيا سڀ مالڪ تي آهي ڪجهه به ڪونه ٿيندو رکو رام تي. مان مزاق ۾ چيو ته يار رام ته منهنجي پيڪ ۾ وينو آهي تڏهن به اهڙو پيو ته پوءِ رام تي چا رکجي. اچي ٺهڪن ۾ پيو. البته مان قسم ڪٽي ڇڏيو ته يار اڳتي آءٌ انهن ٻيڙن جي سفر ڪان توبه ڪئي. ڪلندا ٺهڪ ڏيندا اچي اڍائي ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ هانگ ڪانگ پهتاسين. اجان اڌ ڪلاڪ کن جو پنڌ هيو ته هانگ ڪانگ جو وڏيون ۽ سهٽيون بلڊنگون ڏسي دل پئي

خوش ٿئي جڻ تہ نھرايون ئي اسان آھن. نموني نموني جون نهيل Highrise (هائي رائيز) ڏسي ائين پيو لڳي تہ هن آئليند ۾ ايتريون جڳھون كيتريون نہ سنيون پيون لڳن. پيكنگ ۽ كينٽن ۾ بہ تہ بلكل ننڍڙيون جڳھون هيون ان كري انهن كي ڏسي عجب پئي لڳو تہ يار اسان جي ملك ۾ بہ اھڙيون جڳھون هجن تہ كھڙو نہ پلو ٿي پوي. اچي هكڙي هوٽل ۾ پهتاسين. هوٽل واري بہ كمرا ڏيكاريا هك هك بيڊ وارو ۽ بيو وري الڳ الڳ ٻن بيڊرن وارو. سو اسان ٻن بيڊن وارو كمرو وني اچي جو سمهياسين تہ ننڊ كٽي وئي ۽ رات جي ماني جو وقت نكري ويو ۽ اک كلي تہ رات جو هك پيو ٿئي باهر كجھہ رونق تہ لڳي پئي هئي ليكن اسان اتي هوٽل مان ئي گهرائي ماني كائي وري سمهي پياسين صبح جو تڙ وغيره كري اسان سندرا بڏي شاپنگ لاءِ نكتاسين. شيون تہ پانت پانت جون هيون دل تہ چوي پئي تہ هر هك شيءِ ونجي پر كيسو ايتري اجازت كونہ پيو ڏئي وري اڳ بہ مون گهٽو كجھہ وني ويو هيس ليكن لالچ جو كو علاج كونهي هك كان هك شيءِ وري نئين ماركيٽ ۾ آيل اسان ان كري ونڻ ٿي چاهيون چو تہ چين ۾ اهي شيون كونہ ملنديون هيون نہ وري دكانن تي ئي هيون. سڄو ڏينهن سروي كئي اچي هوٽل ۾ شام جو پهتاسين مون رام پائي كي چيو تہ پائي هاڻي سروي پورو ٿيو اچو تہ كجھہ خريد كجي ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ بہ كجھہ ركجي. رام چيو تہ فير پائي يار هتي تہ متو چكرائجي ويو آهي چاچا نہ ونجي يا چا ونجي مون چيو تہ پلا جيكي كجھہ ونٹو آهي ونبو رڳو كيسي كي كول تہ كلي چيائين تہ فيز پائي كولٹو تہ آهي پر اوهان اڳ آيا آهيو صلاح

ڏيو تہ ڇا ونجي. ٻئي ڏينهن مان هن کي وٺي هڪڙي دڪان واري وٽ وٺي آيس. دڪان واري نالو وٺي مونکي سلام ڪيو. رام جا تہ تارا فوٽارجي ويا. فيض ڀائي هي ڇا توهان کي سڃاڻي ٿو. مون ڪلي ها ڪئي اڙي يار پوءِ ڪالهہ هتي وٺي اچين ها. مون چيو تہ يار ڪالهہ سروي جو ڏينهن هيو ۽ اڄ شاپنگ جو سو جيڪي وڻيو سو وٺو. %25 هاڻي ڪيش ڏينداسون ۽ باقي هر مهيني قسط تي پوءِ تہ رام ڀائي ۽ مون دل کولي شاپنگ ڪئي ۽ دڪان واري کي چيوسين تہ اهو سمورو سامان الڳ الڳ پيڪ ڪري اسان جي نالي تي پيڪنگ موڪلي ڏئي رام ڀائي تہ رڳو شڪريہ شڪريہ ڪندي پورو نہ پيو پوي. ان کان پوءِ باقي هلڪي ڦلڪي شاپنگ ٻين دڪانن تان ڪئيسون پنهنجون بيگون ٻڌي ٻئي ڏينهن ريل جي ٽڪيٽ بوڪ ڪرائي ڪينٽن لاءِ روانا ٿياسين. هڪ رات ڪينٽن جي هوٽل ۾ گذاري اتان جي گهٽين جو بہ واءُ سواءُ ورتو سين. هڪ هنڌ تہ رڳو نانگن جو واپار پيو هلي. ماڻهو زنده نانگ پسند ڪري ان کي مارائي ۽ ٽڪرا ڪرائي کائڻ لاءِ کنيون پيا وڃن. جڏهن رام ڀائي نانگن جي ويجهو آيو تہ ڪٽي وڏو ٽپ ڏنائين تہ بينل ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا. رام ڀائي جي دل ائين پئي هلي جڻ تہ 100 جي اسپيڊ سان گاڏي. رام ڀائي هي ڇا ٿيو جو هيڏو وڏو ٽپو. اڙي فيز/فيض ڀائي تون هي ڪٿي وٺي آيو آهين. مون ٻڌايو تہ تون بہ ڏس تہ ماڻهو ڇاڇا نہ ٿا کائن. آهي ڪا زنده شيءِ هن زمين تي جيڪا چيني ماڻهو نہ کائيندا هجن. ٻئي ڏينهن صبح صبح جو گاڏي هلي ۽ هڪ ڊگهي سفر کان پوءِ اچي پيڪنگ پهتاسين منهنجي وائيف ۽ رام ڀائي جي وائيف ٻئي ريل اسٽيشن تي

بينيون هيون ۽ اسان جو انتظار پئي ڪيائون. هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر روانو ٿي ويو ۽ اهڙي طرح اسان ۽ رام ڀائي هانگ ڪانگ جو پاڻي ٻه پي آياسين ۽ شاپنگ ٻه ڪري آياسين. جڏهن بعد ۾ هڪ ٻئي جي گهر ايندا هياسين ته رام ڀائي اڪثر اهي شيون منهنجي وائيف کي ڏيکاري چوندو هيو ته ڀاڀي هي فيز ڀائي ونئي ڏني هئي ۽ هي ٻه ۽ هي ٻه ۽ پوءِ اچي ٿهڪن ۾ پوندو هيو. چا ته ماڻهو ڀلو هيو. هڪ دفعي مان جڏهن فارن آفيس ۾ هيس ته هندوستان وڃڻ ٿيو ته اتي رام ڀائي ٻه هڪ SAARC جي ڊنر ۾ مليو. ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ماني لاءِ زور ڀريائين ليڪن چو ته اتي ڪنهن کي ٽائيم آهي جو وقت ڪڍي ڪنهن سان ماني کائي. البته اسان پوءِ ڪلاڪ ڪن لاءِ هڪ ٽيبل تي ويهي ڪچهريون ڪيون ۽ پيڪنگ وارا ڏينهن ياد ڪيا.

# VIPجي عينڪ وڃائڻ

جيئن تہ آئون پيڪنگ ۾ ساڍا ٽي سال سفارت خاني ۾ ڪم ڪيو تہ انهي دوران گهڻا ئي VIP ۽ V.V.I.P سرڪاري دوري تي آيا ۽ انهن ڪي ملڻ جو ۽ شاپنگ ڪرائيندي ڪرائيندي ٽڪجي پوندا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ هڪ VIP .....دوري تي اچي پيڪنگ پهتو PIA جهاز ۾ جڏهن پهتو تہ اسان سيئي ان ڪي Welcome ڪرڻ لاءِ ايئرپورٽ پهتاسين سيني سان مليو ۽ سفير صاحب هڪ هڪ سان تعارف بہ ڪرايو پوءِ چينين سان گڏ VIP لائونج ۾ وڃي ٿوري دير لاءِ آرام ڪيوسين ۽ ٿڌو ۽ جوس پيئڻ ڪانپوءِ گاڏين ۾ اسٽيٽ گيسٽ هائوس لاءِ روانا ٿياسين. اڌ ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ VIP جي ڊائريڪٽر اچي اسان کي ٻڌايو تہ VIPصاحب جي عينڪ جهاز ۾ رهجي وئي آهي. سو اتان ڪٽي اچون تہ نظر جي عينڪ کان پوءِ ڪم ڪونہ هلندو. سفير صاحب منهنجي دوست ۽ ڪليگ مسٽر حبيب الرحمان جيڪو هڪ سال اڳ ۾ مون کان چين پڙهڻ آيو هيو سفارت ۾ ڪم ڪيو هئائين ان کي چيو تہ تون وڃ ۽ PIA جي جهاز کي ڪولرائي ۽ عينڪ ڪٽي اچ. حبيب الرحمان تہ گاڏي کي ڊوڙائي وڃي ايئرپورٽ پهتو. خبر پيس تہ جهاز تہ هاٽي لاڪ تي چڪو آهي ۽ ضرور Captain کان اجازت وٺڻي پوندي ۽ پوءِ جهاز جو دروازو کلندو Captain اڳيئي ايئرپورٽ کان پيڪنگ هوٽل روانو ٿي ويو هيو. ان جي ڳولها ڪرائي ۽ ان سان رابطو ڪيو ويو ۽ ان سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان پوءِ PIAجو عملو ۽

ٻين چيني سول ايويئيشن وارن کي شهر کان گهرايو ويو ته جهاز جا دروازا کولڻ لاءِ ڊوڙندا آيا ۽ آخر PIA جهاز جو هڪڙو دروازو کوليو ويو. حبيب صاحب ۽ هڪ ٻيو اسان جو ماڻهو اچي عينڪ کي ڳولهڻ پيا. پهريان ته هنن جهاز ۾ ڳولهي جتي VIP صاحب ويٺو هيو هڪ هڪ سيٽ کري ڳولهيائين ليکن عينڪ کانه ملي ته پوءِ ويجهن وارن سيٽن کي به نه ڇڏيائين هڪ هڪ سيٽ کري ڳولهيائون ليکن عينڪ ندارد. پوءِ ته اچي جهاز جي کنڊ ڪڙڇ جي ڳولها ٿي جڏهن اتي به نه ملي ته سڌو اچي VIP House ۾ پهتا پر عينڪ اتي هجي ته ملي. ٻن ڪلاڪن جي اڻ ٿڪ ڪوشش کان پوءِ به عينڪ ڪٿي به نه لڀي آخر منهن تي ٻارنهن وڄائي اچي گيسٽ هائوس پهتا ته سائين عينڪ ته ڇا پر عينڪ جو پاڇو به ڪٿي نظر نه آيو. اها خبر جڏهن VIP جي ڊائريڪٽر کي پهچائي وئي ته ان VIP صاحب کي ٻڌايو ته سائين عينڪ ڪونه لڌي. VIP صاحب پنهنجي بريف ڪيس ۾ به ڳولهي، اُتي به کانه ملي . ته يار ڪٿي وئي هلي. هن وجي پنهنجي لاتل ڪوٽ ۾ ڏٺي ته اتي سامهون واري کيسي ۾ پيل ڏسي کلڻ لڳو.

## منهنجي گهري دوست ۽ ساٿي جي گاڏي هاٽي:

مون پنهنجي لاءِ نئين ٽويوٽا ڪرولا جا پان مان گهرائي ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مان هڪ پنهنجي گهري دل واري دوست کي پنهنجي گاڏي ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويس. پنهنجي گهران ته آءٌ گاڏي هلائيندو ويس ۽ فرينڊشپ اسٽور مان شاپنگ کري واپس اچي رهيا هئاسين ته مون هن کي آفر ڪئي ته جيڪڏهن هو به گاڏي هلائي ته جي بسم الله هن کي نئين گاڏي ڏاڍي وڻي جو وئي ته هن منهنجي آفر کي رد نه

ڪري سگهيو ۽ اچي ڊرائيونگ سيٽ تي وينو هڪ ته چين ۾ گاڏيون ليفٽ هينڊ اسٽيرنگ ۽ ليفٽ سائيڊ تي هونديون هيون يعني پاڪستان جي ابتڙ هوندو هيو. هڪ ته منهنجي مائنڊ پاڪستان واري اسٽائيل تي هريل هيو بيو وري چين ۾ جئن ٻه روڊن تي لائيٽون لڳل هونديون هيون ان ڪري گاڏين لاءِ بندش هئي ته گاڏي جون اڳيون لائيٽيون آن ڪرڻ منع هئي ۽ صرف پارڪنگ لائيٽون ٻاريون ويندون هيون ان ڪري جو هو صاحب پاڪستان جي فل لائيٽن تي هريل هيا ۽ وري پارڪنگ لائيٽ واري لائيٽن تي اڳيان هڪ وڏو ٽرڪ پيو وڃي ۽ هو صاحب slow لائيٽ ۾ ان ٽرڪ جي پويان پيو هلي. اوچتو ٽرڪ جو بريڪ هنيون ته منهنجي دوست لاءِ گاڏي نئين هئي ۽ لائيٽ جو مسئلو هيو اچي ٽرڪ جي پنيان گاڏي ڪي تقريبا هنيو جڏهن مون هن کان پڇيو ته يار تو هي ڇا ڪيو، ته جواب ڏنائين ته مون کي ٽرڪ نظر نه آيو ڇو ته لائيٽون مڌم هيون. اسان ڪان اچي ڪل ڇٽي هيڏو وڏو ٽرڪ توکي نظر نه آيو ته پوءِ ننڊيون سائيڪلون ته تنهنجي لاءِ ڪا ڳالهه ئي ڪانهي روز پيو انهن کي نڪاءُ ڪرائيندين. پوءِ ته هو ٻه اچي ڪل ۾ ويڙهيو. يار چوين ته سچ تو لڳي ٿو ته منهنجي نظر ٻه ڪجهه ڪمزور آهي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ جو وڃي نظر چيڪ ڪرايائين ته واقعي پري جي نظر ۾ ڦير هيس. شڪر ڪيم ته گاڏي کي گهٽو نقصان ڪونه ٿيو رڳو ننڍڙيون رهڙون آيس ۽ ٻيو شڪر ته ان جي اکين جي نظر جي عينڪ ونڻي پئي. هر شيءِ ۾ ان رب جي منطق هوندي آهي اهو اسان انسان نه ٿا سمجهون پر هو ئي سمجهي سگهي ٿو.

## Responsibility System

Deng Xiao Bing جڏهن آيو تہ ان چين کي هڪ نئين رستي تي وجهڻ لاءِ هڪ رٿ ڪئي جنهن ۾ ريسپانسبلٽي Responsibility System تمام اهم آهي. هن سسٽم ايگريڪلچرل اپت کي ايڏي تہ هٿي ڏني جيڪا سوچڻ کان بہ مٿي آهي. هن سسٽم تحت Communes کي پوليٽيڪل پاور کان الڳ ڪري اهو شهرن کي ڏنو تہ اُهي سياسي فيصلا ڪري Commune کي رڳو ايگريڪلچرل پاور ڏنو ويو تہ جيئن اهي پوک پلاءَ يا جيڪي شيءِ زمينن ۾ پوکي تي وجي اها اتان جي ماڻهن کي وڏيڪ خبر هئڻ ڪري اهي خود فيصلو ڪن تہ زمينن ۾ ڇا ڇا پوکڻ ملڪ لاءِ فائديمند آهي. حڪومت اهو فيصلوڪيو تہ Commune اهو ٻڌائي تہ هينئر انهن زمينن سان ڪيتري اپت يا Production گهٽ ۾ گهٽ هر هڪ ايڪڙ تي ڪٿو ٿا ۽ پوءِ ان کي Base ٻڌائي (Commune) ڪميون ۽ آبادگارن اهو طئي ڪيو تہ مثلا في ايڪڙ جيڪڏهن 20 مڻ ڪڻڪ ملي تي هاڻي گورنمينٽ کي 25 مڻ ڪڻڪ ملندي ۽ ان کان مٿي اپت يعني 30 مڻ ٿيندي تہ مٿيان 5 مڻ حڪومت ۽ هارين ۾ اڌو اڌ ورهائي ويندي يعني اڍائي اڍائي مڻ پر جيڪڏهن هارين انهي 30 مڻن کان مٿي اپت ڪيائون تہ اها سموري اپت مزدورن جي هوندي. هارين اڇي محنت کي لڳا جو جيڪا زمين جو ايڪڙ 20 مڻ اپت ڏيندو هيو اهو ايڪڙ محنت ۽ ياڻ ڏيڻ جي ڪري 50 مڻ ۽ سٺ مڻ کان بہ مٿي ڏيڻ لڳو. يا Communeحڪومت کي ساڍا ٻاويهہ مڻ ملڻ شروع ٿيا ۽ باقي اپت هارين کي ملندي رهي. ماڻهن کي جڏهن زمين مان گهٽي اپت ملڻ شروع ٿي تہ هاري

اڪثر زمينن ۾ رات ڏينهن محنت ڪرڻ لڳا حڪومت جي مدد ۽ مرضي سان انهن پنهنجا وسيلا ڪري ٽريڪٽر خريد ڪرڻ شروع ڪيا ايتري تائين جو زمين جي Production حڪومتي ٽارگيٽ کان ٽيٽي وڌيڪ تي وئي، جنهن سان نه رڳو حڪومت کي فائدو پيو ليڪن هارين جون ته عيدون ٿي ويون ۽ ان سسٽم انهن جي زندگي ئي بدلائي ڇڏي. اسان اهو به ڏٺو ڊاڪٽر ۽ استاد به مجبور ٿي پنهنجا شعبا ڇڏي اڇي زمين تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جيئن انهن جي لاءِ به ڪمائي جا وڌيڪ موقعا ٿي سگهن هارين وغيره کي اها به اجازت ملي ته هو پنهنجي مٿاهين اپت وجي Free مارڪيٽ ۾ وڪڻي سگهن ٿا. اڳي جتي رڳو سرڪاري دڪان يا مارڪيٽون هيون اهي هاڻي ماڻهن جي Free Market سان مقابلو ڪنديون اسان اهو به ڏٺو ته اڳي اهي گورنمينٽ جا دوڪان يا مارڪيٽون ماڻهن جي خريداري جو مرڪز هيون ڏسندي ڏسندي اهي خالي ۽ Free Markets ماڻهن جي خريد و فروخت جو مرڪز ٿي ويون. هاري يا ڳوٺاڻن پنهنجون گهرو پيدا ٿيل شيون جيئن رڍون، ٻڪريون، ڇيلا، ڪڪڙيون، آنا، سبزيون، واڳڻ مطلب ته جيڪي به شيون آٽي سگهن پيا اُهي اچي انهن Free مارڪيٽ ۾ وڪڻندا هئا ۽ جام پئسا ڪمائي خوش خوش پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندا هيا. خريد ڪرڻ وارن کي به مزو ته شيون تازيون تازيون ۽ گهٽيون سستيون انهن کي هر هنڌ Free Market ۾ ملڻ لڳيون پوءِ ڪير ٿو وڃي گورنمينٽ جي دڪانن ۾ جتي پراڻيون سبزيون، مهانگيون شيون وڃي وٺي.

ان سسٽم هڪڙو وڏو ملڪ لاءِ بحران پيدا ڪيو ته جيڪي ماڻهو ڊاڪٽر استاد يا يونيورسٽي پروفيسر هئا انهن

ڪي ڪيئن روڪي تہ اهي پنهنجون اصلي نوڪريون ڇڏي وڃي هارين سان گڏ زمينن تي ڪم ڪن. گورنمينٽ پوءِ مجبور انهن جون پگهارون ۽ ٻيا الائونسز وغيره ڏئي انهن جي وڃڻ تي پابندي لڳائي تہ سائين Responsibility Systemچين لاءِ هارين جي زندگي سڌارڻ سنوارڻ لاءِ هڪ وڏو ڪردار نڀايو.

## اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رسيس دوران ڊانسن جو دور:

جڏهن اسان ڪاليج ۾ چيني ٻولي سکندا هياسين تہ ٽن ڪلاڪن جي پڙهڻ کان پوءِ ويهن منٽن جو بريڪ Break ٿيندو هيو. جيئن ئي بريڪ ٿيندو هيو تہ 99% ماڻهو هڪ استاد يا ليڊر جيڪو ڊانس جو ماهر هوندو هيو اڳيان قطارون ٻڌي ان سان اهو ڊانس ملائيندا هئا. جيئن اسان جو اسڪول فارينر جو ڪاليج هيو ۽ اتي رڳو هڪ سال چيني پڙهائي ويندي هئي. ۽ سال کان پوءِ اهي فارينر ڪنهن ٻي يونيورسٽي ۾ هليا ويندا جيئن اُتي پنهنجي Specialist ڪي اڳتي وڌائي سگهن جيڪي ڊاڪٽر آهن تہ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ جيڪي انجنيئر آهن تہ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ ان ڪاليج ۾ صرف چيني ٻولي پڙهڻ وارا ئي رهي سگهندا هئا. جيئن تہ آءٌ ٻہ سال پورا چيني ٻولي پڙهي.

سو ڳالهہ پئي ڪئي سين جي اسان فارينرز ٻہ انهن سان گڏجي اهو ڊانس ڪندا هياسين پهريان تہ انهن تي کل ايندي هئي پرآهستي آهستي اڪثر فارينر اڳي روزانو انهن چينين سان Thaichi ڪندا هئا. ۽ جلدي سکي ويا. اهي ايترو

تہ Perfect تي ويا جو چينين وانگر اهي ايڪشن ڪندا هئا افسوس تہ مان ۽ هڪ آسٽريلين منهنجو ڪلاس ميٽ هيو نہ سکي سگهياسين. غلطي اسان جي هئي جو اسان ٻنهي ان کي Serious نہ ورتو جو سکي سگهجي ها .اهو ڊانس نہ رڳو اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ڏنوسين پر ماڻهن ننڍن ننڍن باغن ۾ يا کليل ميدانن ۾ قطارون ناهيون ۽ اڪيلا ڪندي نظر ايندا هيا مان سمجهان ٿو اهو هلڪو ڦلڪو ڊانس ۽ ٿڌو پاڻي جي بجاءِ گرم پاڻي پيئڻ چينين جي صحت جو راز هوندو هيو. وري سائيڪل هلائڻ بہ انهن جي صحت جي راز ۾ وڌيڪ اضافو ڪندو هيو.

مان ائين بہ ڏٺو تہ جڏهن موڪل جو ڏينهن هوندو هيو يا آچر جو ڏينهن تہ گهڻي ڪان گهڻا ماڻهو ٻارڙن سان گڏ وڏن وڏن پارڪن ۾ سڄو ڏينهن گذاريندا هئا.

# North Korea جو دورو

تمام ٿورا ماڻهو هوندا جن کي نارٿ ڪوريا وڃڻ جو موقعو مليو هوندو يا تہ اهي ماڻهو هوندا جيڪي گورنمينٽ وفد سان ويا هوندا يا وري اهي ماڻهو جيڪي اتي ڪم ڪندا هوندا انهن ڪوريا کي ڏٺو هوندو. اسان جو بهترين دوست مسٽر نور الله خان جيڪو ڪوئٽہ جو بلوچ آهي ان جي ۽ منهنجي پهرين ملاقات لاهور ۾ Staff College ۾ ٿي. هن ۽ اسان گڏجي فارن سروس جي Training ڪئي. ان ڏينهن کان وٺي هاڻي تائين اسان نہ رڳو بهترين دوست آهيون پر ڄڻ تہ هڪ ٻئي جا فيملي ميمبر رهيا آهيون. نور الله صاحب جي پوسٽنگ نارٿ ڪوريا ٿي ۽ اچڻ کان اڳ ۾ مونکي فون ڪيائين تہ پوسٽنگ ٿي آهي سو پيو تہ ڪو رستو ڪونہ آهي ۽ صرف چين کان ئي وڃڻ ٿيندو سو مان فلاڻي ڏينهن اچان ٿو. ان وقت مان پيڪنگ ۾ بولي سکي رهيو هيس ۽ منهنجي زال بہ مونسان گڏ هئي. ڏاڍا خوش ٿياسين. همراهہ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ اچي لٿو. ايئرپورٽ تان وٺي اچي پنهنجي فليٽ تي آياسين. ٻہ چار ڏينهن مون وٽ رهيو. ان جي گهر واري ۽ سال ڏيڍ جي عمر واري ڌيءَ ساڻ هيس اها 1980 جي ڳالهہ آهي ۽ هاڻي اهانديزي صبا ماشاءالله آغا خان اسپتال ۾ ڊاڪٽر آهي ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ بہ وقت ائين پيو گذري وڃي ڄڻ ڪالهہ جي ڳالهہ آهي.

سو ڳالهہ پئي ڪيم North Korea جي تہ نور الله نارٿ ڪوريا ڪان پيڪنگ اڪثر ايندو هيو ۽ مون وٽ اچي رهندو هيو ۽ گهمڻ ڦرڻ جو ڏاڍو مزو ايندو هيو ۽ اڪثر مونکي چوندو هيو ادا (فيض) ڪڏهن يار تون بہ اچ تہ اوهان کي نارٿ ڪوريا گهمايان. اسان ڪڏهن بہ هڪ ٻئي جو نالو ڪونہ سڏيندا آهيون پرر ڳو ادا. سومون چيو تہ ادا جڏهن قسمت ٽيندي تہ ضرور اچبو. مونکي چين ۾ آئي چار سال ٿي ويا هئا ۽ ٽرانسفر ٿيڻ واري هئي. ان ڪري مون ارادو ڪيو تہ هي هڪڙو موقعو آهي ۽ چو نہ ان جو فائدو ونجي سو نورالله کي چيم تہ يار مان اچان ٿو نور الله چيو تہ 15 ڏينهن کن دير ڪري اپريل جي وچ ۾ وڃجانءِ جيئن موسم بهتر هجي چو تہ اتي ڏاڍي سردي هئي. اسان 13 اپريل جي ڏينهن وڃڻ جو ارادو ڪيو جيڪو Kim il Sung جي سالگره جو موقعو بہ هيو. پيڪنگ کان نارٿ ڪوريا لاءِ ريل بہ ويندي هئي ۽ چوندا هيا تہ ريل ڏاڍي سٺي ۽ آرام واري آهي. ان ڪري اسان ريل رستي ڪوريا وياسين. مونسان گڏ زال ۽ ننڍي ڪڪي انيتا جيڪا اڍائي سالن جي هئي وجي پيانگ يانگ جي اسٽيشن تي پهتاسين. اتي نورالله بيٺو هيو ۽ ان سان گڏ اسان جو ڪوريا ۾ سفير مسٽر Datta جيڪو ايئرفورس جو رٽائرڊ Vice Commander هيو اهو بہ مونکي وٺڻ آيو هيو. ان ڪري Datta بہ دفعا پيڪنگ آيو هيو ۽ هڪڙو پيرو مون وٽ رهيو هيو. ڏاڍو پيار محبت سان گهر وني ويا. شام ٿي تہ چيائون تہ تيار ٿيو تہ اڄ Kim il Sung جي سالگره آهي ۽ اتي پورو پيانگ يانگ تہ ڇا پر نارٿ ڪوريا اتي آيل هوندو. اسان لاءِ تہ ڏاڍي ٿڌ هئي. اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي هڪڙي وڏي ميدان تي پهتاسين ائين پيو

لڳي تہ ڪو بہ نارٿ ڪورين ماڻهو پنهنجي گهر ۾ نہ هوندو سواءِ بلڪل ننڍڙن ٻارن جي....پورو ميدان ماڻهن سان ڀريل هيو ۽ سيئي ڊانس ڪندا تي رهيا گهٽ ۾ گهٽ 20/25هزار ماڻهو نارٿ ڪورين ڪپڙن ۾ ملبوس ڏاڍا سهڻا تي لڳا. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ مونکي سردي لڳڻ شروع تي تہ مونکي هڪ اوور ڪوٽ ڏنائون ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ ڪجهہ سردي وڌي تہ اهو فيصلو ٿيو هاڻي واپس هلجي چو تہ ڊانس وارو سلسلو تہ تقريبن سڄي رات هلندو موٽي اچي نور الله وٽ رهاسين ٻئي ڏينهن سفير صاحب سان آفيس ۾ ملاقات ٿي ۽ سمورين ايمبيسي ڏيکاريائون جيڪي ڏاڍي سهڻي هئي. پاڪستان جا تعلقات نارٿ ڪوريا سان بهتر رهيا آهن ۽ خاص ڪري چين جي ڪري بہ ان وقت اسان جا اڃان سائوٿ ڪوريا South Korea سان سفارتي تعلقات ڪونہ هئا. ان ڪري پاڪستان سفارتخاني کي اتي ڪافي اهميت ملندي هئي.

نور الله چيو تہ هاڻي پلا اوهان لاءِ ڪو ٻاهر جو پروگرام بہ ناهيون چو تہ پيانگ يانگ تہ ڏسنداسين اهو پروگرام ٿيو تہ سياڻي فارن آفيس وارن ڪان موڪل ونجي ۽ ٻئي ڏينهن هڪڙو شهر جنهن جو نالو ڪجهہ مشڪل آهي ۽ ياد نٿو اچي اوڏانهن هلنداسين. موڪل وٺي ان رستي تي روانا ٿياسين اڪثر ڏسون پيا تہ هنڌ هنڌ تي مٿاهين وارين پهاڙين تي فوجي وينا هيا ۽ Anti Air Craft Guns لڳل ڏنيون سين. اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي رستي تي اڪثر اهي گنون ڏسڻ ۾ آيو ۽ آخر ان شهر ۾ پهتاسين. روڊ ڪافي بهتر هيو. رستي تي ڪيترا ماڻهو سون جي تعداد ۾ وڏن ٻندن تي ڪم ڪري رهيا هئا يا وري ڪنهن فصل ۾ ڪم پيا ڪن ان ۾ مرد ۽ عورتون سيئي

گڏ ڪم ڪري رهيا هئا رستي تي اسان کي ٻن جڳهن تي چيڪ ڪيو ويو ليڪن جلدي ئي وڃڻ لاءِ اجازت ڏني وئي چو تہ انهن کي اڳ ۾ ئي فارن آفيس وارن شايد اطلاع ڪري ڇڏيو هيو. اهو شهر ايڏو وڏو تہ ڪونہ هيو البتہ صاف سٿرو هيو ۽ اڪثر ماڻهو گهمندا نظر آيا. گاڏيون هيون ليڪن گهٽ. سمنڊ تي وڃي Swimming بہ ڪئي سين ۽ ڪناري تي گهمندا رهياسين. نورالله ٻڌايو تہ هن سمنڊ کان پريان جاپان آهي جيڪو ايترو پري ڪونہ آهي. پورو ڏينهن گهمي ڦري شام جو واپس پيانگ يانگ موٽي آياسين.

ٻئي ڏينهن سفير صاحب ماني ڪئي هئي. ليڪن ان کان اڳ نور الله ۽ اسان سيني شهر جو چڪر لڳايوسين. ڪافي شاپنگ سينٽر وياسين ليڪن ڪنهن بہ شيءِ وٺڻ تي دل ئي نہ ٿي چاهيو هڪ تہ ڪا بہ اهڙي شيءِ ڪانہ هئي جيڪا دل کي پائني تہ ونجي ٻيو شيون تمام ٿوريون هيون. ٽيون وري اهو بہ هيو تہ چين جتي شيون ايتريون تہ گهٽيون سنيون ۽ سستون هيون جو هتي ڪا بہ شيءِ وٺڻ لاءِ دل ئي ڪونہ ٿي چاهيو. البتہ اتي ڪجهہ Vases هيا جيڪي ڏاڍا سهڻا لڳا ۽ هڪ جوڙو ورتوسين جيڪي اڄ بہ جڏهن ماڻهو ڏسندا آهن تہ دل کي پائيندا آهن.

ٽئين ڏينهن ڪلاڪ کن جي ڊرائيو تي Kim Il Sung جنهن کي ماڻهو Great Leader ڪري سڏيندا آهن ان جي پيدائش واري جڳهہ تي وياسين اتي ڪافي ٻيا بہ ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو آيل هئا. ان جي گهر يا اتان جي گهرن تي ڏاڍي سهڻي طريقي سان رکيو ويو هيو ائين ڪونہ ٿي لڳو تہ هي ڪو پراڻو گهر آهي يا شيون بہ ڪي ايتريون پراڻيون نہ ٿي لڳيون اتي فوٽو ڪڍڻ

منع هئي. اتان جي نادرات کي ڏسي پوءِ تورڙي پنڌ تي لڳو لڳ هڪ Amusement پارڪ هيو ان پارڪ ۾ ماڊرن Rides لڳل هئا. جتي ننڍن ٻارڙن کان وٺي وڏن لاءِ بہ هڪ خوشي جو ماحول هيو هر هڪ ماڻهو خوش ۽ Rides جو پيو مزو وٺي. اتي هڪڙو Roller Coaster رولر ڪوسٽر هيو جيڪو پورو هڪ ميل ڊگهو هيو اهو ورن وڪڙن تي مشتمل هيو. اسان ان تي چڙهياسين ان ۾ گاڏا لڳل هئا ۽ تقريبن 50 کن ماڻهون ويهي ٿي سگهيا. هلڻ کان اڳ ۾ سيني جي سيٽن کي اهڙو تہ لاڪ ڪيو ويو جو اونڌي ٿيڻ تي بہ ڪو بہ ماڻهو نہ ڪري سگهي. گاڏن کي چڪي سپ کان مٿي آندو ويو ۽ پوءِ ان کي اتان هلايو ويو. اهي ڪنهن بہ موٽر وغيره سان ڪونہ جڙيل هئا ۽ صرف مٿان هلڻ ڪري اهي خود بہ خود هيٺ وري مٿي ۽ وري هيٺ هلندا رهيا ۽ اچي ساڳي جڳهہ جتان اسان انهن گاڏن تي وينا هياسين اتي اچي بيهاسين ماڻهن جون دانهون هيون پر اهو سڄو سفر لڳي پيو تہ جيترو جلدي هجي تہ ختم ٿي تہ هيانءُ جاءِ تي اچي. اهو سڄو سفر هڪڙي منٽ ۾ ختم ٿيو پر لڳو ائين تہ جڻ ختم ئي نہ پيو ٿئي. جيئن ئي لٿاسين تہ الله جا شڪر ڪياسين پر مزو بہ ڏاڍو آيو. اهڙو اميوزمينٽ پارڪ اجان چين يا پيڪنگ ۾ تہ ڪونہ ڏٺو هيو هيو چوٿين ڏينهن نورالله اسان کي Underground Train جو چڪر ڏيارڻ وٺي ويو. جنهن کي اتي Tube چوندا آهن. انڊر گرائونڊ ريل تہ چين ۾ بہ هئي پر پيانگ يانگ واري ڏسي حيران رهجي وياسين ريل ۾ چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ بہ هئي تہ Escalator بہ هيا. ادا نور الله ٻڌايو تہ هتان جي انڊر گرائونڊ ريل تمام گهٽي هيٺ آهي ۽ 150 فوٽ کان بہ مٿي آهي زمين جي اندر جڏهن هيٺ

اسٽيشن تي پهتاسين تہ لڳي پيو ڄڻ گهڻو پنڌ ڪري پهتا آهيون. اسٽيشن ڏاڍي صاف ۽ ان ۾ شينڊليئر Chandelier بہ لڳل هئا بہ ٽي اسٽيشنون سفر ڪيوسين ليڪن ريل ڪافي تيز ۽ ماڊرن هئي ٻاهر گهمي ڦري وري ان ئي ريل ۾ واپس آياسين اها ڳالهہ بعد ۾ ٻڌايائون تہ اها ريل رشين حڪومت 1960 واري ڏهاڪي ۾ ناهي هئي.

هڪ ڏينهن منجهند ڪانپوءِ هڪ لائبريري ۽ ميوزيم ڏسڻ وياسين. ميوزيم واري رستي هڪڙي جڳهہ هئي جتي بہ چار نوان پرڻيل جوڙا آيل هئا جتي پنهنجا پنهنجا فوٽو ڪڍي رهيا هئا. اتي اسان بہ فوٽو ڪڍيا. منهنجي زال چيو تہ اڇو تہ انهن جا فوٽو ڪڍون ۽ ڪجهہ ڳالهايون، جيئن ئي اسان انهن جا فوٽو ڪڍڻ لڳاسين تہ اسان کي ويجهو ڏسي پري ٿيڻ ۽ جڏهن اسان ڳالهائڻ چاهيو تہ تيز تيز پري ڀڄي ويا ۽ اسان سان هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايائون. نور الله ۽ ان جي زال ٻڌايو تہ اهي ڪنهن بہ فارينر سان نہ ڳالهائيندا ڇو تہ انهن کي حڪومت جي طرفان منع ٿيل هوندي آهي. جڏهن ميوزيم ۾ وياسين تہ سامهون Kim il Sung جي تصوير ٽنگيل هئي جنهن جي وچ مان سورج وانگر شعاع نڪرندي ڏيکاريا ويا مونکي تعجب لڳو. نورالله کان پڇيم تہ ادا هي ڪهڙي تصوير آهي تہ جيئن سج جي روشني سان دنيا روشن ٿيندي آهي اهڙي طرح سان Kim il Sung اسان ڪورين کي ڪاڏو پيتو ڏيندو آهي. يعني جيڪي ڪجهہ ملي ٿو اهو گريٽ ليڊر جي طرفان ملي ٿو. ادا نور الله چيو تہ هتي ڪجهہ بہ ان صاحب جي خلاف ڳالهائڻ ڏوهہ آهي ان ڪري اسان کي بہ خيال رکڻ گهرجي. ميوزيم تمام سهڻو ۽ وڏو هيو ليڪن گريٽ ليڊر جون تصويرون جتي ڪٿي لڳل نظر پئي آيون هڪڙي هنڌ Tray ۾ سگريٽ جو اڌ

پيل هيو اتان جي Guide ٻڌايو تہ هي سگريٽGreat Leader جو پيتل آهي ۽ باقي نشاني طور ميوزيم ۾ رکيل آهي. تورو اڳتي وڃڻ ڪانپوءِ ڪجهہ مختلف شيون هيون سي پڻ گائيڊ ٻڌايو تہ اهي گريٽ ليڊر چاهيو تہ اسان ان جي مرضي جي ڪري رکي ڇڏيون آهن. مطلب تہ جيڪا شيءِ هئي ان جو ڪنهن ڪنهن طرح سان گريٽ ليڊر سان تعلق ڏيکاريو پيو وڃي.

پيانگ يانگ شهر بيحد خوبصورت، صاف سٿرو ۽ تمام وڏيون بلڊنگز نهيل هيون. اتي ائين پيو لڳي تہ پيانگ يانگ ڪافي ترقي پسند شهر آهي پر نور الله ٻڌايو تہ ادا هي هڪڙي قسم جو Show Piece آهي. انهن جڳهن ۾ تمام گهٽ ماڻهو رهندا هوندا. اهو بہ ڏٺو ويو تہ ڪيئي فلور هيا جتي لائيٽ نظر نہ ٿي آئي يعني اتي ڪو بہ ڪونہ رهندو هيو. اهي رڳو ڏيکارڻ لاءِ ناهيون ويون هيون. روڊ اهڙا تہ صاف هيا جڻ تہ انهن کي ڌوئيندا هوندا. اڪثر ماڻهو پنڌ هلندا نظر آيا ڪجهہ بسون بہ هلن پيون تہ ڪجهہ ڪارون بہ نظر آيون ٿي. جيڪي صرف اتان جي آفيسرن يا ملٽري وارن جون هيون. ڪنهن ٻڌايو تہ انهن جي مطابق تہ پنڌ هلڻ صحت لاءِ سنو آهي. ٽريفڪ کي هلائڻ ۽ ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ بيحد سهڻيون ڇوڪريون يونيفارم ۾ هيون جڻ تہ روبوٽ Robot آهن.

هفتي کن رهڻ ڪانپوءِ ساڳي رستي ريل ذريعي تقريبن 20 ڪلاڪن ۾ اچي پيڪنگ پهتاسين اتان موڪلائي پيانگ يانگ ۾ ڪجهہ اهڙا بہ روڊ ڏٺا جتي رڳو گريٽ ليڊر جي ڪار هلي سگهي ٿي ۽ اها لائين وڏي ۽ ويڪري روڊ جي وچ ۾ هوندي هئي جيڪا صرف ۽ صرف تڏهن کولي ويندي هئي جڏهن گريٽ ليڊر ان روڊ تي اچڻو هوندو هيو ۽ ان کان پوءِ

وري ان روڊ کي بند ڪري ڇڏيندا هيا. جڏهن گريٽ ليڊر اتان گذرندو هيو ته روڊ جي ٻنهي پاسن کان عام ماڻهو بيهي ان جو آڌرڀاءُ ۾ تاڙيون وڄائي خوشي جو اظهار ڪندا هئا. ائين به هوندو هيو ته اهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهڻ وارا ماڻهو ان کي ڏسي پي ڪونه سگهندا هيا.

ادا نورالله جو پيار ڪٽي واپس پيڪنگ پهتاسين جيئن ته نورالله اسان جي پيڪنگ واري سفارتخاني کي اسان جي پهچڻ جو فون تي ٻڌائي ڇڏيو هيو ٻاهر نڪتاسين ته ڊرائيور مليو ۽ اچي گهر پهتاسين. سوچان ٿو ته جيڪڏهن نورالله اتي نه هجي ها ته اسان به نارٿ ڪوريا ڪونه ڏسي سگهون ها. انهي ڪري ته چوندا آهن ته جيڪڏهن ڪو هڪڙو ماڻهو ڪنهن به شهر ۾ واقف هوندو آهي ۽ اوهان اتي ويندا ته ائين لڳندو ڄڻ ته سڄو شهر اوهان جو آهي ۽ جيڪڏهن اتي ڪو به واقف يا دوست نه هوندو آهي ته ائين لڳندو ڄڻ ته سڄو شهر پرائو آهي.

# ٽوڪيو کان چين ذريعي واپسي

جنوري 1994 ۾ ٽرانسفر ٿي ۽ اسان هانگ ڪانگ ۽ بينگ ڪاڪ ذريعي ڪراچي پوءِ اسلام آباد پهتاسين. وري 1994 ۾ جڏهن ٽوڪيو هيس ۽ وري اتان بدلي ٿي ته سيني ويهي صلاح ڪئي ته جئين پيڪنگ رستي تي اچي ٿو چو نه ٻه چار ڏينهن اتي ترسي ۽ پراڻيون يادون تازه ڪندا هلون. ان بهاني سان پنهنجي ڏيءَ جو جمڻ جو هنڌ ڏسي سگهندي. حبيب هڪ دفعو وري پيڪنگ پوسٽنگ تي آيو هيو، ان کي فون ڪيم ته بدلي ٿي آهي وڃان پيو واپس. ان چيو ته هتان ضرور ٿيندو وڃجان ان بهاني سان ملاقات به ٿي ويندي چو ته ڪافي سال ٿيا هيا جو وري ڪونه مليا هئاسين. سيپٽمبر 1994 جي منجهند ڪانپوءِ اتان هلياسين ۽ ٽن ڪلاڪن اندر اچي پيڪنگ پهتاسين. ٻاهر نڪتس ته حبيب الرحمان سامهون بيٺو هيو اڇا وار، ننڍڙي ڏاڙهي ۽ اکين تي عينڪ پيل هيس ته مون ڪونه سڃاتو. اجان اڳتي وڌيس ته چيائين "سائين نهين پهچانا، اڙي حبيب تم.....اري بهئي تم تو پهچانه نهين جا رهي هو. تم ڪو ڪيا هو گيا هي" چيائين ٻڙهاپا ڏاڍا ياڪر پائي ملياسين اسان جي اها ملاقات تقريبن 8-7 سالن کان پوءِ ٿي. زوري گهر وٺي ويو ۽ چيائين ته هي تنهنجو پنهنجو گهر آهي جيڪي وٺئي کاءُ ۽ پيءُ ۽ مان توکي پاڻي جو گلاس پي آفر ڪونه ڪندس. خدا ان جي مغفرت ڪري حبيب هن جهان کي الودا ڪري پنهنجي ڏيهه هليو ويو آهي ۽ اسلام آباد ۾ آرام پيو ڪري. اسان جو هن پاڻ

۾ ان جي پوري فيملي ايترو تہ خيال رکيو جو شايد پنهنجو ياءُ بہ نہ رکي ها. پنج ڏينهن اتي هياسين انهن ڏينهن ۾ ڊرائيور اسان سان گڏ هيو ۽ اسان پيڪنگ جون يادون تازه ڪرڻ ۾ مصروف رهياسين. انهيءَ گهر ۾ رهياسين جتي اسان 1981 کان 1984 تائين رهيا هياسين. يقين ڪندا تہ جڏهن مان ايئرپورٽ کان حبيب جي گهر تائين آيس تہ هڪ بہ شيءِ مونکي اها نظر نہ آئي جيڪا مون 1984 ۾ ڇڏي آيو هيس. موٽر وي هيو جو ڏهن پندرهن منٽن ۾ گهر پهتا هئاسين. جڏهن تہ اڳي گهٽ ۾ گهٽ 30 کان 40 منٽ لڳندا هيا. جڏهن شهر ۾ اوسي پاسي جو دورو ڪيوسين تہ مونکي صرف Friendship Store ٽين مين اسڪوائر يا خاص جڳهون هيون اهي ساڳيون نظر آيون باقي ائين پيو لڳي تہ ڪنهن نئين پيڪنگ ۾ اچي پهتا آهيون. وڏيون بلڊنگون، ماڊرن مال پر سائيڪليون اجا بہ هيون پر گاڏين ۾ ڪارن جي ايتري رش جو لڳي پيو تہ بينگ ڪاڪ جي ٽريفڪ ۾ اچي ڦاٿا آهيون. ماڻهن جون پرائيويٽ گاڏيون ۽ ٽيڪسيون عام جام هيون. پيڪنگ هوٽل جي آمهون سامهون تمام وڏو Macdonald هيو جتي ماڻهن جي رش لڳي پئي هجي. مونکي مائوزي تنگ وارو چين نہ لڳو پر Deng Xiao Bing وارو چين لڳو. اڳي جتي اسان وجي ننڍڙن دڪانن تان شيون وٺنداهياسين هاڻي هاءِ رائيز بلڊنگون نظر ٽي آيون. جتي ماڻهو Jeans ۽ ڪيمرا لاءِ ماڻهو اسان کي فرمائشون ڪندا هيا تہ اهي هانگ ڪانگ مان وٺي اچون ليڪن هاڻي وڏا وڏا مال هر هنڌ ڏناسين. Friendship Store جيڪو بهترين شاپنگ سينٽر هيو اهو تہ هاڻي جڻ اهڙو پراڻو ۽ غريباڻو پيو لڳي جتي وڃڻ لاءِ ڪو بہ راضي نہ هيو. بازار اندر وڃڻ ٿيو تہ دڪانداري جڻ تہ اسان کان

سڪيا آهن ۽ زوري پيا گهلن ته اسان اوهان کي وڊيڪ ڊسڪائونٽ ڏينداسين ۽ انهن تي خوبصورت چوڪريون هيون ۽ دڪان ڪپڙن يا ٻين شين سان پريل هئا نه وننديون به هر هڪ ڪافي خريداري ڪئي جيڪا ڪٽڻ مسئلو تي پيو.

چين لاءِ ڪافي ڪجهه لکڻ لاءِ دل چوي ٿي چو ته چين منهنجو پهريون پيار هيو ۽ اسان جو دوست به ليڪن ڏسجي ته ڪافي لکجي به ويو آهي. هن ڪان پوءِ وري اوهان کي ايندڙ ڪتاب ۾ ڪينادا، جاپان، هانگ ڪانگ، روس، پوليند، رومانيه، ايران، فرانس، بحرين، آزربائيجان، تيونس ناروي ۽ ٻين ملڪن جا احوال اوهان آڏو حاضر ڪندس.

اميد اٿم ته هي منهنجي ڪوشش جيڪا مان اوهان سان Share ڪئي آهي پسند آئي هوندي. جيڪڏهن اوهان کي وٽي آهي يا پنهنجي راءِ ڏيڻ چاهيو ته هن ايڊريس تي ٻڌائيندا ته جيئن منهنجي رهنمائي ٿي سگهي ۽ اڳئين ڪتاب ۾ انهن خامين کي دور ڪري سگهجي منهنجي E-mail هي آهي.

faizkhoso@hotmail.com

موڪلاڻي ڪانهي، زندگي سات ڏنو ته وري اوهان سان ڪچهريون ٿينديون.

يارو ياري

**فيض کوسو**

اڳوڻو سفير

5th April, 2020.

